


# کلامِ ضامن

از

فقير محمد بخش ضامن


سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2023ع

كتاب جا سمورا حق واسطا درگاهه جي سجاده نشين وٽ محفوظ

چاپو پهريون جنوري 2023ع تعداد 500

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: پنج سؤ رپيا

(Price: 500-00)

**خريداري لاءِ رابطو:**

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

**تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ**

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org www.sindhiadabiboard.net

---

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهيو ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاهه، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

786

# انتساب

آئون انتهائي ادب ۽ احترام سان پنهنجي اندر جي هن آواز کي قبلہ مرشد مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين رحہ جن جي اسمِ گراميءَ سان منسوب ڪريان ٿو، جو پاڻ نہ رڳو هن فقير کي تخلص عنايت ڪيائون پر هن ڪلام جي ڪجهہ حصي جي اصلاح ڪرڻ پڻ فرمايائون.

ضامن ٿيو تخلص دلبرڪان اڄ عنايت،

منهنجو بہ هوندو ضامن هر وار يار سو.

# ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب ”ڪلام ضامن“ سنڌ جي ناميار ي شاعر فقير محمد بخش ضامن جي ڪافين جو مجموعو آهي. سندس شاعريءَ جي زبان نهايت ئي سهڻي ۽ سادي آهي. جنهن ڪي هر خاص و عام آسانيءَ سان سمجهي ۽ پڙهي سگهي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي ته، سنڌي ٻوليءَ جي معياري شاعري کي اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آندو وڃي. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نوان ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. سندن علمي ۽ ادبي گهراڻي سان وابسته هئڻ سبب، بورڊ طرفان نوان ڪتاب اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميمبر صاحبان جي مشاورت سان بورڊ جي اشاعتي سلسلي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ نت نوان پروگرام جوڙيا آهن. ان ڪانسواءِ سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ رکيل مختلف موضوعن جي قلمي مخطوطن ۽ پبليڪيشن شعبي ۾ موجود اڻڇپيل مسودن جي اشاعت لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن.

عزتمآب جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي ذاتي دلچسپي تحت بورڊ طرفان نوان ڪتاب شايع ڪرايا پيا وڃن. هيءُ ڪتاب ”ڪلامِ ضامن“ پڻ اِن سلسلي جي ڪڙي آهي.

جنهن جو هيءُ پهريون ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي نگرانيءَ ۾ بورڊ طرفان شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي ته، سنڌي ادبي بورڊ جي هيءَ ڪاوش شاعريءَ سان چاهه رکندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

19- جمادي الثاني 1444هه — سيد سڪندر علي شاهه
12- جنوري 2023ع — سيڪريٽري

# فهرست


حضرت قبله مخدوم طالب المولىٰ سائين جن هٿ اکر 15
قبله مرشد مخدوم جميل الزمان سائين طرفان 16
پنهنجي پاران - فقير محمد بخش ضآمن 17
مهاڳ - علي اڪبر هنگورجو 24
شڪر ادائي - فقير محمد بخش ضآمن 32
ڪلام ضامن
1. نڪي دنيا ۾ ٿيو ٿيندو، سڄڻ سردار جو ڪو مٽ................................ 37
2. فقط ديدار لاءِ آهيان. سوالي يا رسول الله.................... 38
3. سندم هيءَ التجا اڄ ئي، اگهائج يا رسول الله ﷺ.................... 39
4. مديني جيءَ گليءَ جو مان، ڪتڙو ڪارڙو آهيان.................... 40
5. ڪرم ڪري ڪو اي ڪلتار، موليٰ موڪل اڄ ئي مديني.................... 41
6. مديني جون گليون، گهمائين ته واهه وا.................... 42
7. مديني جا مالڪ سگهو تون سڏائج.................... 43
8. ڪيو ياد تنهن جو آ مرسل موچارو.................... 44
9. ٿي مدد مشڪل ڪشا، مشڪل مڙئي آسان ڪر.................... 45
0. تڏهن ڳوڙها اکين مان ڏاڍا ڳڙن جڏهن ڪربلا جون گهڙيون ياد پون.............. 46
l1 اڄ ئي ڪراءِ موليٰ زيارت حسين جي.................... 47
2. آهيان اصل کان آئون، نوڪر حسين جو.................... 48
3. رويو وينو روءِ، رويو روءِ.................... 49
4. آهي محرم ۾ ماتام، هئي هئي مير حسين جو.................... 50

3. هتي اڻ ڄاڻ ڇا ڄاڻن، نرالو شان صوفيءَ جو........ 150
4. آهيان آئون اڻڄاڻ مولا، ڄاڻ تو سيڪا تون ئي ڄاڻين........ 151
5. تار تڪيءَ مان تار، مولا هادي ڪر ڪا تون همراهي........ 152
6. عشق جا ڏس اسرار، عقل جي ات ڪا جاءِ نہ آهي........ 153
7. دنيا آ ڪٽ ڪوڙ ڪسارو، ڇٽ پٽ جو چلڪو........ 154
8. مولا هاڻي مينهن وساءِ، آس وندن جي آس پڄائج........ 155
9. عشق عجب ڪري آر، عقل کي نيٽ ٿو ماري مڄائي........ 156
0. آس اها آهي اڄان، ڏاڏاڻن جو ڏيهہ ڏسڻ جي........ 157
1. اڄهو ۽ آسرو منهنجو، تماچي تڙ ڏٺي آهين........ 158
2. سارنگ سَو رنگ لاياوي، دوست اچي مل مونسان هندم........ 159
3. بادل ڪئي هي بهاري وي، مينهن وسڻ دي موسم آئي........ 160
4. موڳا مَ ٿيءُ مغرور، جو پنهنجو سمجهين، سو ماڳ پرايو........ 161
5. سرس لڳي آهي سڪ، ماروئڙن سان مونکي ملڻ جي........ 162
6. هت ڪريان آئون ڇا، ڙي پينر ملڪ آ منهنجو، ملير مڙوئي........ 163
7. جيڏيون ڪري ويم جت ڙي پينر مئيءَ سان ڏکن جو مامرو........ 164
8. چرخو ويني چور، ڙي جيڏيون، ڪتڻ بناڪم ڪجهہ نہ ايندئي........ 165
9. ڪار ڪتڻ جي ڪر، مولا ڄاڻي، ويهي ڇو تون وقت وڃائين........ 166
0. آهيان تنهنجي سام، ڇوريءَ کي و مواريان- ڇوريءَ کي نہ ڇڏجان........ 167
1. هيڏا ٿيا هت حال، ساڄن تنهنجي سڪ ۾........ 168
2. تن ماروئڙن ڏي ني الا ماروئڙن ڏي ميار........ 169
3. پورا ڪيم کي پل، هليو هل واٽ وٺيو تون وحدت واري........ 170
4. پنهنجو تون پاڻ سنڃاڻ، پاڻ سنڃاڻ، آهن مڙيئي مون ۾ مدايون........ 171
5. راڻا ڇڏ تون رسڻ، سڏڙا سڻ، مومل کي ڪر معاف مدايون........ 172
6. حيلا ڪران مئين هزار، مئڏا يار، رانجهن سائين ڄاڻ کي آيا........ 173
7. راڻا ڇڏ تون رنج رسامان، ريت رسڻ جي تو نہ جڳائي........ 174
8. ڏينهن اٿان هئين تون ڏون چار، غفلت وچ ول ڪوهہ گذارين........ 175
9. ڏيان ذرو ڪجهہ ڏار، مسافر، آهين هتي مهمان........ 176
0. دل ٿي گهري هن دم، اڄ کي عيدون ٿين........ 177
1. صبح شام تون مدام، ڪر پچار خدا جي........ 178
2. هنجهہ ٿو چوائين هتِ، پوءِ ڇو رکين ٿو چاهہ چڀن سان........ 179
3. هوئي راضي مئين نال ماهي، مئڪون غرض نہ ڪنهن دي ڪائي........ 180
4. هَئين ڏينهن اٿان تون چار، رهہ هر پل وچ هشيار........ 181
5. هت پاڻ ڇو پنهنجو پڏائين، تون تہ موڳا مسافر آهين........ 182
6. عمرڪوٽ ۾ هيءَ ڳٽتي ٿي ڳاري، ڪري ڏارڏاري ڇو وينا وساري........ 183
7. عمرڪوٽ تنهنجو ڪڏهن نيٽ ڪرندو، سڻائو سڪن جو وري واءُ ورندو.. 184
8. ٿين تنهنجا بخت جيڪر ملئي صحبت فقيرن جي........ 185
9. ڇڏي ڪم قرب مان ڪاهي، زيارت ڪر فقيرن جي........ 186
0. حق مٿي هلندا هلو، رستو سڌو وٺندا هلو........ 187
1. ڪيئن ڪريان ڪنبندي وڃان، پنهل پنهنجو پڇندي وڃان........ 188
2. ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي ڪر، ٿيندئي سهنجو پوءِ سفر........ 189
3. نچ ڙي نا چونچ، نچ نچ نچ ڙي ناچونچ، ٻارج محبت جا کي مچ........ 190
4. متان تون پولڙي پلجان، نچي مالڪ ڪجان راضي........ 191
5. آهين تون پولڙي پوري، نچائن جين پيئي نچجان........ 192
6. پنهنجي پاڻ سان ڪر انصاف، رک تون سينو سدائين صاف........ 193
7. اسين ميلا محبت جا، مچايون پيا مچايون پيا........ 194
8. آهيون اپرا ۽ اڻڄاڻ اسين، وٺيو تنهنجي وتون پيا اڙ اڙ اڙ........ 195
9. متان موڳا منجهين هيءَ مهل اٿئي، اٿ رمزرنديءَ ۾ رچ رچ رچ........ 196
0. وري ڪالهہ ڪونجن، روئاريو هتي، وطن ڏي ورڻ لاءِ پڪاريو هتي........ 197
1. وٺو ملڪ مارن جو آهي ملير........ 198
2. اڇو کي پاڻ ۾ ڪريون، سرور شاهہ جون ڳالهيون........ 199
3. اڄهو ڄاڻ تنهنجو هتي ڄاڻ آيو........ 200
4. لائق انجي مور نہ آهين ڪيئن ٿو پاڻ فقير سڏائين........ 201
5. سنجهي مان نہ سرتيون ڪيم ڪو جتن، تڏهن جاڙ جيڏيون ڪيو تن جتن.. 202



قبل طالب المولىٰ سائين جن ڪي اصلاح لاءِ ڏنل شاعريءَ جي ڪاپي تي لڳل نوٽ




قبلہ مرشدنا مخدوم طالب الموليٰ سائين جن کان مليل تخلص سندن هٿ اکرن ۾

## پنهنجي پاران

حضرت منٺار فقير سائين ﷫ جن جي ولادت اندازاً 1855 ڌاري ٿي، ۽ وصال 10 شوال 1353ھ 16 جنوري 1935ع تي ٿيو. کين هڪ فرزند فقير پيربخش هو، جنهن جو وصال عين جوانيءَ ۾ 1915ع ڌاري ٿيو. سندن ٻہ فرزند هئا: فقير ولي بخش ۽ فقير قبول محمد. فقير منٺار سائين جن پنهنجن پوٽن کي پالي وڏو ڪيو. سندن وصال بعد سندن وڏو پوٽو فقير ولي بخش سائين ﷫ جن درگاهہ شريف جا پهريان سجاده نشين ٿيا. کين ٻہ فرزند ٿيا: فقير ولي محمد ۽ غلام حسين جن مان غلام حسين جو ننڍي هوندي ئي انتقال ٿي ويو. فقير ولي بخش سائين جن سچا فقيربيمثال خوبين جا مالڪ بهترين شاعر، سروري ذڪر سماع جا وڏا ڄاڻو ۽ علمِ موسيقيءَ جي وڏي سمجهہ رکندڙ هئا. درگاهہ شريف جي قبي ۽ مسجد شريف جيڪي فقير منٺار سائين جن پاڻ تعمير ڪرايا. ان کان علاوه باقي سمورو تعميراتي ڪم پاڻ ڪرايائون. سندن خواهش هئي تہ پنهنجي اڪيلي فرزند فقير ولي محمد جن جي شادي ڪنهن فقيراڻي گهراڻي مان ٿئي، انڪري ڪافي ايندڙ رشتن کي پاڻ قبول نہ ڪيائون. نيٺ قبلہ حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائينءَ جن هڪ وڏي فقيراڻي گهر مان وڏي نالي واري درويش سچي سروري فقير حاجي عبدالحليم فقير درس جي فرزند سوني فقير درس جي گهران بابا سائين فقير ولي محمد جن جو رشتو طئي ڪيو ۽ 1965ع ڌاري سندن شاديءَ جو مثالي ڪاڄ ٿيو. جيڪو ٽن ڏينهن تائين هليو. فقير ولي بخش سائينجن جو ارادو هو تہ فقير ولي محمد کي پٽ ٿيو تہ ان

جو نالو امداد علي رکبو. منهنجي ولادت کان هڪ ڏينهن اڳ نانا حاجي عبدالحليم فقير جن هٽ آيا ۽ فقير ولي بخش سائين جن کي ٻڌايائون ته مون خواب ۾ هڪ بزرگ کي ڏٺو جنهن فرمايو ته فقير ولي محمد کي پٽ ٿيندو، ان جو نالو محمد بخش رکبو. ٻي ڏينهن 20 جمادي الثاني 1387ھ 25 سيپٽمبر 1967ع ۾ سومر رات فجر مهل هن جهان فاني ۾ اک کوليم. ۽ منهنجو نالو محمد بخش رکيو ويو. هينئر زندگيءَ جي ڪتاب جو پنجونجاهون ورق زيرِ مطالع اٿم. اها منهنجي خوش نصيبي ڇئبي جو منهنجو نالو خواب ۾ مليو ۽ ڏاڏاڻن چاهي ناناڻن ٻئي پاسا فقيرن جي پشت مليم. تعليم پنج درجا سنڌي ڳوٺ جي اسڪول مان پڙهي پورا ڪيم ۽ ان وقت سواريءَ جي خاطرخواهه انتظام نه هئڻ ۽ ننڍي هوندي کان ئي دم جي تڪليف هئڻ سبب اڳتي پڙهائيءَ لاءِ شهر نه وڃي سگهيس ۽ پڙهائيءَ جو سلسلو اتي ئي رڪجي ويو. قرآن پاڪ جي تعليم ڳوٺ ۾ اچي رهي ٻار پڙهائيندڙ مولوي حبيب الله فقير ملتاني کان ورتم. جيڪو تر ۽ اصل انڊيا جو هو ۽ مخدوم صاحب ملتان واري جو سچو مريد هو ۽ ڏاڍو ڀلو انسان هو. ان وٽ قرآن پاڪ پڙهي پورو ڪيم. شڪر آهي جو مون کي ننڍي هوندي ئي فقير ولي بخش سائين ؒ جن جي خدمت ۽ صحبت جو موقعو مليو. ۽ ننڍي هوندي کان ئي شاعري پڙهڻ جو شوق هوندو هو ۽ اسڪول جي پڙهائي دوران پنهنجي ڪاپين تي فقيرسائين جا ڪلام لکندو هئس ۽ فقير ولي بخش سائين نوان ڪلام ناهيندا هئا ته اهي لکندو هئس. هڪ دفعي جو واقعو آهي ته فقير سائين ۾ نوان ڪلام ناهيا هڪ جو ٽل هو ته:

ٽلهه: تنهنجا ڳڻ ۽ ڳالهيون يار، مونکان ڪنهن دم کين
ٿيون وسرن.

۽ ٻيو ڪلام هو ته:

ٽلهه:چوڻ دل جي اکيون اڙيون، وڃي ڦاٿيون مون کان زوري.

مون کي فرمايائون ته هي ڪلام لک ته هالا شريف هلون ٿا، اتي طالب المولىٰ سائين کي پيش ڪريون مون ٻئي ڪلام لکيا. ڪافيءَ جو دستور آهي ته گهٽ ۾ گهٽ چار مصرائون ضرور هجن. وڌيڪ جيترين به هجن مون کان الائي ڪيئن هڪ ڪافيءَ جي هڪ مصرع لکڻ رهجي وئي ۽ فقيرسائين به چيڪ ڪونه ڪيون. هالا شريف پهتاسون ته سائن جي حاضري تي فقير سائين جي چوڻ تي مون ٻئي ڪلام ڪين پيش ڪيا. سائين فقير سائين کي فرمايو ته فقير هڪ ڪلام ۾ هڪ مصرع گهٽ آهي فقير سائن عرض ڪيو ته قبلا مصراعون ته پوريون ٿهيل آهن. سائين وري فرمايو ته هڪ ڪلام ۾ ٽي مصراعون آهن ته فقير سائين مون ڏي ڏسي سائن کي عرض ڪيو ته پوءِ اهي هن جا ڪم آهن. پنو مون کي واپس مليو مون بنگلي کان ٻاهر نڪري رهيل مصرع جيڪا چڱو جو ياد هيم لکي مڪمل ڪري وري قبلا سائن کي پيش ڪيم.

1983ع ۾ فقير ولي بخش سائين ؒ جن جو وصال ٿيو، بابا سائين فقير ولي محمد ؒ جن درگاهه شريف جا سجاده نشين ٿيا. ان عرصي ۾ هتي بزمِ طالب المولىٰ جي شاخ کلي ۽ مشاعرا ٿيڻ لڳا ته شعر لکڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ شايد هڪ ٻه شعر لکيم به جيڪي بابا سائينءَ جي زور ڀرڻ تي شايد مشاعري ۾ پڙهيم. پر اهو سلسلو به اتي ئي رهيو ۽ اهي شعر به محفوظ نه ٿي سگهيا. اپريل 1985ع ۾ بابا سائين جن به اسان کي اڪيلو ڇڏي راهه رباني وٺي هليا ۽ درگاهه شريف

جي خدمت جو بار مون تي آيو، وري به اهڙا موقعا آيا جو ڪجهه شعر لکڻ جو اتفاق ٿيو. پر اهي شعر به محفوظ نه ٿي سگهيا. ننڍي هوندي ئي فقط 18 سالن جي عمر ۾ درگاهه شريف جون سموريون ذميواريون ملڻ، ميلا، ڏهاڙا، محرم شريف ۽ روزمره جي ذميوارين سان نباهڻ. سڀ دستور جيئن جو تيئن هلڻ ۽ ڪن ڏکين مهلن ۾ به اڪيلي سر ثابت قدم رهڻ ۽ مڙس ٿي منهن ڏيڻ جي مون ۾ ڪابه طاقت ڪانه هئي، اهو سڀ قبلا مرشد مخدوم طالب المولیٰ سائين جن جي خاص نظرِ ڪرم هر وقت سندن همراهي جي ڪري ئي ممڪن ٿي سگهيو ۽ اها چڻ سندن ڪرامت ئي هئي ۽ مرشد جي ان عنايتن جي ڪري ئي درگاهه شريف جا جملي دستور بحال ۽ برقرار آهن ۽ انهن ۾ ڪابه گهٽ وڌائي نه ٿي آهي ۽ اهي نوازشون اهي عنايتون انشاءُالله تا وقت جاري رهنديون. هتي درگاهه شريف تي مجاور محمد علي فقير شيخ رهندو هو، جيڪو اصل ميگهواڙ هو پٽ شاهه جي طرف جو ننڍي هوندي والدين جي وفات سبب گهمندو ڦرندو هتي اچي نڪتو، فقير ولي بخش سائين جن وٽ پوءِ سندن توسط سان قبلہ مخدوم غلام محمد (گل سائين) جن کيس مسلمان ڪري نالو محمد علي رکيو. پوءِ سڄي عمر هتي رهي درگاهه شريف ۽ فقير سائين جي خدمت ڪيائين. هڪ ماڻهو ڏهن ماڻهن جيترو ڪم ڪندو هو بهترين راڳي هو، اسر جو ذڪر ڏهر ڪان پوءِ ڪافيون جهونگاري پڙهڻ سندس دستور هو، اها جهونگار ڏاڍي وڻندڙ هوندي هئي. 1990ع ڌاري انتقال ٿيس ۽ هتي درگاهه تي رکيل آهي. ٻيو تارو فقير پيل جيڪو ٻچپن کان ئي ماتا جي بيماري سبب نابين ٿي ويو، فقير سائين ان کي پاڻ وٽ رهايو ۽ سندس تربيت ڪيائون، استاد منظور علي خان جو اچڻ ٿيندو هو ته ان کان به سکندو هو، ائين بهترين راڳي ٿيو. قبلا طالب المولیٰ سائين کيس گهرائي ٻه چار ڏينهن رهائيندا هئا ۽ روز سندس محفل ٻڌندا هئا. قبلا مخدوم امين فهيم سائين ۽ قبلا جميل الزمان سائين به کيس شوق سان ٻڌندا هئا. هينئر ٻه چار سال پهرين سندس انتقال ٿيو آهي ۽ هتي درگاهه شريف تي ئي مدفون آهي.

محمد علي فقير ۽ تاري فقير جي هتي موجودگي سبب جهونگار يا محفل اڪثر ٿيندي ئي رهندي هئي، ان ماحول وري شاعريءَ جو شوق ڏياريو، هڪ دفعي 15 شوال 1409هه 12 مئي 1989ع آچر ڏينهن ڪِڙَ ۾ تاري فقير سان ويٺي ڪچهري ڪندي هڪ ڪافي خيال ۾ آئي تل ۽ هڪ اڌ مصرع ٺهي تارو فقير جهونگاريندو ويو، پوءِ ڪمري ۾ اچي ڪاغذ پين کڻي ڪافي لکي پوري ڪئي. ان ئي ڏينهن وري ٻي ڪافي به ٺهي وئي، ائين اهو سلسلو شروع ٿيو، ۽ هلندو هليو ان وقت ڪجهه مشاعرا به ٿيا. ڪلام وڌيڪ ٺهيا ته محفلن ۾ ڳائجڻ شروع ٿيا، خاص ڪري جمع جي رات محفل ۾ ۽ ميلي ۾ به ڳايا ويا ۽ شاعريءَ جي خبر عام ٿيندي وئي ته اهو خيال اچي ٿيو ته اها خبر هاڻ ضرور قبلہ طالب المولیٰ سائين ﷫ جن تائين پهچندي ۽ اتان پڇا ٿي ته پوءِ آئون ته الائي ڪهڙا ڪچا ڦڪا شعر پيو لکان، نڪا ڄاڻ اتم نه تربيت ۽ نه ئي اصلاح ٿو ٿئي، بس لفظ شعر جي صورت ۾ اچن تا ۽ لکيو ڇڏجن، نيٺ اهو خيال ٿيو ته قبلا سائن کي جو ٻي هنڌان خبر پئي ان کان پهرين جيڪو شعر آهي لکي وڃي کين پيش ڪجي، پوءِ جيڪو حڪم ٿيو، ائين 25 جون 1990ع پهرين ذوالحج 1410هه سالانه سومار شريف وڏي ميلي تي شعر ترتيب سان لکي کڻي ويس، ۽ اها ڪاپي قبلہ طالب

المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن کي پيش ڪيم ۽ عرض ڪيم ته قبله هي ڪجھ شعر لکيا اٿم، پاڻ اها ڪاپي رکيئون. ان وقت تائين شاعريءَ ۾ جي محمد بخش نالو ڳرو ٿي لڳو ته منهنجو ٻيو نالو امداد علي جيڪو فقير ولي بخش سائين جن رکيو هو ان مان امداد شعر ۾ ڪم آندم ٿي.

قبله مخدوم طالب المولىٰ سائين جن سگهوئي علاج خاطر لنڊن اُسريا ته منهنجي ڏنل ڪاپي به پاڻ سان گڏ کڻي ويا. ان کي اتي ڏٺائون ۽ نوٽ لکيائون. لنڊن مان واپس پهتا ته تاريخ 5 صفر 1411ھ 27 آگسٽ 1990ع سومر ڏينهن اندازاً پوڻين ڏهين بجي ڪاپي واپس ملي. شاعريءَ جو سلسلو هلندو رهيو. هڪ دفعي 5 نومبر 1991 27 ربيع الثاني 1412ھ آڱاري ڏينهن هالا شريف ۾ قبلا طالب المولىٰ سائين جن جي حاضري تي وڃڻ ٿيو ته پاڻ تخلص عنايت ڪيائون. 'ضامن' جيڪو اڳ ۾ ئي پني تي لکي رکيو هئائون. ضامن ۽ اڳيان ان جو معنائون، ان ئي ڏينهن واپس ايندي حيدرآباد ۾ مليل تخلص تي پهريون غزل لکيم ته:

دل تان نه دم لهي ٿو، دلدار يار سو،
منهنجو ته آهي مالڪ و مختيار يار سو،

آخري مصرع ته:

ضامن ٿيو تخلص، دلبر ڪان اڄ عنايت،
منهنجو به هوندو، ضامن هر وار يار سو،

ان بعد مليل تخلص ئي شاعريءَ ۾ ڪم آندم، اندازاً 1990ع ڌاري قبله طالب المولىٰ سائين جن اسان جي ڳوٺ عزيزن مان يار محمد راڄڙ جي گهر منهنجو رشتو طئي ڪيائون. هالا شريف ۾ ۽ ان جي مٽائي پنهنجي طرفان گهرائي ڏنائون. ائين 1990ع ۾ منهنجي شادي ٿي. 14 ڊسمبر 1992ع 20 جمادي الثاني 1413ھ اربع رات فجر مهل مون کي فرزند عطا ٿيو. اهو به عجيب اتفاق جو منهنجي ۽ منهنجي فرزند جي ولادت جي اسلامي تاريخ مهينو ۽ ٽائيم ساڳيو آهي. ان ڪان ٻه ٽي ڏينهن پوءِ هالا شريف وڃڻ ٿيو. قبلا طالب المولىٰ سائين جن لاءِ مٽائي وٺي پاڻ علالت سبب ڪنهن سان مليا ڪونه ٿي، پر خاص مهرباني فرمائي سڏيائون. ننڍڙي جي ولادت جو ٻڌايوسون ته پاڻ فرمايائون ته نالو ڇا رکبو. عرض ڪيم ته قبلا والد صاحب جو نالو فقير ولي محمد رکڻ جو ارادو آهي ته پاڻ هڪ دم فرمايائون ته نالو رکبو فقير ولي بخش اسان جي هوندي فقير ولي بخش موٽي آيو آهي. وري ٻيو فرزند ٿيندو ان تي والد جو نالو رکجو پوءِ ڪافي دعائون وٺي واپس ٿياسون.

منهنجي ولادت تي فقير ولي بخش سائين رحمة الله عليه جن ڪافي لکي هئي ته:

ٿل: منهنجو دوست دلبر اڄهو يار آيو،
منهنجي ملڻ لاءِ واليءَ ورايو.

وري جڏهن مون کي فرزند فقير ولي بخش تولد ٿيو ته مون به ڪافي لکي ته:

ٿل: ڪرم ڪيا قادر وري، دلدار موٽي آئيو،
دلدار موٽي آئيو، مٺار موٽي آئيو،

1. جنهن جي ملڻ لاءِ مُدتن ڪان، مون ٿي مڃتائون ڪيون،
سي پڳيون آسون سندم، سو يار موٽي آئيو.
2. ڏينهن ٿيا جنهن کي ڏٺي، سالن ڪان ٿي سينو سکيو،

سو اج سرچي اڳڻ، سردار موٽي آئيو.

3. مايوسين من ۾ جڏهن، دل ۾ دکن ديرو ڪيو،
سي سيئي غم دور ٿيا، غمٽار موٽي آئيو.

4. ٿيون خوشيون ۽ شاديون، هر روز مون لاءِ عيد جيئن،
منهنجي من جو مهلقا، مهندار موٽي آئيو.

5. خير خيراتون ڪيو، صدقا سجڻ تان سؤ دفعا،
ضامن آ اڙين سندو، آڌار موٽي آئيو.

4 رجب 1413ھ

28 ڊسمبر 1992ع

اڳاري رات مڪان تي

اندازاً سال 1992ع جي ڪجھ يادگار ڏينهن جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي، جو هڪ دفعہ قبلا مرشدنا طالب الموليٰ سائين جن هالا شريف گهرائي ڪجھ ڏينهن اتي رهڻ جو حڪم ڏنو. منهنجي يادگيري موجب پنج ڏينهن رهيس، هر ڏينهن صبوح جو ٺيڪ 10 بجي کان هڪ بجي تائين سندن حاضريءَ ۾ موجود رهڻ جو حڪم ٿيو. روزانو ٽي ڪلاڪ سندن ڪچهريءَ ۾ ويهبو هو. پوءِ ڪڏهن ماڻهن سان ملندا هئا ۽ ڪڏهن حاضري بند هوندي هئي تہ فقط نوڪر حاضريءَ جا ئي هوندا هئا. ان ۾ هڪ ڏينهن ڊائلاسس ٿيڻ جو آيو جو ڊائلاسس جا ڏينهن مقرر هئا، اتي ئي ٿيندي هئي، ۽ ان ڏينهن جي بجاءِ شام جو اچڻ جو حڪم ڏنائون ۽ اهو ٽائيم شام کان رات تائين بہ ٽي ڪلاڪ ويهڻ ٿيو. اهي بيمثال يادگار ڏينهن هئا. 11 جنوري 1993ع 17 رجب 1413ھ تي قبلا طالب الموليٰ سائين جن جو وصال ٿيو. هتي قبلہ طالب الموليٰ سائين جن جي يادگيرين جو خاص ذڪر ڪيو اٿم، اجان بہ سندن ڪافي يادگيريون مهربانيون ۽ نوازشون رهيون ۽ اهي مهربانيون عنايتون ۽ نوازشون قبلہ مرشد مخدوم امين فهيم سائين، قبلا مرشدنا جميل الزمان سائين ۽ سائن جي خاندان جي سيني فردن جون درگاهہ شريف سان ۽ هن فقير سان هميشہ رهيون آهن ۽ انشاءَالله رهنديون. اهو سڀ الڳ الڳ تفصيل سان ذڪر ڪبو تہ پوءِ هيءُ ڪتاب شاعريءَ بجاءِ نثر جو ٿي ويندو. انشاءَالله وري مهل موقعي سان اهو بہ تفصيل سان ۽ الڳ الڳ ذڪر ڪبو.

قبلا طالب الموليٰ سائين جن جي وصال بعد مون ارادو ڪيو تہ هاڻ شاعري ڪانہ ڪبي ۽ تخلص ملڻ کان اڳ جي ڪلامن ۾ بہ ترميم ڪري تخلص آندو ويو ۽ ائين شاعريءَ جو سلسلو اتي ئي رڪجي ويو. نيٺ وري اهڙو موقعو آيو جو وري شاعري شروع ڪرڻي پئي.

بابا سائين جن جي ورسيءَ جي موقعي تي 25 رجب 1420ھ 4 نومبر 1999ع خميس ڏينهن ڪاروانِ ادب سنڌ ڪاس ۽ منٺار فقير اڪيڊمي طرفان گڏيل آل سنڌ اردو سنڌي مشاعرو رکيو ويو. طرح قبلہ جميل الزمان سائين جن کان ملي جيڪا سندن بقول تہ ڏنل محبوب سروري جي هئي، پر قبلہ طالب الموليٰ سائين جن جي پسنديده طرحن مان هئي.

طرح: منهنجا موليٰ قرب جو هي قافلو هلندو رهي.

انکي اردو ۾ ڪيوسون تہ: مری رے مول[illegible] چاهتوں کا، کاروان چلتا رہے.

ڪاس جي چيئرمين پير غلام مجدد سرهنديءَ جي ڪوشش سان تمام ڪامياب ۽ يادگار مشاعرو ٿيو. سڄيءَ سنڌ مان اردوءَ ۽ سنڌيءَ جا شاعر آيا. ان موقعي تي وري شعر لکڻ جي شروعات ٿي. ۽ هاڻ اهو

سلسلو هلندو پيو اچي. منهنجي شاعريءَ جو گهڻو حصو ڪافيءَ تي مشتمل آهي ۽ ان بعد غزل باقي جن صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿم، تن ۾ نظم، بيت، ڏهڙ، قطعا ۽ مثنوي شامل آهن. هيءُ رسالو فقط ڪافين تي مشتمل آهي. هن رسالي ۾ ٻه سؤ 200 ڪافيون شامل ڪيون ويون آهن. باقي شعر محفوظ آهن. وري انشاءَالله ٻي موقعي تي ڇپبو.

منهنجي شاعريءَ جو پهريون دور 1989ع کان 1993ع تائين ۽ ٻيو دور 1999ع کان هن مهل تائين آهي.

منهنجا ڪجهه شعر نموني خاطر فقير منٺار سائينؒ جي رسالن خدائيءَ رهنمائيءَ ۽ مرتضائيءَ ۾ اردو ۽ سرائڪيءَ جا شعر سندن اردو رسالي ۾ ڇپيا آهن. ۽ فقير سائين جي رسالن جي ناياب ٿيڻ سبب ٻه دفعا ميلن تي چونڊ ڪلام جي نالي سان ڪتاب ڇپيو. ان ۾ فقير منٺار سائينؒ فقير ولي بخشؒ سائين ۽ منهنجا شعر شامل هئا.

مون ٽن ٻولين سنڌي، اردو ۽ سرائڪيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي. هن رسالي ۾ سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون شامل ڪيون ويون آهن. مون کي پنج پٽ ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد آهي.

منهنجي فرزندن جا نالا: (1) فقير ولي بخش، (2) فقيرولي محمد، (3) فقير اعجاز علي، (4) فقير فياض علي ۽ (5) فقير محمد طلحُ آهن. منهنجا ٻه پائر آهن: فقير لطف علي ۽ فقير خادم علي. ٻئي صاحبِ اولاد آهن. آخر ۾ آئون پنهنجي هڪ ڪافيءَ جي نالي مصرع لکندس ته:

ضآمن تنهنجو آهي سرور، پرچي توسان پوندو پرور،
پوءِ پيل هام هڻي تون هيڪر، اڳيان سين جي اچ.

فقير محمد بخش ضآمن
درگاهه حضرت منٺار فقير
25 صفر 1444ھ خميس
22 سيپٽمبر 2022ع
03303084432

# مهاڳ

حضرت منٺار فقير سائين جن جو شمار سنڌ جي معروف صوفي شاعرن ۾ ٿئي ٿو . حضرت منٺار فقير جن جي شاعري نه فقط سنڌ جي صوفي قدرن جي ترجماني ڪري ٿي پر سندن شاعري ۾ روحاني رمزن ۽ دقيق فلسفياڻن نقطن جو بيان به نهايت حسين ۽ سليس انداز ۾ ٿيل آهي.

خاڪ جي چولي ۾ جو ٻولي اهو آواز الائي ٿو ڪير
آواز سڻي ٿو ڏسي پسي ٿو ههڙا هنر هلائي ٿو ڪير
مور اصل منٺار نه ڪونهي هي قلبئون ڪافيون ڳائي ٿو ڪير
ڳول ڳجهارت ڳالهه انهيءَ جي نه سمجهه سلوڪ سڻائي ٿو ڪير

حضرت منٺار فقير جن کي فيض حضرت مخدوم امين محمد پڪن ڌڻي جن کان مليو هو جيڪي درگاه حضرت مخدوم نوح جا سجاده نشين هئا. ايئن ڪٿي چئجي ته حضرت منٺار فقير جن به مخدوم سرور نوح سائين جن جي نو لکي گودڙيءَ جا گوهر ناياب آهن جن جي بزرگي ۽ شاعراڻي عظمت جو هڪ زمانو معترف آهي.

حضرت منٺار فقير جن جي درگاه جا پهريان سجاده نشين حضرت فقير ولي بخش جن به نه فقط سنڌي ٻوليءَ جا قادرالڪلام شاعر هئا پر پاڻ راڳداري جي ڄاڻ ، صوفياڻي قدرن ۽ روايتن جي امين شخصيت طور پنهنجي هڪ منفرد سڃاڻپ ٺاهيائون اهوئي سبب آهي جو فقير ولي بخش سائين جن جي ڪچهري ۽ محفل جي ادب آدابن جا مثال اڄ به ڏنا وڃن ٿا. سندن سجاده نشيني واري دور ۾ درگاه منٺار فقير تي صوفياڻي راڳ جي محفلن جي هڪ شاندار دور جو آغاز ٿيو جنهن جي تسلسل کي هن ڪتاب جا مصنف ۽ موجوده سجاده نشين فقير محمد بخش ضامن اڄ به پوري آب و تاب سان قائم رکندا ٿا اچن . انجو سبب شايد اهو به آهي ته فقير محمد بخش ضامن سائين جن کي ٻاروتڻ کان ئي هڪ صوفياڻو ۽ ادبي ماحول ميسر رهيو. پاڻ پنهنجي ڏاڏي فقير ولي بخش سائين ۽ والد فقير ولي محمد سائين جن جي تربيت هيٺ رهيا ۽ پوءِ 18 سالن جي ننڍي ڄمار ۾ درگاه منٺار فقير جي سجاده نشينيءَ جي منصب تي فائز ٿيڻ کانپوءِ فقير محمد بخش ضامن صاحب کي قبله حضرت مخدوم طالب المولا سائين جن جي شفقت ڀري صحبت نصيب ٿي . منهنجي خيال ۾ اها وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي جو قبله طالب المولا سائين جن نه فقط فقير صاحب جي شاعريءَ جي اصلاح ڪرڻ فرمائي پر کين ضامن جو تخلص به قبله سائين کان ئي عطا ٿيو.

فقير صاحب جن قبله طالب المولا سائين جن جي انهن عنايتن جو ذڪر به پنهنجي هڪ غزل ۾ نهايت خوبصورت انداز ۾ ڪن ٿا

لطف وڪرم سندس جي ڪا ڪانه انتها آ
ڏٻرن ڏڌن جو ٿيو آ آڌار يار سو
ضامن ٿيو تخلص دلبر کان اڄ عنايت

منهنجوبہ هوندو ضامن هر وار يار سو

هڪ شاعر جي حثيت ۾ فقير محمد بخش ضامن صاحب جن غزل ، ڪافي، قطعه، بيت، ڏهر، مثنوي ۽ ٻين صنفن تي نهايت سهڻي انداز ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي خاص طور تي سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي نمائنده صنف ڪافيءَ سان خوب نڀايو اٿن . سندن هن ڪتاب ۾ شامل ڪافيون خيال ۽ گهاڙيٽي جي لحاظ کان چڻ تہ حضرت منٺار فقير ۽ ٻين صوفي شاعرن جي اتهاس جو تسلسل لڳن ٿيون.

مثال طور روايتي صوفي شاعريءَ ۾ پاڻ کي سڃاڻڻ ، نيت کي صاف رکڻ ۽ هر ڪنهن سان ڀلائي ڪرڻ ، زماني ۾ خير جو ذريعو بڻجي رهڻ جي گهڻي تلقين ٿيل آهي . اهو ساڳيو فڪر ضامن سائين جي ڪلام ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو

هٿ پنهنجو پاڻ سڃاڻ حياتي ڪيل نہ خالي چاڻ
سينو سارو صاف رکي پوءِ ڪڍج نہ ڪنهن جي ڪاڻ
هر ڪنهن سان ڪر يار ڀلائي ڏسجان ڪنهن جي ڪين ڪچائي
اندر ۾ تنهنجي جا اگلائي ڪڍج اها ڪاراڻ

ڳڏوڳڏ فقير محمد بخش ضامن جي شاعري ۾ سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو رنگ انهن ساڳين سرن ، داستانن ۽ ڪردارن جي صورت ۾ بہ نظر اچي ٿو جن کي اسانجي صوفي شاعرن خوب ڳايو آهي ۽ انهن جي اوٽ ۾ پنهنجي خيالن جو پرچار ڪيو آهي

ٿل ؛ تي پائنيان پنيور زهر وو ڏاران پرين پنهون جي
ستيس سنجهي ما سيج تي پوءِ جاڳي وهايم جر وو
ضامن سان هت مرشد سائين اچي حامي ٿيندو هر هر وو

ساڳي طرح هڪ ٻئي ڪافيءَ ۾ ماروي جي پنهنجي مارن سان اڪير ،ظلم جا زنجير ٽٽڻ جي آس ۽ پنهنجي وطن جا وڻ پسڻ جي آرزو جو اظهار فقير صاحب جن هڪ منفرد گهاڙيٽي ۾ تخليق ڪيل ڪافيءَ ۾ هن ريت ڪن ٿا

ٿل: روز چڪن ٿا چاڪ، نہ وسرن تاريلن جا تاڪ
ڪڍ قيد منجهان بي ڏوه بندياڻي ڪول درن جا تاڪ
ضامن چوي هت موٽِي ڏسندس ملڪ مڙوئي ملير
پرچندا پنهوار اتي سڀ ڪلندا ظلم زنجير
پڄنديون مرادون من جا مطلب ٿيندو ساڻي سرور پير
ڪين لاهيندس لوئي لڱن تان آهي اها سندم املاڪ

واڳن جي وچ ۾ ويرن جي ور چڙهيل سهڻيءَ جي ميهار کي ڪيل سڏن جا پڙلاءَ بہ اسانکي فقير محمد بخش ضامن جي ڪافين ۾ نظر اچن ٿا

ٿل: واڳون ويا ٿم وري ساهڙ توکي ٿي ات ساريان
اچي پيس آئون ڪارونيار ۾ ، ويئي وسارت تڪڙي تار ۾

پيلو ويو آهي پري، تڏهن اکين مان آب تي هاريان

فقير محمد بخش ضامن سائين جن جي شاعريءَ ۾ اسانکي سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعري جي ٻين بہ گهڻن ئي موضوعن، داستانن ۽ ڪردارن جا حوالا بہ گهڻا ملن ٿا ۽ سندس شاعري ءَ ۾ سنڌي ڪافيءَ جو روايتي حسن ۽ دلڪشي خوب جهلڪندي نظر اچي ٿي

راه سنڌئي پئي نهاريان   موٽي اچ تون مهندرا
ضامن چئي مڙئي مدايون معاف منهنجون ڪر تون
ڪچايون
تو در تي آئون پڪاريان موٽي اچ تون مهندرا

ڪافي جي صنف تي فقير صاحب جي مڪمل دسترس ۽ شاعرانہ پختگيءَ جو اندازو ان ڳالهہ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ فقير صاحب هن صنف ۾ ٻوليءِ جي استعمال توڙي گهاڙِيٽي جي حوالي سان الاهي سارا منفرد تجربا ڪيا آهن مثال طور سندن هيٺ ڏنل ڪافيءَ ۾ تيهہ اکريءَ جو استعمال نهايت سهڻي انداز ۾ ٿيل آهي . نموني طور هن ڪافيءَ جا ڪجهہ شعر هيٺ ڏجن ٿا

الف اندر ۾ آس اباڻن بي بند خاني آهيان مان
تي آ تن ۾ تات تنين جي ٿي ثابت سور سٺايان
مان
لا سان لاشڪ ضامن پوندا آئون سڄان هت جن
جي   نام
يي سان ياد اچن ٿا هر هر ٻول اهي تي ٻڌايان
مان

گهاڙيٽي جي لحاظ کان ڪتاب ۾ شامل ڪيترن ئي ڪافين ۾ هڪ کان وڌيڪ قافين جي استعمال جا تجربا بہ ان انداز ۾ ٿيل آهن جو جڻ هن صنف جي روايتي حسن کي چار چنڊ لڳي ويا آهن

لڳي تار روئان زار ڪيئون ڏار ويچاري
اچي هاڻ اڄ صبحاڻ ڪندا پاڻ ستاري

پسي حال ڪري پال پون شال ضامن
لهن غم هن دم ٿين ڪم پرچن
سڻن بات اها تات وائي وات پلاري

شاعري ۾ ٻوليءَ جي منفرد انداز ۾ استعمال جي تمام گهڻي اهميت آهي شاعريءَ جي چنڊ چاڻ جو هڪ مستند معيار ٻوليءَ جو استعمال بہ آهي تنقيد نگار ڪنهن بہ وڏي شاعر جي هڪ اهم خوبي اها بہ ڳڻائيندا آهن تہ شاعر کي پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن جي استعمال تي ڪيترو ڪمال حاصل آهي لفظن ۽ انهن جي استعمال جي پنيان معنائن جو هڪ جهان آباد هوندو آهي سنا شاعر نہ فقط معنائن جي ان جهان جي نزاڪتن سان آشنا هوندا آهن پر هو پنهنجي پرهنڌڙن کي بہ اکرن ۽ لفظن کي مختلف پيراهن ۾ مختلف انداز ۾ استعمال سبب بدلجندڙ معنائن سان بہ روشناس ڪرائيندا آهن اهڙا شاعر هڪ لحاظ کا ٻوليءَ جا محافظ تصور ٿيندا آهن جيڪي لفظن جي متروڪ ٿيندڙ معنائن کي ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ بڻائيندا آهن. فقير ضامن جي جد امجد حضرت منٺار فقير سائين جن جي شاعري بہ لفظن ۽ معنائن جي اهڙن ئي اسرارن سان سجيل آهي

خاص طور تي ڪڇري ۽ انجي آس پاس وارن علائقن ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان لغت جو هڪ بي بها خزانو حضرت منٺار فقير جن جي رسالن خدائي، مرتضائي ، رهنمائي ۽ صدائيءَ ۾ محفوظ آهي. حضرت منٺار فقير سائين جن جي لغت تي سنڌ جي ناليواري محقق ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب جن جو تحقيقي ڪم لغات منٺار فقير جي نالي سان سنڌي لينگويج اٿارٽي طرفان شايع ٿيو آهي . . فقير ضامن سائين به ٻوليءَ جي منفرد استعمال جي حوالي سان پنهنجي خانداني روايتن جي خوب پاسداري ڪئي آهي . هيٺ ڏنل ڪافيءَ ۾ فقير صاحب هڪ لفظ کي ٽن مختلف معنائن سان ٽل ۾ ۽ مصرائن ۾ استعمال ڪن ٿا.

ٽل: اجهو جاڻ تنهنجو هتي جاڻ آيو
اها جاڻ جاڻين نه جاڻون چوائين

جيڪي جاڻ جاڻن وڃين ويهه تن وٽ، تراري ۾ ترندا پڇج سي پڪا وٽ
سڳو سڪ جو ساجهر ويهي اتي وٽ، متان پورا پلجين ڪو پولو نه پائين

چنو پاڻ پنهنجو آٽي اڳيان رک ، اٿس گل گلابي يا اڏري پئي رک
رهين تڏهن سنرو ڏسيل جي ڪرين رک، مليل واٽ جيڪا متان سا پلائين

ساڳئي نموني سندس هڪبئي ڪافيءَ ۾ هڪ لفظ جو ڪافيي ۾ ٽي دفعا ورجاءُ ٿيل آهي ان سان ان ڪافيءَ جي موسيقيت ۽ حسناڪيءَ ۾ عجيب نکار ٿو پيدا ٿئي . سندن هيءَ ڪافي مختلف فنڪارن ڳائي آهي ۽ هن صنف جو ذوق رکندڙن طرفان ساراهي ويئي آهي

متان موڳا منجهين هيءَ مهل اٿئي اٿ رمز رنديءَ ۾ رچ
رچ رچ
جي نچڻ سان ريجهي يار پوي پل ناچو ٿي پوءِ نچ نچ نچ
گڏ مرد جي توسان مور اٿئي ۽ ضامن تنهنجا زور اٿئي
پوءِ الڪو نه ڪوئي اور اٿئي هيءَ ڳالهه سچي آ سچ سچ سچ

خيال جي لحاظ کان به فقير محمد بخش ضامن جي ڪلام جي پنهنجي انفراديت آهي جيڪا سندن تخيل جي فڪري پرواز ۽ گهرائيءَ جي نشاندهي ڪري ٿي . گڏوگڏ سندن شعر ۾ سنڌ جي صوفياڻي شاعريءَ ۾ بحث هيٺ آيل موضوعن تي الڳ انداز ۾ ٿيل شاعرانه اظهار مان به شاعر جي فڪري پختگي جهلڪي ٿي . مثال طور سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ محبوب جي انتظار ۾ ۽ منزل جي جستجو ۾ جبل جهاڳڻ توڙي راتيون جاڳڻ واري جذبي جي الاهي ساراه بيان ٿيل آهي پر ڪٿي ڪٿي انجي ابتڙ ننڊ ۽ بي مقصد جاڳ جي نندا ۽ ڪٿي ڪٿي شاعرن طرفان ننڊ ۽ حالت خواب ۾ ديدار واري ڪيفيتن جي واکاڻ به بيان ٿيل آهي.

ساڳي ريت هن ڪتاب جي مصنف کي به يقين آهي ته سندس ضامن سائس ستي به ساڻي رهندا . اهڙي ڪيفيت ۾ حالت خواب جي رعنايين ۽ ستي ئي معنا جا ملڪ گهمڻ جا تجربا پنهنجي هڪ ڪافيءَ ۾ دل کي ڇهندڙ انداز ۾ بيان ڪري ٿو.

نندڍ ڪر ڪا نندڙي ڪائي وٺي تون ڪندڙي

1_ نندڍ ٿي ڪيئي ملڪ گهمائي دلبر جو ديدار ڪرائي
محبت جو هٽي منڍ ڙي

2_ ظاهر ۾ جي ضامن پيندا سي ته ستي به ڪين ڇڏيندا
ٿيا ڪير ۾ جڻ ڪنڍ ڙي

موضوعاتي لحاظ کان عشق ۽ عقل جو جهيڙو انسان جي اندر اپرندڙ احساساتي تضاد جي هڪ دقيق لقاءَ جي نشاندهي ڪري ٿو شاعرن ڪانسواءِ هڪ عام ماڻهون به اڪثر اهڙي قسم جي داخلي بحران سان نبرد آزما رهي ٿو اردو جي مشهور شاعر جون ايليا جي لفظن ۾

اک طرف دل ہے اک طرف دنیا
یہ کہانی بہت پرانی ہے

پر جنهن جي دل جي دنيا عشق سان آباد هجي ۽ الفت جي اسرارن کي پسڻ واري اک هجي انهن لاءِ ان جهيڙي ۾ عشق سدائين فاتح ۽ رهنما بڻيل رهي ٿو

ٿل:

عشق جا ڏس اسرار عقل جي ات ڪا جاءِ نه آهي
جن جا عشق وارا ٿيا ضامن سيئي منزل تي تا
پهچن
لهر نه ڪو لوڏو آ تن اهي تريو وجن تڪ تار
سي تا ڇاڻن خوب نيائي

تصوف جي دنيا ۾ فقيري وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي ۽ ان منصب جو پنهنجو مرتبو ۽ مان آهي . ڳڏوڳڏ فقيريءَ جي منزل غير معمولي جهدوجهد ۽ ڪوشش جي گهرجائو آهي ضامن صاحب فقيري جي پنڌ جي انهن اوکائين ۽ معنا جو ملڪ ماڻڻ جي جستجو بابت پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت اظهار ڪن ٿا

سمجهو نه ڪڏهن سوکو فقير کي سجاڻڻ
اوکو آ يار ڏاڍو معنا جو ملڪ ماڻڻ
فقير ملڪ ماڻيو سگهندو نه عام سمجهي
سمجهڻ اگر جي چاهين ڪپئي ڪا ڇاڻ ڇاڻڻ

فقير محمد بخش ضامن جي ڪافي موسيقيت سان پڻ ڀرپور آهي اهوئي سبب آهي جو فقير صاحب جن جي ڪافي سنڌ جي ناليوارن فنڪارن ڳائي آهي ۽ صوفياڻي راڳ جي محفلن توڙي عام ماڻهن طرفان سندن ڪلام کي گهڻو پسند ڪيو ويو آهي. ريڊيو پاڪستان جي اسٽوڊيوز ۾ به فقير صاحب جون ڪافيون جمال الدين فقير، شفيع فقير، سڪندر شفيع ۽ ٻين فنڪارن جي آواز ۾ رڪاڊ ٿيون آهن ۽ انهي ڪلام کي ٻڌندڙن طرفان بي حد سارهايو ويو آهي.

اڄ جي دور ۾ جڏهن سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعري جي روايتن خاص طور تي ڪافيءَ جي صنف سان نون شاعرن جي رغبت گهٽجندي پئي وڃي فقير محمد بخش ضامن صاحب جو شمار سنڌ جي بهترين ڪافي گو شاعرن ۾ ڪري سگهجي ٿو.

اهڙي طرح ڪربلا جي شهيدن سان عقيدت ۽ الفت به ضامن صاحب کي ورثي ۾ ملي آهي جو حضرت منٺار فقير سائين جو هڪ پورو رسالو حضرت امام حسين ، ڪربلا جي شهيدن ۽ اهل بيت جي شان ۾ چيل شعرن تي مشتمل آهي . عقيدتن جو اهو ساڳيو تسلسل اسانکي ضامن صاحب جي شاعري ۾ به نظر اچي ٿو

آهيان اصل ڪان آئون نوڪر حسين جو
مولا ڪيو آ مونکي ثناگر حسين جو
خوشبخت ٿيو سو جنهن جو ضامن امام آهي
دست شفا انهيءَ تي دلبر حسين جو

جيتوڻيڪ هن مجموعي ۾ فقير صاحب جو سنڌي ۽ ڪجھ سرائڪي ڪلام شامل آهي پر پاڻ اردو ۽ سرائيڪي ٻولين جا به بهترين شاعر آهن . هوئن ته اردو ٻوليءَ ۾ سندن گهڻو ڪلام غزلن تي مشتمل آهي پر سندن ڪافي جي صنف سان لڳاءَ جو اظهار ان ڳالھ مان به ٿئي ٿو ته پاڻ اردو ۾ به ڪافيون چيون اٿن ۽ انهن مان گهڻيون ڪافيون ڳايون به ويون آهن . اميد ڪجي ٿي ته فقير صاحب جو اردو ڪلام به جلد ڇپجي منظر عام تي ايندو هتي نموني طور سندن هڪ اردو ڪافي جا ڪجھ بند هيٺ ڏجن ٿا

دیکھا عجب ہے مریں نے
دیدار دلربا کا
کیسے کھوں زبان سے
اظھار اس سما کا
اسکے نہیں ھوں لائق اعمال
کی بدولت
پھر بھی ھوئی ہے مجھ پر
کئی بار یہ عنایت
ظاھر ھوا ہے ضامن اک ایسے
ناتواں کا

هڪ شاعر هجڻ سان گڏوگڏ فقير محمد بخش ضامن سائين جن روحانيت ڏانهن لاڙو رکندڙ، پنهنجي ثقافتي روايتن ۽ قدرن سان پيار ڪندڙ ، علم ۽ ادب دوست شخصيت جا مالڪ آهن. سندن سدا بهار شخصيت اسان سڀني نيازمندن ۽ دوستن لاءِ ڪنهن نعمت کان گهٽ ڪونهي . دعا آهي ته رب پاڪ فقير صاحب کي سدائين خوش رکي، ڪيس صحت ۽ وڏي ڄمار عطا ڪري ۽ هو ايئن ئي علم و ادب جي خدمت ڪندا رهن . آمين

اسانجي يا خدا اڄ ئي اگهائج التجا ساري
مهابي مير مرسل جي ٿئي ڪا مهر موچاري
ڪيا هن عرض ضامن جي عزت ۽ آبرو گهرجي
پئي آهيان پڪي جن جي ٿيان تن وٽ نه مياري

علي اڪبر هنگورجو
اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان
حيدرآباد

# شڪريہ ادائي

هن فقير تي اڻ ڳڻيا احسان آهن. قبلا مرشد مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائينءَ رحہ جن جا. مٿن هر وقت ڪروڙها رحمتون هجن. پاڻ نہ رڳو منهنجي ڪچي ڦڪي شاعريءَ جي اصلاح فرمايائون پر تخلص پڻ عنايت ڪيائون. سندن مسلسل همٿ افزائي ۽ رهنمائي سبب ئي منهنجي شاعري جو جاري رهڻ ممڪن ٿي سگهيو. ان بعد آئون انتهائي ادب سان شڪرگذار آهيان قبلا مرشد مخدوم جميل الزمان سائين جن جو. جو پاڻ منهنجو ڪلام پڙهيائون ۽ بهترين صلاحون ڏئي رهنمائي ڪيائون ۽ ڪتاب لاءِ دعا جا ٻہ اکر لکي ڏيڻ جي عنايت ڪيائون.

آئون احسان مند آهيان قبلا مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جن جو. پاڻ منهنجي ڪلام کي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپرائڻ لاءِ ذاتي دلچسپي ورتائون. تڏهن ئي فقير ولي بخش سائين رحہ جن جي رسالي سان گڏ منهنجو هي ڪافين جو ڪتاب بہ شايع ٿي سگهيو ۽ پاڻ مهرباني فرمائي ڪلام تي نظرثاني پڻ ڪيائون.

ان بعد آئون شڪرگذار آهيان قبلہ مخدوم حبيب اللہ سائين ۽ قبلہ مخدوم نعمت اللہ سائين جن جو جيڪي سدائين منهنجي شاعرائي ذوق جي پذيرائي ڪندا رهيا آهن. هتي آئون اسانجي دوست مرحوم سائين احسان شاهہ صاحب جن کي پڻ ضرور ياد ڪرڻ گهرندس جيڪي مشاعرن ۽ ٻين ادبي سرگرمين دوران سدائين ساٿ ۾ رهيا.

ان سان گڏ آئون سيد سڪندر شاهہ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ۽ گل حسن درس سميت سنڌي ادبي بورڊ جي سموري سٽ جو مشڪور آهيان

جن جي محنت هن ڪم ۾ شامل رهي، ڪين جَس هجي آئون ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ اسان جي دوست علي اڪبر هنگورجي اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان جو بہ شڪرگذار آهيان. آئون سائين خادم حسين علوي همدم هالائي جو بہ مشڪور آهيان جو پاڻ منهنجي ڪلام تي نظر وڌائون. منهنجي فرزندن فقير ولي بخش ۽ فقير فياض علي بہ ٻنهي ڪتابن جي پروفن جي ڪم ۾ هٿ ونڊايو. حاجي محمد يوسف هنگورجي جو بہ ساٿ رهيو، ڪين جَس هجي. آخر ۾ آئون هڪ شخص فقير محمد راڄڙ جو ذڪر ڪندس جيڪو پوءِ تہ دنيا جي خفن ۾ ڦاسي ويو پر منهنجي شاعريءَ جي پهرئين دور ۾ هر نئون ٺهندڙ ڪلام الڳ سان پاڻ وٽ ڪاپي تي جمع ڪندو هو، سندس اها ٺاهيل ڪاپي بہ يادگار آهي، اميد تہ وري اهو ڪم شروع ڪندو ۽ ننڍي ڪاٺيءَ جو رحيم بخش راڄڙ ۽ استاد محمد سلطان هنگورو بہ هن ڪم دوران ساٿ ۾ شامل رهيا ڪين شاباس هجي.

فقير محمد بخش ضآمن

پهرين نومبر 2022 اڱارو

5 ربيع الثاني 1444ھ

# ڪلامِ ضامن

# كافيون

## ڪافي 1

ٽل: نڪي دنيا ۾ ٿيو ٿيندو، سچڻ سردار جو ڪو مٽ،
سڀني مخلوق خاوند جي، گهڻو تنهن ڪان ٿي آهي گهٽ.

1: نہ ڪئي ڪنهن همسري ڪڏهن نڪي ڪوئي ڪري سگهندو،
سندس خادم ڪان سو آ گهٽ پائي جيڪر ڪو سونو ڇٽِ.

2: ٿيو معشوق مالڪ جو، جڙيو سارو جهان جنهن لاءِ،
نمن تنهن تي ٿا سج چنڊ ۽، مڙئي تارا ڪتيون نکٽ.

3: ڪئين جن و بشر ان لاءِ ٿيا حيران هت آهن،
فقط ديدار جي خاطر، هٽين وينا سي سِرَ جي سٽ.

4: هتي ’ضامن‘ ٿيو سوالي، سندس ديدار جي لاءِ آ،

ڪيو جنهن سوال سندس در تي، وريو پر ٿي سو آجهت پٽ.

19 ذوالحج 1410

13 جولاءِ 1990

جمع- ڳوٺ حاجي حليم فقير درس

## ڪافي 2

ٿِل: فقط ديدار لاءِ آهيان. سوالي يا رسول الله،

وريو سوالي سندئي درتان، نہ خالي يا رسول الله.

1: وڪوڙي وهم آ وِيڙو ڪريان پيو دانهن دم دم ۾،

مدد منهنجي ڪريو مرسل مثالي يا رسول الله.

2: دنيا جي ڪن ڪيو قابو، اڃي هن تار مان تاريو،

ٽيو واهر جلد جنابِ عالي يا رسول الله.

3: ڇڳو ڪم ڪين مون ڪيڙو آهيان ديدار جو خواهان،

نوازيَو اڳ بہ ڪئين عالي موالي يا رسول الله.

گهرائي پاڻ وٽ ’ضامن‘ ڪريو امداد اڄ آقا،

پياريو حوض ڪوثر مان پيالي يا رسول الله.

9 ربيع الاول 1411ھ

آچر 30 سيپٽمبر 1990

## ڪافي 3

تلھ: سندم ھيءَ التجا اچ ٿي، اگھائج يا رسول **الله** ﷺ،
ھتان مونکي مديني ۾، گھرائج يا رسول **الله** ﷺ.

1. ٻڌي ھي عرض عاصيءَ جا مدد مسڪين جي ڪريو،
مڙئي مايوسيون من تان، مِٽائج يا رسول **الله** ﷺ.

2. آھيان اڻڄاڻ اڻ سونھون. ڪيو رھبر رھنمائي،
سڌي جا واٽ آھي سا، وٺائج يا رسول **الله** ﷺ.

3. نوازيا ڪئين اوھان اڳلا، ٿئي مونتي مھرباني،
قدم پنھنجا ڪنھين پل ۾، چمائج يا رسول **الله** ﷺ.

4. نفس شيطان جو خطرو ڏڪي ھٿ ڏيل ٿو ھردم،
سندن حملي کان ھرويلي، بچائج يا رسول **الله** ﷺ.

5. ٿيا جيڪي مخالف ھت، ۽ حاسد جي حسد ڪن ٿا،
سگھوئي سي سندم دشمن، دسائج يا رسول **الله** ﷺ.

6. مِٽايو مرض سڀ منھنجا ۽ قرضن ڪي چڏيو ڪاٽي،
سندم مطلب مڙئي من جا، پڄائج يا رسول **الله** ﷺ.

7. ’ضامن‘ جو سندم آ ٽنھن، سرور شاھ جي صدقي،
ميٽي غم خوشين مان ھت، ڪلائج يا رسول **الله** ﷺ.

28 رجب 1428 سومر
13 آگسٽ 2007
ميرپور کان حيدرآ باد دوران سفر

## ڪافي 4

ٿلهه: مديني جيءَ گليءَ جو مان، ڪتڙو ڪارڙو آهيان،
ڪرم ڪو ڪر مٿم مرسل، بنهه بيڪارڙو آهيان.

1. نوازش تو جني تي ڪئي، هتي ۽ مهند سي مرڪن،
تني مان ڪر مونکي ٻانهيءَ سندو هڪ ٻارڙو آهيان.

2. پون هت پور تا پلپل، چمان جلدي اچي چائنٽ،
پڄايو آس سا آقا، ناڪس لاچارڙو آهيان.

3. آهيان اڻڄاڻ ۽ اگلو، رهنمائي ڪريو رهبر،
ڪريان ويچار هت ڪهڙو، آئون ويچارڙو آهيان.

4. آهن ’ضامن‘ سندم جيئي ڪريو ڪا ٻاجهه تن صدقي،
ڪنو ڪوجهو تہ بہ تن ڪي، مان پڪ سان پيارڙو آهيان.

9 صفر جمع ڏينهن
14 جنوري 2011

امين راڄڙ جي دعوت
تي محفل هلندي

## ڪافي 5

ٿلهه: ڪرم ڪري ڪو اي ڪلتار، موليٰ موڪل اڄ ئي مديني.

1. اڳلا اپرا آهيون پوءِ پيي، ٻاجهه سان ڪر تون ٻيڙا پار.

2. جن جي پڪي هٿ آهيون پيڙا، پسج تني جو پرور پار.

3. معاف ڪري هت مڙئي مدايون، سيگهه مان لهه ڪا سنديم سار.

4. عرض ڪيان جي اڳهائج آقا، مهر مهابي ڪر منٺار.

5. آهي جهانَ ۾ افضل جيڪو، ڏيهه اهو ڏاتر ڏيڪار.

6. آهن ضعيف جا جيڪي ’ضامن‘ تن جو مٺم هٿ هوئي هر وار.

13 مئي 2011

جمع، مڪان تي

## كافي 6

مديني جون گليون، گهمائين ته واهه وا،
سنڌي در جي چائنٺ، چمائين ته واهه وا.

هلي وس نٿو هت اچان هوند اڏري،
اها آس جيڪر پڄائين ته واهه وا.

عيبدار آهيان ڏکي ڏيل تو هت،
گنهگار کي جي گهرائين ته واهه وا.

مٺو محب منهنجو جو منٺار آهي،
اهو محب مونسان ملائين ته واهه وا.

سدا منهنجو مرشد رهي شال راضي،
اچي سوئي سرور جي سائين ته واهه وا.

امامن جي پانهيءَ سندو پار آهيان،
هجن سي ئي حامي سدائين ته واهه وا.

مخالف سندم جي رهن هٿ مليندا،
انهن جا سدا ڪنڌ جهڪائين ته واهه وا.

’ضامن‘ جي منهنجا تني جي ئي صدقي،
التجا هيءَ منهنجي اگهائين ته واهه وا.

کري معجزو پنهنجي چائنت چمائج.

28 رجب 1435ھ

21 مئي 2014 اربع

## ڪافي 7

ٿلهہ: مديني جا مالڪ سگهو تون سڏائج،
آ ويرن ورايو تني کان بچائج.

1. خطا ڪار تي ڪا ڪري ڀاڄهہ پنهنجي،
سگهو شهر پنهنجي جون گليون گهمائج.

2. ڪلفتون سپيئي محبت ۾ متجن،
محبت سندا مينهن واري وسائج.

3. اصل کان ئي آهيان پڪي جن جي پيڙو،
پسي پارَ تن جو عرض هي اگهائج.

4. سڄ سوال سائين امامن جي صدقي،
سندم غم وهم هت مڙيئي مٽائج.

5. ضعيفن جو ’ضامن‘ آهين مير مرسل،

## ڪافي 8

ٽل: ڪيو ياد تنهن جو آ مرسل موچارو،
ڪليو بخت منهنجو ٿيو ڀاڳ ڀلارو.

1. هيٽن سان حامي ٿئي سوئي هردم، تڏهن ئي تني جا ٿين تا سيئي ڪم،
سندس ساٿ آهي سدائين سوڀارو.

2. آهن جي سڀيئي درد دور ٿيندا، مبارڪ مڙي هٿ اچي ڏيھ ڏيندا،
بلاشڪ بلند ٿيو سندم آ ستارو.

3. اصل ڪان ئي آهيان پُڪي جن جي پيڙو، تنيجي ڪري ئي ڪرم مون تي ٿيڙو،
سندم حال جيڪو سڻايان پيو سارو.

4. مايوسين هٿ جڏهن هو منجهايو، تڏهن ئي دلاسو انهي در تان آيو،
اپوجهن ڪي آهي سندس ئي سهارو.

5. گنهگار تي ڪئي پلي آ پلاٽي، پرواهہ پوءِ ڇو ڪيون ڪنهنجي ڪائي،
’ضامن‘ سندم جو آ سوئي سگهارو.

28 شوال 1442ھ
9 جون 2021 ع
اربع ڪلاڪ ڪن پر.

۾ مريد راڄڙ جي اوطاق تي لکيم.

## ڪافي 9

تلهہ: تي مدد مشڪل ڪشا، مشڪل مڙئي آسان ڪر،
درد ٿيا دل ۾ گهڻا، دارون سگهو درمان ڪر.

1. عرض ڪيم ٻانهون ٻڌي، سگهڙو سٺي لهہ سار تون،
اي عيبدارن جا اجها، مونتي اهو احسان ڪر.

2. حال منهنجي جي حقيقت، معلوم توکي آ مڙئي،
دشمنن تي دهشت سان، هيڪر اچي دهمان ڪر.

3. سب مخالف مات ڪر، ٿا خارجي جيڪي ڪسن،
هِت هُت حمايت مون سندي، هاڻ علي الاعلان ڪر.

4. تي جلد واهر وسيلو، ڪانہ تو ريءَ ڪا ڳلي،
مِهر 'ضامن' تي ڪري، امداد عاليشان ڪر.

3 مارچ 1990ع 4 شعبان 1410ھ
ڇنڇر جي شام سج لٿي مهل اوتري ڪاٺي

## ڪافي 10

تلهہ: تڏهن ڳوڙها اکين مان ڏاڍا ڳڙن جڏهن ڪربلا جون گهڙيون ياد پون.

1. هو شان شاهي حسنين جو، ثاني سندس نہ ڪو ٿيو،
هيڏو انهن تي قيس ڪيو، ناحق اچي تن ظالمن.

2. ڪوفين ڪي هئي دل ۾ دغا، وعدا ڪري ٿيا بي وفا،
هاڻ تن تي سؤ سؤ دفعا، تا مومن مڙئي لعنت مڃن.

3. يزيد ۽ مروان ٻئي، ٽيو شمر سو شيطان پيو،
۽ طرفدار ان جا سيئي، شل دوزخ سندو ٻارڻ ٿين.

4. جن هو امام ڪي رنجائيو، ڪربل جو قيس ڪرائيو،
انهن ڪي ملائڪ ورائيو، تا باهہ ۾ هر هر هڻن.

5. مومن اها ٻڌيو خبر ڏينهن راتيون هارين جر،
ٿين پاڻ کان تا بي خبر، دل ۾ درد جا دونهان دکن.

6. اها آس آهي من ۾ مدام، ڪن من غلامن جو غلام،
ڪريان عرض ٿو صبح و شام، شل ضامن اها امداد ڪن.

اربع 25 جولاءِ 1990ع 2 محرم الحرام 1411هہ
شام $3^{2}/_{1}$ کان $4^{3}/_{4}$ تائين ڪمري ۾ لکيم

# ڪافي 11

ٿلهه: اڄ ٿئي ڪراءِ موليٰ زيارت حسين جي،
هردم ڪپي ٿي مونکي، حمايت حسين جي.

1. فاني جهان آهي، هر چيز آ فنا،
قائم سدائين رهندي، امامت حسين جي.

2. منٿار ساڻ جيئڻ هو، منٿار سو مليو،
ٿئي وري ڪا اهڙي، عنايت حسين جي.

3. ناچيز هن حقير ۽، ان جي ٻچن لاءِ پڻ،
اڳتي ڪيل هجي شل، پارت حسين جي.

4. در تي سندس سوالي، ٿي ٿو صدا هڻان،
آهي اتم ۽ اعليٰ، سخاوت حسين جي.

5. ڳڻتي ڪبي نه ڪائي، 'ضامن' جي آ پڪو،
آهي اسان لاءِ اڳتي، ضمانت حسين جي.

آچر 6 رجب 1436ھ 30 اپريل
2015ع
ڪلاڪ سوا ٻه ڪمري ۾ مڪان
تي

## ڪافي 12

ٽلهہ: آهيان اصل کان آئون، نوڪر حسين جو،
مولا ڪيو آ مونکي، ثناگر حسين جو.

1. ٻي در وڃڻ جي انڪي. ڪانهي ڪا گهرج ڪا،
دل سان جنهين جهليو آ، هڪ در حسين جو.

2. سوالي آهيان انهيءَ جو جنهن پيئنار پر ڪيا،
موٽيو ڪڏهن نہ خالي، گدا گر حسين جو.

3. قاتل سندس تي لعنت، هر روز ٿي وسي،
روشن جهان ۾ نالو آ، سرور حسين جو.

4. مولا خطائون معاف ڪر، صدقي حسين جي،
حبدار آهيان آئون، هرهر حسين جو.

5. خوشبخت ٿيو سو جنهن جو ’ضامن‘ امام آهي،
دست شفا انهين تي دلبر حسين جو.

29 جولاءِ2015
اربع

## ڪافي 13

ٿلهه: رويو وينو روءِ، رويو روءِ،
محرم جي ماتام ۾.

1. اٿئي پهر افسوس ۾، هردم وينو هوءِ،
رويو روءِ

2. سڪ رکج سيني اندر، ڪنهن کي ڪجهه نه چوءِ،
رويو روءِ

3. غافل وقت وڃي پيو، پڇتائين نه پوءِ،
رويو روءِ

4. اصلئون ان امام ريءَ، ڪم نه ايندئي ڪوءِ،
رويو روءِ

5. ’ضامن‘ پيئي سي ڪندا، دارون درد سندوءِ،
رويو روءِ
محرم جي ماتام ۾.

7 محرم الحرام 1444هه
6 آگسٽ 2022ع
ڇنڇر 5:45 شام جو واڏ ڪلاڪ
۾

## ڪافي 14

ٿلهه: آهي محرم ۾ ماتم، هئي هئي مير حسين جو.

1. رويو رويو روءِ تون، جر وهائج جام.

2. تنهنجو اجهو ۽ آسرو، آهن سيئي امام.

3. آئون اصل کان آهيان، گولو سندن غلام.

4. غم ۾ گذارج هر گهڙيءَ، صبح توڙي شام.

5. ’ضامن‘ جن جا سي اهي، نڪي ٿين ناڪام.

چنچر 7 محرم الحرام 1444هه
6 آگست 2022 ع
اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ شام جو

## ڪافي 15

ٿِل: هروقت سندم محبوب مٺي تنهن ماهِ لقا جي ڳالهه ڪجي،
جا روز ڪري مون جهڙن تي، ان لطف و عطا جي ڳالهه ڪجي.

1: جنهن جي در تي سوالي روز اچن، ڪئين مون جهڙا مسڪين سوين،
تو پر ڪري پئنار سيئي، ڇا سندس سخا جي ڳالهه ڪجي.

2: هروقت خطائون ڪيئي ڪيم، ڪا ڪانه ڇڳائي مون ڪان ٿي،
ان هوندي ڪري تو ايڏو ڪرم، ڪيئن تنهنجي وفا جي ڳالهه ڪجي.

3: مون پاڻ پرنيو آ جنهن کي، سو ڪين ڇڏيندو سام سندي،
پوءِ ڇاجي ڪري مايوس ٿجي، ڇو رنج ويلا جي ڳالهه ڪجي.

4: امداد ٿيو آهي جنهن جو، مسڪين محمد بخش مٿي،
’ضامن‘ زبان سان ظاهر تنهن، ”طالب مولا“ جي ڳالهه ڪجي.

21 صفر 1411هه
11 سيپٽمبر 1990
اربع رات اڌ ڪلاڪ ۾

مڪان تي

## ڪافي 16

ٿلهہ: ڪڏهن توکان سوا دل جي نہ سري،
ڪر مون کي پرين نہ، پاٽان پري.

1. منهنجي سر جو آهين سائين تون، پر پوءِ بہ نٿو مونکي پائين تون،
چو ٿو ايڏو يار ستائين تون، ڇڏي دلڙي اٿئي دردن سان پري.

2. توکي روز ڏسڻ لاءِ دل ٿي ڪري، پلا پوءِ ڇو رهين ٿو ايڏو پري،
هڪ پل بہ سوا تو ڪين سري، پئي جان سجي ڳڻتين ۾ ڳري.

3. تولاءِ فالون روز مان پايان ٿو، ۽ واٽون جهليو واجهايان ٿو،
تنهن هر ڪنهن کي مان چاهيان ٿو، جيڪو تنهنجي اچي رڳو ڳالهہ ڪري.

4. گهرجي ٿي تنهنجي هڪڙي نظر، سا ڪر تون عنايت دير نہ ڪر،
اچي دل کي سڪون ڪو شام و سحر، اڄڪلهہ تہ رڳا پئي سور چري.

5. توکي ’ضامن‘ هردم ياد ڪري، تنهنجي ٻه سدائين دل تي هجي،
تنهنجو خادم تي هر وقت رهي، اها آس خدا شل پوري ڪري.

نوٽ: شاعريءَ جي تقريبن شروعاتي ڪافي
15 شوال 1409ھ 21 مئي 1989ع
آچر ڏينهن

## ڪافي 17

تلھ: محبوب مٺا ڇو وساريو اٿئي،
نڪي ماريو اٿئي، نہ جياريو اٿئي.

1. دل تو تہ ڇڏي آهي قئيد ڪري، ۽ جان پئي ڳڻتين ۾ ڳري،
ڪنهن مهل تہ اچ تون پير پري، ڇو ناحق مفت ۾ ماريو اٿئي.

2. تنهنجي ياد سڄڻ هت ستايو آ، تو ڇا ڪان منهنڙو مٺايو آ،
ايڏو يار رسڻ تہ اجايو آ، ڪڏهن قياس نہ دل ۾ ڌاريو اٿئي.

3. پيو راهون سنديئي آئون روز ڏسان، تنهنجيون ڳالهيون پلا ٻي ڪنهن کي چوان،
ٿا نئين سج نسرن سور نوان، پر تو تہ وري نہ نهاريو اٿئي.

4. هاڻ ’ضامن‘ ڏي هت آ تون هلي، نہ تہ ويندي مفت ۾ جان جلي،
تنهنجي توڪان سوا ٻي ڪانہ ڳلي، هتي بر ۾ جنهن کي بيهاريو اٿئي.

15 شوال 1409ھ 21 مئي
1989ع آچر

مڪان تي ڪمري ۾ لکيم

## ڪافي 18

ٿلهه: تن سانگين منهنجي ڪئي نه خبر،
آئون جن لاءِ هتي پئي هاريان جر.

1. هو مارو هتي ٿا خوش ٿي رهن، ۽ روز پلر جو پاڻي پين،
هر موسم جو ذٽ خوش ٿي ڪين، آئون آهيان هتي قئيدن جي اندر.

2. ان سانگين ڪي هٿ ساريان پئي، ڪريو ياد هنجهون نت هاريان پئي،
پل پل ۾ تني کي پڪاريان پئي، سوا ياد تني جي ٻي ڪانه ونڊر.

3. سندن ياد ۾ پئي هر وقت روئان، ساريو سانگيئڙا ڳُٽين ۾ ڳران،
ٿي بي وس هٿ لاچار آهيان، لڳي وس نه وڃان منجهه پنهنجي وڳر.

4. ’ضامن‘ ڪي ڪڏهن من ياد سي ڪن ۽ هيڪر اچي هت حال

پڇن،

رڳو هڪ جي دلاسو مون ڏي مڃن، لهي دل تان وڃن دردن جا اثر.

16 شوال 1409ھ 22 مئي 1989ع سومر
صوفي لڳ حاجي فتح جي اوطاق تي
لکيم رف فيئر هتي اچي اربع ڏينهن کيم

## ڪافي 19

ٿِل: مون پريَنِ کي آ پڪاريو، من سي حال پڇن،
من سي حال پڇن، منهنجا سور سڻن.

1: قاصد چئو تون قريبن کي، هڪ پيرو مونسان ملن.

2: ڏيئي دلاسو دل کي، ويهي درد ونڊن.

3: هيڻي منهنجي حال جي، ڪڏهن ڪل لهن.

4. آهيان ان اميد ۾، مون ڏي شل ڏسن.

5: ’ضامن‘ موتي مان سي هيڪر هاڻ اچن.

18 شوال 1409ھ
24 مئي 1989
ڪپرو

کنھنجو،

اهڙي يار دلڙي ڏتاري هليو وئين.

18 شوال 1409ھ 24 مئي

1989ع اربع

مڪان تي ڪمري ۾ لکيم

## ڪافي 20

ٿلهه: مون کي يار جاني، وساري هليو وئين،
مٺا محب ماڻن سان، ماري هليو وئين.

1. اچي پيار پهرين پلا چو ڪيو تو، وري يار دلبر ڏڪاري ڇڏيو تو،
خوشين کان اي سهڻا، تون ڪاري هليو وئين.

2. مون سمجهيو تي مونسان ڪندين تون وفائي، مگر اوچتوئي ڪري وئين جدائي،
جند جان ڳڻتين ۾ ڳاري هليو وئين.

3. سدائين اي سهڻا توکي ٿو سارِيان، ۽ روز تنهنجيون ٿو راهون نهاريان،
اهڙي پڪ پريمي پياري هليو وئين.

4. نظر سان تو اهڙو ديوانو بنايو، ٻي هر طرف کان بيگانو بنايو،
فقط هڪ دفعو تون نهاري هليو وئين.

5. ’ضامن‘ دلبر سدائين آ تنهنجو، ٿي نہ سگهي ٿو ڪڏهن ٻي

## ڪافي 21

تلهہ: سجڻ يار سهڻا نهاري وڃين ها،
”جڏي جيءَ کي جاني جياري وڃين ها.“

1. مون پانيو ٿي مونڊي هلي هاڻ ايندين،
اهو ڪونہ سمجهيم بنهہ دور ٿيندين،
فقط نام اُلفت اُڇاري وڃين ها.

2. هئس اڳ ۾ ئي غمن جو نيشانو،
مٿان يار تون بہ ڪري وئين بهانو،
مئل دل کي منڙآ نہ ماري وڃين ها.

3. اي ساقي تون ڏين ها ڪڏهن پر پيالو،
ٿي اُت وڃي ها دکن جو ازالو،
ڪڏهن مئي بڇيل کي نہ هاري وڃين ها.

4. هڪ ڏڪ پيئڻ سان جيان ها اي جاني،
ڪڏهن نہ ٿئي ها ڪائي پريشاني،
جي ساقي تون سرڪي پياري وڃين ها.

5. ’ضامن‘ هردم آهي هت اداسي،
پنهنجي پرين کي پسڻ لاءِ پياسي،
ڇڏي هت تہ ڪنهنجي سهاري وڃين ها.

20 شوال 1409ھ 26 مئي
1989ع طرح
تي صبوح جو ڪمري تي لکيم

5. ’ضامن‘ جا اي سهڻل سائين، اچي پنهنجو پاڻ پسائين،
ڪڏهن دل تان ڪين تون لاهين، مون تي ڪانهَ ميار،
جيڪر پنهنجو پاڻ پلائين، لهه ڪا سار سنڀار.

24 شوال 1409هه 30 مئي 1989ع
اڱاري
جي رات 11 کان 1 بجي تائين ڪمري
۾ لکيو

## ڪافي 22

ٿلهه: پيار ڪيو مون آهي توسان، دل گهريا دلدار،
سمجهيم توکي دلبر پنهنجو، سهڻن جا سردار.

1. شام صبوح ٿو توکي ساريان، تولئهٔ روز هنجهون نت هاريان،
ڪڏهن توکي ڪين وساريان، محب منا مٺار،
پلپل آئون پيو پڪاريان، هوت هيڻئي جا هار.

2. تنهنجا پانڌي روز پڇايان، فالون دلبر پيو هت پايان،
تولئهٔ ڪوڙين ڪانگ اڏايان، جاني جيءَ جيار،
دم دم نيٽين نير وهايان، من سندا مهندار.

3. اچين مون وٽ جيڪر جاني، لهي وڃي پوءِ ڪل حيراني،
تنهنجو مٽ نه آهي ثاني، پاڻان ڪج نه ڌار،
پنهنجي اچي تون پساءِ پيشاني، مونکي ماڻن سان نه مار.

4. منهنجي اڱڻ تي هاڻ هلي آ، توکانسواءِ نه ڪائي ڳلي آ،
ڪڏهن منهنجي ڪانهَ چلي آ، پنهنجا واعدا پار،
مون ته اڃان نه اميد پلي آ، مورهين ڪين وسار.

## ڪافي 23

تلهہ: ڪٽي ٻئي ناز مان نظرون، جڏهن مونڏي نهارين ٿو،
مهل ان ۾ تہ اي منٽڙا، جڏي جيءَ کي جيارين ٿو.

1. آهيان سوالي آئون سالن کان، ڪڏهن تہ ڪا عنايت ٿئي،
مئل دليون جين ٿيون جي، پيالا پر پيارين ٿو.

2. رهان خاموش تو اندر، هلي منهنجو نہ وس ڪوئي،
رقيبن کي سجڻ سڏيو، پنهنجي پير ۾ ويهارين ٿو.

3. ڪچهريون قرب جون ڪن سان ڪرين ٿو ويجهڙو ويهيو،
ڪني کي تہ اچڻ سان ئي، صنم در تان ڌڪارين ٿو.

4. ’ضامن‘ تہ اي جاني، هميشہ ئي هجئي پرتل،
تني جا پاڳ تو پانيان، جني کي تون سنپارين ٿو.

25 شوال 1409ھ 31 مئي
1989ع اربع
ڪمري ۾ لکيم

## ڪافي 24

تلهہ: دلبر ٿئين چو ڏار، مون کي ڇڏي هت هيڪلو.

1. انئي پهر اي سهٽل سائين، تنهنجي آهي تار،
ڪري وڃين ها ڪو تہ بلو.

2. توڪان سواءِ هت ڪوئي ناهي، ساجن لهہ ڪا سار،
اچي هيڪر مون سان ملو.

3. سيئي خطائون مونڪان ٿيڙيون، مڙئي مون تي ميار،
هاڻ اچي هت خوش ٿي ڪلو.

4. ’ضامن‘ تي ڪا مهر ڪجائين، آهي سنڌئي آڌار،
تنهن کي نيئي ساڻ هلو.

25 شوال 1409ھ 31 مئي
1989ع
اربع تي شام جو لکيم

## ڪافي 25

ٿلهہ: توکي ڏسڻ سان جاني، ٿي پئي هي دل ديواني،
پيار ڪيو مون توسان، ناتو رکيو مون توسان.

1. جڏهن مونسان نظر ملائيي، پيارا مونکي پنهنجو بنائيي،
آهين يار تون نيڻن ٺار تون، سنڌئي ناهي ثاني.

2. جنهن ڏي دلبر هيڪر نهارين، تنهن کي اندم يار جيارين،
نظر ڪٽي ٿو ڏاڍو وڻين ٿو، دور ٿئي پريشاني.

3. دم دم آئون توکي سنڀاريان، سهڻل سائين ڪين وساريان،
اهڙو ٿو چاهيان، دل تان نہ لاهيان، پساءِ اچي پيشاني.

4. ’ضامن‘ کي اي منٺڙا سارج، پنهنجا سيئي واعدا پارج،
پيار ڏجائين پنهنجو ڪجائين، سين کي ٿئي حيراني.

1 ذوالقعد 1409ھ 4 جون 1989ع
سومر رات 11 بجي مکان تي
لکيم

## ڪافي 26

ٿلهہ: توکي يار چوان، توسان پيار ڪيان، توکي دل سندو دلدار چوان.

1. جڏهن مرڪيو مونڏي نهارين ٿو، اندم ۾ تہ جاني جيارين ٿو،
سڏيو پنهنجي پر ۾ ويهارين ٿو، تنهن کي اُلفت جو اقرار چوان.

2. پرين مونسان اچي تو پيار ڪيئي، ۽ عيب سندم پي يار ڍڪئي،
تہ بہ مونکي پنهنجو بنائي ڇڏيئي، توکي هيڻن جو حبدار چوان.

3. تون هڪڙو منهنجو يار آهين، پر پوءِ چو مون کان ڌار آهين،
هر وقت مونسان گڏجي رهين، پرين من جو توکي مهندار چوان.

4. تون ’ضامن‘ سان پيو ڪجئين وفا، ڪڏهن ڪين تون ٿيجئين مون مان خفا،
منهنجي دردن جي تون آهين دوا، توکي منهنجو مٺو مٺار چوان.

6 جون 1989ع 2 ذوالقعد 1409ھ
اڱاري
ڏينهن شام جو $4\frac{1}{2}$ بجي ننديي
بنگلي
۾ مکان تي

## ڪافي 27

ٽلهہ: تو پهرين نظر سان شڪار ڪيا، ڪئين مون جهڙا انسان سوين،
تنهنجي حسن تي دلبر آهن ٿيا، سڀ سهڻا هتي حيران سوين.

1. جن سان تو ملائي اک جي اٽي، وئين تن جي دل جو ڏاڙو هٽي،
هاڻ نيم بسمل تي سي پيا، تا دانهون ڪن ديوان سوين.

2. جڏهن محفل ۾ ڪا ڳالهہ ڪيئي، ڪري سيني تي جڻ جادو چڏيئي،
ٻہ چار اچي تو ٻول چيا، ٿيا اهل سخن پريشان سوين.

3. تون ساقي سرڪي پيارين ٿو، تڏهن مئل دليون ٻہ جيارين ٿو،
هن مئخاني مان هزارين ويا، اهڙا پرڪش پي پئمان سوين.

4. جي ديدار لاءِ ٿيو ويڳاڻا وتن، سي مست ٿا ماڻهن ۾ سڏجن،
تن خوش ٿي آهن سيئي ڪنيا، پنهنجي سر مٿي بهتان سوين.

5. تو جن جي دلين کي قئيد ڪيو، سڀ هوش چڏائي تن کان ويو،
هڪ ’ضامن‘ جي هت ڳالهہ نہ آ، ٿيا تولئہ سڄڻ مستان سوين.

22 جون 1989ع 18 ذوالقعد 1409ھ
خميس شام مڪان تي

## ڪافي 28

ٿلهہ: آئي موسم مست ملهار، ياد پيو مون کي پنهنجو يار

1. جنهن ٿي مونسان گڏ گذاريو، تنهن پلا ڇو آهي وساريو،
اٿئي پهر آ ان جي پچار.

2. آيو ساونڻ ٿي سرهائي، رهي اندر ۾ آس اهائي،
دلبر جو من ٿئي ديدار.

3. ساجن کي ٿو سدائين ساريان، مينهن جي مند بہ روئي گذاريان،
موٽي اچي سو من هڪوار.

4. آهن اميدون مونسان ملندو، اچي مونوٽ خوش ٿي کلندو،
ٿيندي دلڙي باغ بهار.

5. هت ’ضامن‘ ڏي موٽي ايندو، اٿم اميد تہ ڪين ڇڏيندو،
جلدي لهندو سار سنڀار.

23 جولاءِ 1989ع 19 ذوالحج
1409ھ
آچر مڪان تي لکيم جهڙ هو.

## ڪافي 29

تلھ: آھيو اسين تہ عئيبندار رحمي تون ڪو رحم ڪجائين.

1. مڙئي خطائون معاف ڪجائين، سينا اسانجا صاف ڪجائين،
ڪيڙا گناھ اتئون اپار.

2. دردن دل ۾ ڪيو آهي ديرو، ڏيار نجات تون سائين سگهيرو،
سندئي در هيءَ آهي پڪار.

3. قرضن کان تون جان ڇڏائج، ڪنهنجو ڪين محتاج بنائج،
سيئي آهي سندئي اختيار.

4. تنهنجي در تي سوال هي آهي، نفس ندوري جو ڇڏ ڪم لاهي،
رمز روحاني ڪا ڏاتر ڏيار.

5. ڪارڻ حضرت محمدؐ مير جي، محابي مرشد نوحؒ فقير جي،
ڪر ڪا عنايت سائين ستار.

6. ڪجائين فقيرن جو تون خادم، سوال هي آهي يارب هردم،
پوري اميد تون ڪر ڪلتار.

7. عرض اگهائج الله سائين، مارن مهندان تون مرڪائين،
کنڌ کڻي ات ڪريان نهار.

8. 'ضامن' آهي تو در سوالي، تنهن کي ڪين تون ڇڏجان خالي،
ڪرم سندي جي ڪر پلٽار.

23 جولاءِ 1989ع 19 ذوالقعد 1409ھ

بروز آچر مکان تي لکيم

## ڪافي 30

ٽِل: ٽي پانيان پنيور زهرو، ڏاران پرينءَ پنهون جي.

1- ستيس سنجهي مان سيج تي، پوءِ جاڳي وهايم جر.

2- اچن اوقاتون اندر ۾ هي ساڙيان سڄوئي شهر وو.

3- منهنجو جانب جت وٺي ويا، آهي مونسان ٽيو محشر وو.

4: پيچو ڪنديس پرين جو، اهي ڪٽي سور ثمر وو.

5: ڏسنديس ڪيچ مڪران ڪي، هي ڏوري سڄو ڏونگر وو.

6: ٽيندو امداد عليءَ جو، ٻيو ساٿ ڏيندم سرور وو.

7: ’ضامن‘ سان هت مرشد سائين، اچي حامي ٿيندو هر هر وو.

20 جمادي الاول 1410ھ

20 ڊسمبر 1989

اربع مڪان تي

## ڪافي 31

ٽِل: ليليٰ جي هئي لڪ، مجني کي ڪنهن مست بنايو.

1: اول خواب ۾ ڏٺئين صورت، موهي ڇڏيس انهي مورت،
هئي اها عشق جي اٽڪ، جنهن تي پنهنجو وطن ڇڏايو.

2: زهر پيئڻ جو آيس وارو، ڊپ نہ ٿيڙس ڪو ڊيڄارو،
ڪانہ ڪيئين ڪا هٻڪ پيو پيالو ڏٺئين تي موٽايو.

3: پنهنجي پاڻ کان غافل ٿيڙو، اهڙو سڄڻ ۾ فنا ٿي ويڙو،
هي آهي حقيقت هڪ، تہ پاڻ پرينءَ تنهن کي پاڻ پسايو.

4: سسئي چالاءِ ڏونگر ڏوريا، پاهڻ سيئي پيرن سان پوريا،
ويئي لنگهي سڀ لڪ پنهنجي پنهون جو پتو پڇايو.

5. سهٽي لتاڙي لانگها ويئي، ڪاهي ڪن ۾ ڪيئن تي پيئي،
اها عجيب هئي ڇڪ، جنهن تي نيئي ميهر سان ملايو.

6. هير رانجهن جي واٽ نهاري، وڏئين ڪيڙي جي منهن ۾ واري،
اهڙي پرينءَ پيارس پِڪ، هڪ پل تنهن کي آرام نہ آيو.

7. هت ’ضامن‘ چئي چا ٻڌائي، پنهنجي پاڻ کي چا سمجهائي،
نہ ڄاڻان چا آهي عشق، ڇڏي هزارين رڙن ۾ رلايو.

21 جمادي الاول 1410ھ
21 ڊسمبر 1989
خميس ڪلاڪ ڪن ۾
مڪان تي

## ڪافي 32

ٿل: ويڙيهيچن کي آئون، وهان ڪيئن وساري،
ڪتيان پئي ڪوٽن ۾، هنجهون روز هاري.

1: ڪنيئي ڪوهه تان تو، ڪري ظلم زوري،
منهنجو ساهه سانگي، سدائين پيو ساري.

2: پون پور پلپل وڃان آئون وطن ۾.
هتي قئيد آهي، ڇڏي جان ڳاري.

3: تنهنجا طعام تڪيا، لڳن زهر مونکي،
مڃن مان مونڏي، ڏوٽي ڏٽ ڏياري.

4. عمر اوچتو هي، ڪيئي قهر ڪيڏو،
هتي بند ۾ پئي، بندياڻي پڪاري.

5. ’ضامن‘ چئي سي لهن ڪين دل تان،
هيڪر شال ڏاتر، ڏوٽيئڙا ڏيڪاري.

خميس 21 ڊسمبر 1989
مڪان تي

## ڪافي 33

ٽِل: واڳون ويا ٿم وري، ساهڙ توکي ٿي ات ساريان

1: اڇي پيس آئون ڪارونيار ۾. ويئي وسارت تڪڙي تار ۾،
پيلو ويو آهي پري، تڏهن اکين مان آب ٿي هاريان.

2: سئنسر سنبري ڪن ٽا مارو، توکان سواءِ ٻيو ناهي چارو،
تار سگهان ڪيئن تري، پلپل تولئہ پئي پڪاريان.

3: سير ۾ مونسان ٿيجان ساٿي، طاقت ترڻ جي ناهي هاٿي،
نہ تہ وينديس مفت ۾ مري، ٿي هت تنهنجي راهہ نهاريان.

4: هت 'ضامن' چئي تون مرڪائج، هيڪر پنهنجو پاڻ پسائج،
ڪين سوا تو سري. دل تان هڪڙو دم نہ وساريان

31 ڊسمبر 1989
سومار شريف
هالا

## ڪافي 34

ٿلهہ: مرشد سائين مهندار، مدد ڪجائين هر مشڪل ۾.

1. دنيا درڙي ڇڏيو آ ڦاسائي، اڳيان سگهندس ڪيئن ڳالهائي،
وهم ٿيا ويچار.

2. نفس ندوري ڪيو آهي مارو، ڪونہ آ توکان ڌاران چارو،
آهيان آئون عئيبدار.

3. تنهنجي در تي آيس سوالي، ڪڏهن ڪين ڪي ڇڏجان خالي،
سوال سٽج سردار.

4. مونکان وڌ ات ڪيئي موچارا، توکي ڏسڻ لاءِ وتن ويچارا،
دلبر ڏج ديدار.

5. اٿم اميد نہ ڪين ڇڏيندين، وقت ڏکئي ۾ ڏڍ تون

ڏيندين،

اي قريشي قربدار.

6. ’ضامن‘ آهي مجي غلامي، هردم هوئج تنهن سان حامي،
سگهڙي لهجان سار.

1 جنوري 1990، 3 جمادي الثاني 1410هه
سومار شريف تي صبح ساڍي هالا شريف ۾
لکيم

## ڪافي 35

ٿلهه: جدا جهانگين ڪان ٿي آئون، ڏکيا ڏينهڙا گذاريان پئي.

1. لڏم هڪ خواب اڄ اهڙو، وطن پنهنجي آهيان ويئي،
وڃين ساٿيهه ۾ سرتين سان، ڇيلن جي چانگ چاريان پئي.

2. ويڙهيچن کي وساريان ڪيئن، جنم گهاريو اتم جن سان،
ڪريو هت ياد ڏوٿيئڙا، اکين مان آب هاريان پئي.

3. مگّيندو ڪيت آهي منهنجو، ڇڏي هت ڪينڪي ڏيندو،
راتو ڏينهن روح ۾ روئي، سيئي سانگي سنياريان پئي.

4. پڪا پيرون پسي ڏٿونرا، لهن هڪ پل نٿا دل تان،
ڪريو سي ياد ڏٿ تنهنجا، سمورا طعام هاريان پئي.

5. ’ضامن‘ چئي هت مارو، ڇڏيندا ڪين ڪوٽن ۾،
اهي ڏي دل کي ڏيئي، گهڙيون قئيدن ۾ گهاريان پئي.

5 جنوري 1990ع 7 جمادي الثاني 1410هه

جمع ڏينهن 2½ کان 0½ تائين ڪمري ۾
لکيم

## ڪافي 36

ٿلهہ: مون سان ٽيو ماٺام، جيجل جوڳيئڙن ريءَ

1. ساري ساميئڙن کي، جر وهايم جام.
2. هليا ويا هنگلاج ڏي، لنگهي ورهہ ويام.
3. اٿي اٿر ويل جو، ٻولي سا نہ ٻڌام.
4. آسڻ پسي آديسين جا، راتو ڏينهن رنام.
5. 'ضامن' چئي مهيسين کي، ڏني ڏينهن ٽيام.

16 جنوري 1990ع 19 جمادي الثاني
1410ھ
اربع رات تقريبن 8 کان 9 تائين مچ تي
لکيم

## ڪافي 37

ٿلهہ: ڪري نظر سندو نيشانو، تو دلبر ڪيو ديوانو.

1. ڪيو پيار تو پهرين پيارا، ڏيئي اک جا خوب اشارا،
تنهنجا ناز انداز نيارا، تن دل تي ڪيڙا مارا،
منهنجا سهڻل يار سچارا! او جاني جيءَ جيارا،
اڄ قدم پري تون پلارا، منهنجي دل سندا دلدار،
توکي ساريان ٿو روزانو.

2. مٺا محب سندم موچارا، ڪيئن ڪٽيان ڏينهن توڏارا،
ويا سک ڇڏائي سارا، اڄي سور ٿيا هت سهارا،
آهن اڪٿين جا هي آرا، توکي ڏسڻ الءِ ڪن وسڪارا،
دنيا جا سيئي نظارا، سوا توکان لڳن ٿا کارا،
هت گلشن آ ويرانو.

3. منهنجي جيءَ جا جڙيا جاني، هٽي قرب جي وٿين تون
ڪاني،
تنهنجو پانيان ڪونہ ٿو ثاني، توتي ساهہ ڪريان قرباني،
آهين لاشڪ تون لاثاني، رڳو تنهنجي پسان پيشاني،
اڄي محب تون وٽ مهماني، ڪر مون تي اها احساني،
ڪو ڪجئين ڪين بهانو.

4. اهي عرض تون شال اگهائين، مون سان پيچ پريت جو
پائين،
ديدن سان ديد ملائين، اڄي اهڙو مون کي پائين،
او سهنا منٽرا سائين، ڪڏهن دل تان ڪين پلائين،
اڄي پنهنجو پاڻ سائين، وري مون کان منهنج نہ مٺائين،
پرين آهيان سند تي پروانو.

5. هاڻ ’ضامن‘ سان هت ملجان، تنهنکي نہ وساري ڇڏجان،
خوش ٿي هتي تون کلجان، منهنجي اڱڻ تي سهٽا ٿلجان،
اڄي ياڪر پائي ملجان، پوءِ ڪڏهن منهن نہ مٽجان،
منهنجا عيب سڄڻ نہ ڏسجان، مونوٽ هميسہ رهجان،
ڏٺي توکي گذريو زمانو

25/24 جنوري 1990ع
19-18 جمادي الثاني 1420ھ
اگاري ۽ اربع تي مڪان تي

## ڪافي 38

ٽَل: مونکي پاڻان ڪج نہ ڌار، چنيسر سائين، مونکي پاڻان ڪج نہ ڌار.
رويو تو در تي ٻاڏايان.

1: عيب سندم تو اکئين ڏٺئي تي، تڏهن چنيسر ڪجهہ نہ چيئي تي.
۽ ججهو ڏنئي تي پيار..... هاڻ انهي کي ڇا مان پانيان.

2: مٽيي تي منهنجي دل ٿيڙي، نہ معلوم هئي ماحيت ههڙي.
نہ تہ ڪين ڪٽان ها هار...... پنهنجي ڪئي تي پئي پڇتايان.

3: سيس جهان ۾ سندئي نالي، ڪين ڪجان ٻي ڪنهن جي حوالي،
اڇي موٽي ملين منٺار.... تہ عمر سڄي تنهنجي گولي ڇوايان.

4: رهنديس تنهنجي ٿي آئون ٻانهي، معاف هي منهنجي ڪر ناداني.
پنهنجو پاڻ پلائج پتار..... پاند پلئہ ٿي هرهر پايان.

5: ’ضامن‘ ڇئي هت توکي ساري، ڪٿيان ڏينهن ٿي راهون نهاري،
هاڻ مونتي رک نہ ميار.... عئيبن پريل توڙي آهيان.

9 رجب 1410هہ
6 فيبروري 1990
اڳارو مڪان تي

## ڪافي 39

ٿلهہ: راهہ ڏس ڪا رهنما، آڏار تنهنجي آهيون،
هي سٽج سرور صدا، آڏار تنهنجي آهيون.

1. ڪر قريشي قرب ڪو، هي عرض ڪيڙم هٿ ٻڌي،
تو ريءَ نہ آهي واهہ ڪا، آڏار تنهنجي آهيون.

2. هت وڪوڙي وهم ويا، ڏس پلا ڪيڏانهن وڃان،
ڪڏهن نہ پاڻان ڪج جدا، آڏار تنهنجي آهيون.

3. مڙئي مشڪل مون سندا، هڪ منٺ ۾ ميٽي ڇڏج،
هيٽو سندم هت حال آ، آڏار تنهنجي آهيون.

4. آهن نوازيا تو هتي، عيبن پريل ڪئين عيبدار،
مون تي بہ ڪر ڪي وڙ وڏا، آڏار تنهنجي آهيون.

5. مشڪل ۾ ’ضامن‘ تي، امداد تون ڪر ڪا اڇي،

تي مدد مرشد مٺا، آذار تنهنجي آهيون.

4 مارچ 1990ع 4 شعبان 1410ھ
سومار شريف تي رات جو10 بجي ڌاري
هالا شريف ۾ لکيم اوطاري تي

## ڪافي 40

ٿلهہ: ساميئڙن ڪي ساريان ڪين وساريان، هيئڙي منجهه هرن، هينئڙي منجهه هرن، چت تي روز چڙهن.

1. آسڻ ان جا خالي آهن، جوڳي جبروت ڏي تا ڏسائن راهه سندن نهاريان، اگڻ ٻهاريان، ويل نتا وسرن.

2. ياد جني جي جيءُ جلايو، اٿن پلا چو منهنڙو متايو، آب اکين مان هاريان، پٽي پڪاريان، وري شال ورن.

3. عرض اونائج الله سائين، مهيسين سان مونکي ملائين گڏجي ڏينهن گذاريان، اندر اجاريان، سندم نيڻ ٺرن.

4. ’ضامن‘ سان سي ٿيندا حامي، اٿم ان جي مجيين غلامي، نام سندن اُچاريان، جيءُ جياريان، من هو پنهنجو ڪرن.

26 مئي 1990ع 1 ذوالقعد
1410ھ
چنچر ڏينهن صبوح ساڻ ڪمري
۾ لکيم

## ڪافي 41

ٿلهہ: پيار ڏئي تو پنهنجو بنائي، پوءِ ڇا کان منهنڙو مٽايو ٿئي.

1. قرب ۾ مونکي قئيد ڪيو تو، وري دلبر دل تان ڀُلايو ٿئي.

2. اٿئي جدا تي جان جلائي، ڪو ڪڏهن قياس نہ آيو ٿئي.

3. بنا ڏوهہ جي سهڻا سائين، ڇو ڏاڍا ڏاڍ ڏيکايو ٿئي.

4. سچ چئو تہ ڪهڙي سبب ڪان، ايڏو ڇالاءِ يار ستايو ٿئي.

5. ’ضامن‘ هردم آهي اوهان جو، اهڙو پيچ پريت جو پايو ٿئي.

6 جون 1990ع 12 ذوالقعد 1410ھ

اربع جي رات جو $12\,^1/_4$ بجي تاري جي فرمائش تي لکيم مڪان تي

## ڪافي 42

ٽِل: رنم رات ساري، سانگيئڙن ڪي ساري، عمر آئون اباڻان، ڇڏيان ڪيئن وساري.

1: نٽيون ويل وسرن گهڙيون گڏ گذاريل پٽن پرتي گڏ جي چيلن چانگ چاريل،
هتي قئيد ۾ هاٽي ڳٽتي تي ڳاري.
ماروئڙن ڪان مونکي ڇني ڇو ڇڏيو تو اٿئي هيءُ ڪيڏو نہ قهر ڪيو تو،
ڇڏيئي جڻ تہ مونکي، جيئري ئي ماري.

2: سانگين ڪي سموري حقيقت سڻايان، ذري ڳالهہ تن ڪان نہ ڪائي لڪايان
جي پنهنجي وطن ۾ وڃان آئون واري.

3: ’ضامن‘ چئي ڪين مارو ڇڏيندا، اميدون ئي آهن اچي ڏد ڏيندا،
ڏسان راهہ تي جي اڪين آب هاري.

7 جون 1990

خميس مکان تي

## ڪافي 43

ٿل: راهہ سنڌئي پٽئي نهاريان، موٽي اچ تون مينڌرا.

1: راڻل تو ڇو منهنڙو مٽايو، تنهنجي جدائي جيءُ جلايو،
آب اکين مان هاريان، موٽي اچ تون مهينڌرا.

2: ريت رسڻ جي تو نہ جڳائي، مهري ڪاڪ تي اچ موٽائي،
تولاءِ هٿ اڱڻ ٻهاريان، موٽي اچ تون مهينڌرا.

3: ماڙيون توريءَ ڪين وڻن ٿيون، تنهنجيون ڳالهيون چت تي چڙهن ٿيون،
ڪين ڪڏهن سي وساريان، موٽي اچ تون مهينڌرا

4: ماريو مومل ڪي تنهنجي رسامي، تو ڌاران نٿي رات وهامي
توکي سيڪا ساعت ساريان، موٽي اچ تون مهينڌرا

5: ’ضامن‘ چئي مڙئي مدايون، معاف منهنجيون ڪر تون ڪچايون،
تو در تي آئون پڪاريان، موٽي اچ تون مهينڌرا.

8 جون 1990

## ڪافي 44

تلھہ: آب اکين مان آيم، سامونڊين ڪي ساري،
اي ميان! مولىٰ شل موٽائين، وطن پنھنجي ڏي واري.

1. ھت ڇڏي ھيڪلي ڏيھڻون ڏور ويا، روئندي ڏينھن راتيون ڪيئي پھر پيا،
اي ميان! ڏيل ٿيو آ ڏٻرو، نير نيڻن مان ھاري.

2. ڳالھيون ڳجھيون ان جون ھينئڙي منجھہ ھرن، ساھہ سنئون سي سانيڀان ويل نٿيون مون وسرن،
اي ميان! ٿيس اصل کان ان جي، وھان پوءِ ڪيئن وساري.

3. پيئي پٽايان پوٽيون ڪڏھن موٽي ملندا، رنج رسامان ڇڏي اڱڻ سندم تي تلندا،
اي ميان! روز بندر تي بيھي، ٽڪيس آئون راھہ نھاري.

4. ڪاج ڪيئڻ ان ريءَ سيئي زھر پانيان، ڳڻ ڳذاريل گھڙيون دل تان ڪين لاھيان،
اي ميان! چو ھت ھيڪلي ڇڏيئون، ڳڻتين آ ڇڏيو ڳاري.

5. ’ضامن‘ چئي ھاڻ موٽي مان اچن، ان ذاران تا دل تي پلپل پور پون،
اي ميان! ھي عرض الله ٻڌي، سي ڏاتر شال ڏيڪاري.

9 جون 1990ع 15 ذوالقعد 1410ھ
چنچر ڏينھن صبح 7 کان $7^1/_2$ تائين
ڪمري ۾ لکيم

## ڪافي 45

ٿلهه: دل گهريا دلدار، هاڻ ڇڏي ڏي ريت رسڻ جي.

1. پيار ڏيئي تو بنايو پنهنجو، ٿي نہ سگهان ٿو هٿ ٻي ڪنهنجو،
هيلا ڪريان پيو هزار، موٽي مونسان من ڪرين پرچڻ جي.

2. ڪهڙي سبب تو آهي وساريو، جيئري جڻ تہ مونکي ماريو،
پهرين ڏنئي چو پيار، دل ۾ هيئي جي منهنڙو مٽڻ جي.

3. مونکان جيڪر خطا ڪا ٿيڙي، ڏي نہ سزا تون هرگز هھڙي،
توڙي مونتي سپ ميار، تہ بہ توکي آ طاقت معاف ڪرڻ جي.

4. اٿم اميد تہ موٽِي ايندين، هت تون مونکي ڪين ڇڏيندين،
سک نہ اچي تو ڌار، روز ڏسان تنهنجي راھ اچڻ جي.

5. ’ضامن‘ ڏي ڪا هاڻ دلبر، وائي ورڻ جي هيڪر تون ڪر،
سگهڙي لهہ ڪا سار، جلدي ڪجان وري مونسان ملڻ جي.

22 جون 1990ع 28 ذوالقعد 1410ھ

جمع ڏينهن $11\,^1/_2$ ڪان 12 تائين ڪمري ۾ لکيم

## کافي 46

ٿل: ڪِڪي ڪاچ منهنجو مهاڻن مان آهيان.
اڱو شان شاهي، سينو ڪيئن ساهيان.

1: هيس اصلئون اڳلي پسند ڪيئن پييس عجب آهي ان تي وٽي توکي وييس
تڏهن ئي تي پنهنجا پلا پاڳ پانيان.

2: ڏسن راهہ تنهنجي مونکان وڌ موچاريون. اسين عئيبن پريل ڪٽون ڪکين ڪاريون.
ڪيئي پال پلايون ٿورا ڪيئن مان لاهيان.

3: سمان چام پنهنجو تون شان سجاڻج. ڪچايون ڪيم جي. سي دل ۾ نہ آڻج.
سنڌئي در تي هرهر پلئہ پاند پايان.

4. 'ضامن' چئي هردم ڪريان عرض ڪيئي، ڏڪارج نہ درتان نماڻيءِ ڪي نيئي،
تنهنجي پيس پناري نہ ٻي جي سڏايان.

22 جون 1990
جمع- مکان تي

## ڪافي 47

ٿِل: مارن ڪان ڏار ٿيڻ بدران، مري جيڪر وڃان ها آئون،
تہ عمر هن قئيد تنهنجي ۾، نڪي ڪڏهن پوان ها
آئون.

1: ڏئين ها جي مونکي مهلت، ذري هڪ ويل جي حاڪم،
تہ حقيقت حال پنهنجي جي ڇتاري اٿ چوان ها آئون.

2: ڪئين توکوهہ تان مونکي، نہ مارن سان ملي سگهيس،
ٿئي معلوم ها اڳ ۾ تہ، نہ پري تن ڪان ٿيان ها، آئون.

3: هجان ها جي وٽن ويٺي، نہ مونکي هو ڇڏن ها هينئن،
اتي خوش ٿي پئي ڪيتن ۾، پلر پاٽي پيان ها آئون.

4: ستايو ياد آ انجي، گهڙيون هت ڪين ٿيون گذرن،
ڏئين تون ها ڪڏهن موڪل: ڪنپيون خوش ٿي ڪيان ها
آئون.

5. ’ضامن‘ چئي هت جيڪر، اچي ها ڪو اتان ماڻهون،
تہ سموري خبر سانگين جي ويهي تنهن ڪان پڇان ها آئون.

6 جولاءِ 1990
چنچر رات مڪان تي

## ڪافي 48

ٿلهہ: رات ڏينهن روئي هتي، سانگي سمورا ساريان،
ويل هڪ وسرن نٿا، گهڙيون پلا ڪيئن گهاريان.

1. ڪوٺ تنهنجي ۾ عمر، هت ساهہ آ گهٽجڻ لڳو،
من ڪڏين هن قئيد مان، پلپل پئي آئون پڪاريان.

2. گڏجي جني سان گهاريم، شايد وساري ان ڇڏيو،
شال پرچن سي ڪڏهن، نڪي ويل هڪ وساريان.

3. سرتين سان گڏجي پٽن تي، ڪيتن ۾ ٿي ڪاڙيم ڪنبيون،
ناحق اڇي تو قئيد ڪيو، ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙِيان.

4. ’ضامن‘ چئي ڪريان عرض، موڪل ڏي مارن سان ملان،
قؤل جيڪي مون ڪيا، پنهنجا وچين سي پاريان.

7 جولاءِ 1990ع 13 ذوالحج

1410ھ

چنجر ڏينهن پوڻين 7 ڪان سوائين

7

تائين ڪمري ۾ لکيم

## ڪافي 49

تلهہ: اڳ ۾ ڪيئون نہ سچي، ننڊ ۾ نماڻي ڇڏي ويا.

1. ڪانہ خبر پئي هي آ مون کي، تہ ڪهڙي ڪئي مون ڪچي.

2. ڏاران پنهل جي سور ڪئين سرتيون، جاڳيا اندر ۾ اچي.

3. پنيان پنهونءَ جي ڏونگر ڏوري، پير پيا آهن پچي.

4. ’ضامن‘ چئي ڪيچ ڏي ويندیس، هن بگهڙن ڪان آئون بچي.

7 جولاءِ 1990ع 13 ذوالحج 1410ھ

ڇنڇر 8 ڪان $8^1/_2$ تائين ڪمري ۾

## ڪافي 50

تلهہ: سرڪ ڏيئي ساقي سوائي، هن جڏي جيءَ کي جيار،
وهم ويا آهن وڏي، ٻيا درد ٿيا هت بيشمار.

1. ڏي ڪو پيالو پر ڪري، نہ تہ هت نٿي ساعت سري،
چو پاڻ کان رکيئي پري، هاڻ وٿي ڪا وجهہ نہ وار.

2. دنيا ڪان فارغ ڪر ڪٽي، اهڙي ڪاڏي گهاتي گهٽي،
مئخاني جو آهين ڏٽي، پُرڪش ڪو پئمانو پيار.

3. ڪٽي سوال جو حاضر ٿيو، سو ڪين ڪي خالي ويو،
هڪڙي نہ مون آ عرض ڪيو، هت ٻيا بہ سوالي ڪئين هزار.

4. ٿو جام تنهنجو تون پرين، جنهن کي نوازڻ ٿو گهرين،
من قرب ڪو مون تي ڪرين، لهين سيگهہ مان سنديم ڪا سار.

5. ’ضامن‘ چئي ڪر ڪا نظر، امداد ڪو اچي اهڙو ڪر،
ڇڏيندس نہ مئخاني جي پر، جيسين نہ ڪا لهندين سنڀار.

12 جولاءِ 1990ع 19 ذوالحج

1410ھ

جمع رات ڪمري ۾

## ڪافي 51

ٿل: سي ساهڙ مان سٽي سڏڙا ڪيم جي سير ۾،

1: واڳن مونکي آهي ورايو، دهشت تن جي ڏيل ڏڪايو،
هاٽي جيڪا تنهن وٽي، منهنجي رهيو ناهي ساهه سرير ۾.

2: ڪن درياهه جا آهن ڪيئي، تن ۾ اڇي هت آهيان پيئي،
شل نہ هٿڙو ڪٽي، ناهه رهيو ڪو دم دلگير ۾.

3: ڪڏهن آسرو ڪين لاهيديس، جيتر هليا حيلا هلائيندیس،
ڳالهہ جيڪا پوءِ بٽي، دل تہ رهي هت آهي اڪير ۾.

4: ميهر مونکي ڪين چنڊيندو، چئي 'ضامن' اڇي ڏيِ ڏيندو،
غم وڪوڙي گهٽي، آهيم آسرو سندم پير ۾.

24 ذوالحج 1410ھ

19 جولاءِ 1990

جمع جي رات مڪان تي

## ڪافي 52

ٿلهہ: مندون وڃن پيون مٺي مٺي، اڄ تون هاڻ يار پيارا.

1. کهڙي سبب تو آهي وساريو، ڪيل قول نڪي تو پاريو،
سورن ڇڏيو آ سٺي سٺي، ڪين وٺن ٿا هٿ هي نظارا.

2. ياد پون ٿيون سندئي ڳالهيون، توکان سوا تون ڇٿو ڪيئن جاليون،
جو جاني ويون تون جهٽي جهٽي، دلڙي منهنجي يار دلارا.

3. توکي سانوڻ سيارا ساريم، آرهڙ اونهارا راهون نهاريم،
هاڻ سگهان نہ ڪٽي ڪٽي، ڏينهن حياتي جا تو ڌارا.

4. تولاءِ ڪيئي ڪانگ اڏايم، روز اٿي ڪئين فالون پايم،
ڇا ٿو توکي وٽي وٽي، جاني جدا ٿي جيءَ جيارا.

5. ’ضامن‘ ڏي هٿ موٽي دلبر، هاڻ خدارا اڄ تون هيڪر،
نہ ويهي ڪريان ڪي ٻٽي ٻٽي، قصا سندم سورن جا سارا.

19 جولاءِ 1990ع 26 ذوالحج 1410هہ

جمع رات 11 کان 12 تائين محفل هلندي
واندي ۾ محفل ۾ ٻڌل فقير سائين جي ڪلام
تي

## ڪافي 53

ٿلهہ: روز رڙندي وڃان چوندي وڃان، هيئن نہ ڇڏي وڃ هيڪلي.

1. هوت سوا آئون هت سرتين سان، سور سلندي وڃان چوندي وڃان.

2. پير پِٿون ٿيا جبل جهاڳي، لڪ لنگهندي وڃان، چوندي وڃان.

3. آهيان اڻ سونهي سفر اوکو، ڏاڍي ڏجندي وڃان چوندي وڃان.

4. ڪين وهنديس ڏاران پنهل جي، پير ڪٽندي وڃان چوندي وڃان.

5. روئي گذاريم ڏينهن ۽ راتيون، اکيون اُگهندي وڃان چوندي وڃان.

6. ’ضامن‘ چئي ڪيچ کي ڏسنديس، پانڌي پڇندي وڃان چوندي وڃان.

20 جولاءِ 1990ع 26 ذوالحج
1410هہ

جمع ڏينهن سوائين 2 کان 3 تائين
ڪمري ۾ لکيم

## ڪافي 54

تلهہ: ڪهڙو به آهيان تہ به تنهنجو ئي آهيان، او يار سندم.

1. هر گهڙيءَ ۾ توکي ساريم، ويل ڪا هڪڙي ڪين وساريم،
دل تان نہ لاهيان، تنهنجا پانڌي پڇايان.

2. هر ڪنهن کان هت تنهنجو پڇان پيو، تنهنجي ياد ۾ يار جيان پيو،
ٿو تنهنجو سڏايان، ڪنهن ٻي جو ناهيان.

3. ڪهڙي سبب تون مونکان جدا ٿئين، چئو تہ پلا ڇو ايڏو خفا ٿئين،
جهانڙيون پايان تولاءِ پيو واجهايان.

4. مڙئي ميارون يار مڃان ٿو، عرض تڏهن تہ ڪريان اچان ٿو،
سينو ڪيئن ساهيان سندءِ مٽ نہ پايان.

5. ’ضامن‘ ڏي تون موٽي ايندين، اها اميد ٿم ڪين ڇڏيندين،
حيلا هلايان توسان، ناتو نڀايان.

20 جولاءِ 1990ع 26 ذوالحج 1410ھ
جمع ڏينهن $3\frac{1}{2}$ کان 5 تائين
ڪمري ۾ لکيم

## ڪافي 55

ٿلهه: پيار ڏيئي پنهنجو ڪري، پوءِ ڏار دلبر ڪيم ڪر.

1. راهه ويندڙ ڪئين مسافر، قرب جا قيدي ڪيئي،
دل ڪسيل تن دردمندن تي زور ذابر ڪيم ڪر.

2. مشتاق تولئه ٿيو وتن، بي زر وڪاڻل سي هتي،
ڏاڍ زوري تن مٿي تون، هاڻ ٻيهر ڪيم ڪر.

3. نيم بسمل ڪئين هتي، پهرين نظر سان تو ڪيا،
وار نظرن جا وري ٻه تن تي هر هر ڪيم ڪر.

4. شڪوه شڪايت ڇا ڪبي بس عرض ٿا هڪڙو ڪيون،
ريتيون رسڻ جون هيڏيون، تون ناز پرور ڪيم ڪر.

5. ڇو پاڻ ڪان رکيئي پري، هڪ منٽ هت گذري نٿو،
ايڏو ستم ضامن مٿي، سهڻا ستمگر ڪيم ڪر.

چنچر 18 آگسٽ 1990ع 24 محرم
الحرام 1411هه

ڪمري ۾ لکيم صبوح جو.

## ڪافي 56

ٿلهہ: ٻڌي ٻيئي ٻانهون عرض ڪيم اوهان در،
مدد جلد منهنجي، سچا سيدا ڪر.

1. ڪئين ڏوهہ ڪيڙم عئيبدار آهيان، پٽ پان اوهانجو اصل ڪان سڏايان،
آهي دان جي لاءِ مڱڻهار منتظر.

2. همراهي هيٺن سان هردم ڪريو ٿا، ڪجو معاف منهنجيون خطائون خدارا،
نہ ٻي واهہ آهي سوا توڪان سرور.

3. ڏيئي سرڪ ساقي وهم ڪي وڃايو، دنيا جي خسارن آ ڏاڍو ستايو،
جڏو جيءَ آهي اوهان جي ئي آڌر.

4. هِتي ۽ هُتي جا مڙئي منهنجا مشڪل، عنايت ڪري سي ڪريو هڙئي حل،
سٽي سوال سارا ڪجو جلدي واهر.

5. ضامن آهي اوهان در سوالي، ڪڏهن ڪونہ موٽيو سوالي ڪو خالي،
پڪارون ڪريو پيا، لاءِ ديدار دلبر.

چنڇر 18 آگسٽ 1990ع 24 محرم الحرام 1411هہ

اندازاً 11 ڪان 12 تائين

## ڪافي 57

ٿلھ: روز ڇڪن ٿا ڇاڪ، نه وسرن ٿا ريلن جا ٽاڪ،
ڪيو قئيد منجهان بي ڏوهه بنديائين، ڪول درن جا ٽاڪ.

1: منڊيس تنهنجي محلن ۾ پيو هيئڙي ۾ آ حول
هيڏي ساري ظالم سنڌئي جو چئوطرف چئوپول
لاهه ڪڙولا ڪرف مڙيئي، دردريون سڀ ڪول
ساهه منڊو آ محل سنڌئي ۾، حال ٿيو غمناڪ.

2: طعام ٿيا ماتام مڙيئي هردم ٿي هاريان،
زهر لڳن سڀ زيور تنهنجا، سي سمورا ساڙيان،
قول ڪيا جي ڪالهه هتي مون، پنهنجا سي پاريان،
آهيون ڏيهه ڏاڏاڻي ڏت ڏئورن جا هميشه هيراڪ.

3: سون ڏنئي جو ڪونه قبوليان. ڪڏهن به آئون،
هار هيرن جا پانيان ٿي سي بلڪل بلائون،
ننڍي لاڪون لوري ڏيندي جا چتاري چيائون،
پر نه ڇڏيان سا پنهنوارن جي. بلڪل آهيان بيباڪ.

4: وار منجهي پيا مر ۾ ڏاران، سرتين کين ڏوئان،
هڪ پل به لڳي تو پهر جيان هت، پورن ۾ پئي پوان،
ڏسيو خواب ۾ ڏوٿيئڙا سي، راتو ڏينهن روئان،
ڏاتر شال ڏيکاري جيئري، انهن جي اوطاق.

5: ’ضامن‘ چئي هُت موٽي ڏسنديس، ملڪ مڙوئي ملير،
پرچندا پنهنوار اتي سڀ، ڪلندا ظلم زنجير،
پڄنديون مرادون من جا مطلب، ٿيندو ساٿي سرور پير،
کين لاهينديس لوئي لڱن تان، آهي اها سندم املاڪ.

29 محرم الحرام 1411ھ
اڱارو 21 آگسٽ 1990
ڪلاڪ ڪن ۾، مڪان تي

## ڪافي 58

ٿلهہ: اٿئون پير پنهنجي جي دامن جهلي،
بلاشڪ ڪندو سو پلارو پلي.

1. جي عئيبن پريل تہ بہ سندئي تہ آهيون، سندس نام ڪڏهن نہ دل تان پلايون،
سوا تنهنجي ٻي ڪانہ ڪا آ ڳلي.

2. اصل کان ئي هيٺن جو حامي سو آهي، اچي رسندو سڏ ساڻ اوکيءَ ۾ ڪاهي،
ڏکي هرڪا ساعت ڪندو سوَلي.

3. ڪڏهن ڪين مشڪل ۾ سرور ڇڏيندو، نماڻي نڌر کي اچي ڏڍ ڏيندو،
ڇڏي ڪين ڏيندو هتي هيڪلي.

4. ضامن جي ڪانہ ٻي واهہ ڪائي، سو سرور ڪندو هرڪا ساعت سٺائي،
مدد ٿيو جنهين جي آ موليٰ علي.

26 آگسٽ 1990ع 5 صفر

1411هہ

سومار شريف جي رات ناري آفيس
هالا شريف ۾ لکيم

## ڪافي 59

ٿِل: ٻي جي ڪانہ ڪڍون پرواهہ، ٽيجان ساڻي سرور شاهہ،
عئيبن ڀريل سنڌئي آهيون. ڪرڪانواز نگاهہ.

1: ڏڏ ڏوهاري ڏٻرا بيحد اپرا جي آهيون.
حال حقيقت ڪين ذرو هٿ توکان لڪايون.
معاف مڙيئي ڪرتون اسان جون ڪامل ڪچايون.
هر مشڪل ۾ هردم هوئج، هادي تون همراهہ.

2: ميٺ مدايون مڙئي منهنجيون ڪم ڪيم جي ڪچا.
هر اوکيءَ ۾ ٽيجئين حامي، سرور شاهہ سچا،
مرض مونجهارا ميٽج جيڪي ڏکيا آهن ڏچا،
ڪين ڪا ظاهر آهي اسان جي تو ڌاران ٻي واهہ.

3: قرض مرض سڀ ميٽج منهنجا، هردم ٿي حامي،
مڃي مون آهي اصل کان اهنجي درجي غلامي،
سائل سوالي درسنڌئي تي آهيون مدامي.
عزت سان گذرن ڏينهن اسان جا رک پردوپوش پناهہ.

4: طاقت تر جي ڪانہ رهي آ، حال ٿيا هيٺا،
درد وڏي ٿيا دل جا آهن، پيٽا ۽ ٽيٽا،
ڪين ذرو آرام ڏين ٿا، ڦڪيون ۽ ڦيٽا،
حال سندم کان هادي هردم، آهين تون اگاهہ.

5: ’ضامن‘ چئي هٿ پاند پنڻ لاءِ، پايو مون پازي،
سوال سمورا سڻجائين تون، عرض ڪيم آزي،
نالي الله رسول ﷺ جي صدقي، رهجان تون راضي،
سنڌئي حب ۾ هن دنيا مان، پورا ٿين پساهہ.

5 صفر 1411ھ
27 آگسٽ 1990
سومار شريف، هالا

## ڪافي 60

ٽِل: عين جون اکيون سندئي روشن ڪري ڏس رام کي،
ڪٽ قلب جا لاهه تون ڇڏ عيش ۽ آرام کي.

1: هوَس ۾ هٿ گم ٿئين، جنهن جي ڇئي تي تون
لڳي،
نهڙ نيندئي سو ڪڏهن، ڇڏ نفس تنهن ناڪام کي.

2: دنيا نيوجن کي هتي پنهنجي ڦاسائي فند ۾،
ڌيان تون ڏيئي ذرو ڏس انهن جي انجام کي.

3: ويچار ويهي ڪر ڪٿي ته ڪين آهين ڪجهه به تون،
پوءِ پاڻ چا لاءِ ٿو پڏائين، ڇڏ اجائي هام کي.

4: گهيڙ اوڪا سپ لنگهي، پهچڻ گهرين جي پارتون،
ته هرس مان ڪڍ پاڻ ۽ ڏس پرين جي پيغام کي.

5: مرد ٿي محمد بخش تان حل ٿين مشڪل مڙئي،
اي ’ضامن‘ مرشد جا ڏسيئي مخفي انهيءَ وٺ مام کي.

27 آگسٽ 1990ع

5 صفر 1411ھ
سومار شريف ڏينهن جو ناري آفيس
هالا شريف ۾ لکيم

## ڪافي 61

ٿلهہ: ڪيڙي نال نہ دل دا، وي مواريان ڪيڙي نال نہ دل دا خيال، رانجهو روح ميڏي وچ وسدا.

1. بن ماهي دي ويڪو سيان، هيٺان تي ڳيا هي، وي مواريان، هيٺان تي ڳيا هي حال.

2. رنگپور دي وچ هڻ هي مئيڏا، جيئڻ تي ڳيا، وي مواريان، جيئڻ تي ڳيا جنجال.

3. ڏيهئون ڏور ڪيتي مئيڪون، چوچڪ چلاڪي، وي مواريان، چوچڪ چلاڪي چال.

4. راتيان ڏينهان دل وچ ووهي نيهن لڳا هي، وي مواريان، نينهن لڳا جنهن دي نال.

5. آکي ضامن ڪڏهان ملسي، روز گهتان مئين، وي مواريان، روز گھتان مَئين فال.

2 سيپٽمبر 1990ع، 12 صفر 1411ھ
سومر جي رات سوائين 10 ڪان پوڻين 11 تائين ٿلهي تي لکيم

## ڪافي 62

تلهه: ڇڏي آديسين آرام، ڪيڏي ڪيائون ڪالهه ڪمائي.

1. آديسين ڪي اندر ۾ آيو، روئي تڏهن تن رام ريجهايو،
ڪئين صبوح لنگهي وين شام، تن ۾ رکيائون تات اهائي.

2. نات اڳيان جن سرڙو نايو، خيال خوديءَ جو تن هو وڃايو،
بنان ڏٺي جي نام، ٻي ڪانهِ ڪيئون ڪا بات اجائي.

3. اصل دنيا جي نه اوڏو آيا، هرس هوس تن ويهي وڃايا،
ڏينهن رات ريجهائيون رام، عمر انهن سڀ ايهين وهائي.

4. مام محبت واريءَ موهيا، نڪي دنيا جي رائي روهيا،
طلب هين ڪا تمام، لئون لاهوتين تڏهن لائي.

5. هليا ويا هنگلاج ڏي ڪاهي، ڇڏيئون هتي جا لاڳاپا لاهي،
ضامن ڪي نه مدام، آهي انهن جي وات ۾ وائي.

6 سيپٽمبر 1990ع 13 صفر
1411هه

اڳاري ڏينهن صبوح جو ڪمري
۾ لکيم

## ڪافي 63

ٽلِ: صبا ڏج سڄڻ کي سنيهو تون ساري،
خبر ڪانہ

تي پئي ڇڏيئون ڇو وساري.

1: هي پئخام منهنجو ڏيئي غور سٽجان، چوان جيئن ٿو تون وڃي تيئن چئجان،
سگهان ڏار ٿو هت گهڙي ڪين
گهاري.

2: گهڙيون هت جي گڏ جي خوشي ۾ تي گذريون نڪي هڪ لمح سي سندم دل تان وسريون،
جدا تي ڇڏيَوَ جڻ جيئري ئي ماري.

3: جدائي سهڻ جي نہ طاقت رهي آ، سندئي ياد ۾ سپ وسارت وئي آ،
ويا ورهہ گذري ڪئين واٽون نهاري.

4: ڇئج هيئن وسارڻ مناسب نہ ڪونهي، يڪو دور گهارڻ بہ واجب نہ
ڪونهي،
اچو هاڻ جاني جلد واڳ واري.

5: خدارا ڪريو جلد وائي ورڻ جي، ڏسان راهہ هرهر اوهانجي اچڻ جي،
ڪيل قول پنهنجا اچو يار پاري.

6: ٻڌي موٽو منڙا ڪيم جي پڪارون، ضامن چئي مڙئي مجان ٿو
ميارون،
اوهان جي ئي آهيان سڄڻ هت
سهاري.

22 صفر 1411ھ
خميس 13 سيپٽمبر 1990
مڪان تي

## ڪافي 64

ٽلهہ: مريضئہ عشق اي ماھِ لقا، تنهنجي راھ ڏسي تولاءِ پيو جئي،
تنهنجي توکان سوا ٻي ڪانہ پوا، تنهنجي راھ ڏسي تولاءِ پيو جئي.

1. ڪو قياس نہ دل ۾ ڏار ڪٽي، پنهنجا قوّل ڪيل سڀ پار ڪٽي،
پلا ڪيئن وٽئي ٿو رهڻ جدا، تنهنجي راھ ڏسي تولاءِ پيو جئي.

2. هت ستيون سور وڏائن ٿيون، جڻ جان سڄي سي جلائن ٿيون،
ديدار سنڌئي بس آهي دوا، تنهنجي راھ ڏسي تولاءِ پيو جئي.

3. ڪريان هڪڙو عرض ٻڌي هت ادب، نہ ناراض ٿئين تون ڪهڙي سبب،
چئو ڪهڙي پلا اهڙي ٿي خطا، تنهنجي راھ ڏسي تولاءِ پيو جئي.

4. جي ٿي ڪا خطا نہ ٻڌائين ها، يڪو يار نہ منهنڙو متائين ها،
هرگز نہ ڏئين ها هيڏي سزا، تنهنجي راھ ڏسي تولاءِ پيو جئي.

5. هاڻ ڏيان ذرو پنهنجي دل ۾ ڏري، اڇ مڙئي خطائون معاف ڪري،
هت ڪين وٽي ڪجھ توکان سواءِ، تنهنجي راھ ڏسي تولاءِ پيو جئي.

6. اها اٿم اميد موٽي ايندين مٺا، هت ڪين ڪڏهن تون ڇڏيندين مٺا،
ڪندين ضامن تي هت وڙڪي وڏا، تنهنجي راھ ڏسي تولاءِ پيو جئي.

14 سيپٽمبر 1990ع 26 صفر 1411ھ
سومر رات 11 بجي ٻي ڪمري ۾ لکي
مڪمل ڪيم

## ڪافي 65

ٽِل: ٿيءُ مدد منٺار سائين مرشد مير محابي.

1: اڱلا اپرا سنڌئي آهيون، نڪي اميد اوهان مان لاهيون،
ڪٺڄ مڙيئي بار سائين.

2: سڏ جون جهان ۾ سنڌئي نالي، لڄ ۽ لڏ آ اهنجي حوالي
سيگهه منجهان لهه سار
سائين.

3: هاڻ وڪوڙي هت ويو آ غم، حال مڙئي آ اوهان کي معلم،
لهجان سگهڙي سنڀار
سائين.

4: پايان پلاند ٿو پنهنجي پير جو، ۽ ٻيو واسطو محمد ﷺ مير جو
پاڙان ڪج نہ ڏار سائين.

5: ٿيجان جلدي واهر وسيلو، هاڻ هلي ٿو هت نہ حيلو،
آهيون سنڌئي آڌار سائين.

6: ’ضامن‘ چئي هت رهجان راضي، ساڻ صبوح ڪيم اوهان در آزي،
مڙئي مڃان ٿو ميار سائين.

14 ربيع الاول 1411هه
15 آڪٽوبر 1990
جمع جي صبوح 15 منٽن ۾
مڪان تي

## ڪافي 66

ٽِل: هيءَ شايد ويچاري، وساري ڇڏيائون،
مليرائون مونڏي، نہ ماڻهو
مڪائون.

1: ڏسي ڏت ڏئونرا اکين آب آيم،
سانگين لاءِ سجي رات روئي وهايم،
چو اجتڪ الائي، نہ ڏي ئي ڏنائون.

2: رويو رات گذري، تڪينديئي تارا،
لڱن زهر جيئن ٽا هتي سڪ سارا،
ڏسان راهہ هرهر اجان تائين آئون.

3: ڏسيو ڪڪر ڪارا تئي من اداسي،
ملان شال مارن مون آ باس باسي،
ڏسڻ ڏوٿين لاءِ سوين ڪيم سڪائون.

4: ڏکي ڏيل تو هت بنهہ آهيان بيوس،
ملان جلد مارن هلي جي ذرو وس،
نہ وسرن سي ڳالهيون ڳجهيون جي چيائون.

5: اجان بہ اميد آ وسيلو سي ٿيندا،
ڪڏي قئيد مان مون وڳر سان گڏيندا،
ڪندو پوريون قادر مڙئي مدعائون.

6. سندم مڙئي سپنا ٿيندا جلد پورا،
پاريندا سي سيئي سانگي سمورا،
هُتي ڪالهہ 'ضامن' سان جي قول ڪيائون.

229 ذوالقعد 1411هہ
مئي 1991

## ڪافي 67

ٿلهہ: تيــــنــــدم ڪهڙو حــــال، الائـــــي،
مارن ڏاران ملڪ ۾.

1. ڏني ڏوٿيئڙن کي، ڪيئي لنگهي ويم سال الائي.

2. بيوس آهيان بند ۾، ڪنهنسان ڪريان احوال الائي.

3. مون ڏاران سڀ ماروئڙا هت، ڪيئن تا رهن خوشحال الائي.

4. عجب لڳو ٿم ان تي ڏاڍو، ڪئي سانگين چو نہ سنڀال الائي.

5. ’ضامن‘ چئي هت روز اچن ٿا، ڪهڙا ڪهڙا خيال الائي.
مارن ڏاران ملڪ ۾.

14 جون 1991ع 1 ذوالحج 1411ھ

ڪان

هفتو ڪن اڳ ۾ گهر لکيم

## ڪافي 68

ٿلهہ: تنهنجيون روز پئي راهون نهاريندي‌س،
توکان ڌار گهڙيون ڪيئن گهاريندي‌س.

1. مونکان ڌار گهڙي نہ گهاريئي ٿي، نڪي ويل ڪا هڪڙي وساريئي ٿي،
پنهنجا قؤل ڪيل سڀ پاريئي ٿي، سي ڳالهيون ڪيئن وساريندي‌س.

2. ڪر ياد مٺا چا چا ٿي چيئي، ڪهڙي سبب ڏڪاري ڌار ڪيئي،
ڪيڏو پهرين پيارا پيار ڏنئي، ڪيئن ڌار ٿي دل کي ڏتاريندي‌س.

3. هڪ پيرو لکي جي منهنجو قلم، ۽ سارو سٽين تون حال سندم،
تہ پوءِ مٺا ايءُ يقين اٿم، پرين پڪ سان توکي رئاريندي‌س.

4. ضامن چئي لهندين سار سگهي، هتي واهه سوا تو ڪانهي
بي،
اهڙا روز سوين ڏي دل کي ڏئي، پنهنجا اگڻ پئي آئون
ٻهاريندي‌س.

20 ذوالحج 1411هه 3 جولاءِ
1991ع
اربع مڪان تي لکيم

## ڪافي 69

ٿل: سڄڻ ساهه توکي صبح شام ساري
اهڙي پڪ پريمي پرين وئين پياري.

1: گهڙيون گڏ گذاريل پلا ڪيئن وساريان، تون ئي چئو سوا تو هتي ڪيئن گهاريان،
سدا توکي ساريو وريو يار ساريان، تون دلڙيءَ کي اهڙيءَ طرح وئين
ڏتاري.

2: اکيون ياد سندئي ۾ پرجيو اڇن ٿيون، مگرڪين ڪنهن کي سي ڪجهه به چون
ٿيون،
سيئي سور پنهنجا وريو ضبط ڪن ٿيون، سبق تن کي اهڙو سڄڻ وئين
سيکاري.

3: نظر ڪيئي آيا عجب هت نظارا، مگر تو سواسي لڳن سيئي
ڪارا،
ڪريو جي عنايت ملڻ جي پيارا، مئل زندگي پوءِ چڙيو چڻ
جياري.

4: هتي ياد دلبر هرهر اچين ٿو، نه پرديس ۾ يار دل تان لهين ٿو،

يڪو تون پلا ڪيئن وساري وهين ٿو، ’ضامن‘سدائين آ سنڌئي سهاري.

23 محرم الحرام 1412ھ
5 آگسٽ 1991
سومر، فورسيزن هوٽل
ڪوئٽا بلوچستان

## ڪافي 70

ٿلهہ: ڪٿيا ٿم ڪوٽن ۾ ڪٿن ڏينهن ڪيئي،
جدا جهانگين ڪان جلي جان ويئي.

1. گهڙيون جن سان گهاريم، سنجهي سيئي ساريم،
ويل نہ وساريم، سانگيئڙا سپيئي.

2. ويئي هت واجهايان، پانڌي پئي پڇايان،
پلا ڪيئن پلايان، وطن آئون ويهي.

3. ٿيا هؤل هاٽي، ڪنديس ڪيئن صبحاٽي،
سگهو ٽيندا ساٽي ڏوٽي ڏي ڏيئي.

4. ضامن چئي ايندا، چني نہ چڙيندا،
وٽي نيٺ ويندا، نماٽيءَ ڪي نيئي.

5 سيپٽمبر 1991ع 26 صفر 1412ھ

جمع رات ڪمري ۾ لکيم

## ڪافي 71

ٿلهه: ڪرم ڪيا ڪلتار، دلبر اڄ ديدار ڪرايو.

1. اڇڻ شرط ٿي يار گهرايو، ساڻ صبوح ديدار ڪرايو،
من تان لٿا مونجهار، جڏهن مون کي يار سڏايو.

2. جنهن کي ڏسڻ لاءِ شاهه سڪن ٿا، ڪيئي تونگر در تي نمن ٿا،
ٻيا مون جهڙا نہ هزار، وينا سيني ۾ سڪ سمايو.

3. آهي يتيمن يار بہ سوئي، بيواهن پوتار بہ سوئي،
ان اڙين جي آڌار، بيشڪ پنهنجو پاڻ ڳلايو.

4. ڏسي عيب سندم اگلايون، ڍڪيون ڍوليي سيئي ڍلايون،
تنهن سرور شاهه سردار، سارو غم وهم وڃايو.

5. اوڪيءَ ۾ ڪڏهن نہ ڇڏيندو، سڏ سان سوئي ساٿي ٿيندو،
نيندو ڏڻ سان ڏنار، اپريون ڏبريون مڙئي ورايو.

6. هوندو منهنجو هِت هُت 'ضامن' ان جي اصلئون جهليم دامن،
هر وقت هر وار، جنهن جي اڳيان مون سرڙو نايو.

10 نومبر 3 جمادي الاول 1412هه
سومار شريف جي رات هالا شريف
۾ لکيم 8:45 تي

## ڪافي 72

ٽِل: جڏهن توسان مٺا لئون لاٿي اٿم.
وئي وسري ٻي هر وائي اٿم.

1. هر وقت سندئي تو سڏايان مٺا، پڪ ڄاڻ ٻي ڪنهن جو ناهيان مٺا،
توسان سينو پلا ڪيئن ساهيان مٺا، ڪا حجت ڪانه هلائي اٿم.

2. ڪئين پوٽيون پٽايو پڇايان تو، هت سور نه ڪنهن کي سٽايان تو،
چئي سچ نه صفا هي ٻڌايان تو، توريءَ هي حياتي اجائي اٿم.

3. سگهبو نه ڪري هت سارو بيان، ڏس تون ئي پلامان ڪيئن ڪيان،
جڏهن توکي سڄڻ سپني ۾ ڏسان، سا ساعت سمجهي سٺائي اٿم.

4. ’ضامن‘ جو مٺا وچ حال پسي، هت ڏار گهڙي تو گذاري نٿي،
مون من جي سموري ڳالهه ڪئي، توکان ڪانه ذري ڪا لڪائي اٿم.

5 جمادي الاول 1412ھ
12 نومبر 1991
اربع رات ڪلاڪ ڪن ۾
مڪان تي

## ڪافي 73

ٿلهه: تنهنجي برھ پڙهايا باب نوان،
ٿيا ڏاڍا اکين مان اشڪ روان.

1. تو سهڻا پڙهايو سڪ جو سبق، آهي ڪيڏو عجيب سو ورق ورق،
توسان گهاريل نڪي وسريو ڪو پلڪ، ٿيا سيني ۾ رڳو سور سنوان.

2. توکي دلبر دل جو حال چيم، هيئن شعرن ۾ اظهار ڪيم،
توسان قرب ڪچهريون جيڪي ٿيم، هت ڪنهنکي پلا سي ڪيئن چوان.

3. هت ياد سندئي وندرائي ٿي، سا روح سندم ريجهائي ٿي،
ڪيئن توکي ٻڌايان صاف چئي، هر پل ۾ انهي پورن ۾ پوان.

4. ضامن جو مٺا ضامن ٿي رهين، نڪي هڪڙي ويل وساري وهين،
اهو خوب ڏياريو دل کي يقين، پيو داغ سندم دردن جا ڌووان.

7 جمادي الاول 1412ھ 14 نومبر 1991ع
جمع رات 7 بجي ميرپورخاص مان ايندي ڪبر ڳوٺ کان ڪپري تائين بس ۾

## ڪافي 74

ٿلهه: ڇڏيئي هيئن ڇاڪاڻ، مورهون دلبر يار وساري.

1. سڏڪي سڏڪي رات گذاريان، گذريل گهڙيون ڪيئن وساريان،
ڪئي تو جا روح رهاڻ، سا ساعت دل ساريو ساري.

2. دور وڃي تو ڪيئن آ گهاريو، ياد سندئي هٿ ٻارڻ ٻاريو،
آهي اکين ۾ آلاڻ، نيڻ تڪي پيا راهه نهاري.

3. ڪين نڀهي تو يار وسارڻ، گهرجي قؤل ڪيل تو پارڻ،
موٽج منڙا هاڻ، پنهنجا مڙئي واعدا پاري.

4. 'ضامن' ڪي ڏئي پيار پيارا، پوءِ ڪيا تو ڪوهه ڪنارا،
سهٽل سائين ساڻ، ڪيئن نه ڪٽي وئين دلڙي ڏتاري.

19 جمادي الاول 27 نومبر 1991ع
اربع ڏينهن ڪپري ۾ لکيم

## ڪافي 75

ٿِل: مٺا هاڻ موٽي وري آ وري آ.
نه ساعت سواتو، سري آ سري آ.

1: پون ياد هرهر هتي قول تنهنجا، نه ڪا ڳالهه تن مان پري آ پري آ

2: ڪري ضبط سا تي نه ڏي دانهن ڪنهن کي، دردن سان دلڙي پيري آ پيري آ.

3: لڳي تو بنا هر طرف پئي اداسي، نه رونق رهي ڪا ذري آ ذري آ

4: رهو ڏار تا خوش سڄڻ يار ليڪن، اها ڳالهه مون لئہ ڳري آ ڳري آ

5: ڪبي ڪين ظاهر 'ضامن' ذري ڪا، اندر آڳ جيڪا ٻري آ ٻري آ.

25 جمادي الاول
اڱارو 3 ڊسمبر 1991
مڪان تي

## ڪافي 76

تلهہ: رئل راڻو آخر هيلا ڪئين هلائي،
آٽيندس اميد آ، ماڳن تي موٽائي.

1. لڳن ان مهل ڪان، ڪلڻ ڪاڄ ڪارا،
جڏهن ڪاڪ ڪان ويو، سو منهڙو مٽائي.

2. ٻڌي هٿ ادب جا، ڪري التجائون،
ڇڏيندس مان ان جو، وهم سڀ وڃائي.

3. آ اڄ جا اُداسي، اها ڪاڪ ساڳي،
ڏسڻ ڏيهہ ايندا، وري ان جي آئي.

4. ڪيم جيڪي 'ضامن'، باسيل سي باسون،
اهي ساري ايندس، ولين تي ورهائي.

8 جمادي الثاني 1412هه 14 ڊسمبر
1991ع
آچر رات 11 ڪان $12^{1}/_{2}$ تائين

## ڪافي 77

ٿلهه: جدا جهانگين ڪان گنگهر ڏينهن گهايان،
سنجهي سانگين ڪي ستي پيئي ساريان.

1. چڙهن روز چت تي گهڙيون گڏ گذاريل، پٽن پرتي گڏجي چيلن چانگ چاريل،
ڏوٿي سي ڏاڏاٽان، ويهي ڪيئن وساريان.

2. ڏسي ڏاڍ تنهنجو ڏکيو ڏيل آهي، پر لالچ نہ دڙڪن تي سگهندي هيسائي،
ڪيم قول هُت جي پختا سي پاريان.

3. اها پڪ چاٽج چڙي ڪين ڏيندا، ڪڏي ڪوٽ مان هو وٺي مونکي ويندا،
رويو روز راهون، تني جون نهاريان.

4. وٺي سوئي ويندو ٽيس جنهن جي نالي، ڪندو ڪين هرگز سو ٻي جي حوالي،
صبح شام تنهن ڪي، سنپاريو سنپاريان.

5. اميد آهي ’ضامن‘ وطن نيت وينديس، ڪيتن ۾ خوش ٿي ڪنبيون بہ ڪينديس،
هتي پيئي ان لاءِ جڏو جيءُ جياريان.

16 جمادي الثاني 1412هه 19 ڊسمبر 1991ع
سومر صبوح جو 10 بجي ڪلاڪ ڪن ۾

## ڪافي 78

ٿل: توکي تماچي ڄام صبح وشام، نوڙيو ڪيان ٿي نياز نماڻي

1: اگلي اپري اصلئون آهيان، توسان پلا ڪيئن سينو ساهيان،
ڪين هٿان ڪا هام، صبح و شام.........

2: ڪڏهن درتان ڪيم ڏڪارج پنهنجي شان ڏي پاڻ ئي نهارج،
توڙي ناڪس آهيان ناڪام صبح و شام.........

3: تو سوا آئون ڪجهه به ناهيان، هت پوءِ چالاءِ پاڻ پڏايان،
سڏجان تنهنجي نام. صبح و شام......

4: ٻڏيو ٻانهون پئي ٻاڏايان، 'ضامن' هرهر صاف ٻڌايان،
پنهنجو حال تمام صبح و شام.........

29 جمادي الثاني 1412ھ
4/5 جنوري 1992
آچر رات، مکان تي

## ڪافي 79

ٿلهه: ڪنهن ته طرح سان ڪيئن پچان،
ته چا لاءِ ڏڪاري ڏار ڪيائون.

1. ڪهڙي سبب ڪان وينا وساري، ٻڌتي اها تي ٻاريو ٻاري،
ڪالهه چيائون تي چا چا نه.

2. ملن جي هيڪر ته موٽايان، روئي رڙي هوند سي ريجهايان،
ڪڏهن تن ڪي ڪين ڇڏيا نه.

3. ڏار تي ڏکيا ڏينهن گذاريم، گهڙيون جدائيءَ جون ڪيئن
گهاريم،
ثابت سي سپ سور سليا نه.

4. ٻيهر ڇڏجو هيئن نه وساري، 'ضامن' هت آ اهنجي سهاري،
چنبڙي چهٽي ائين چوا نه.

27 ڊسمبر 1991ع جمادي الثاني
1412ھ

چنڇر رات پوڻين 12 بجي گهر

لکيم

## ڪافي 80

ٽِل: جيڪر مارن ساڻ ملانِ، تہ وسري وڃن هي ڏينهن ڏکن جا.

1: ڪيڏو پلپل پيار ڏنائون، ڪهڙا ڪهڙا قول ڪيائون،
موتي لڏائون ڪاڪَل ڪانَہ.

2: ڇت تي چڙهن تا هت چاچاڻان، واري جني جا آهن وڃاڻان،
تنڪي وساري ڪيئن وهانءِ.

3: وهم تني جو ويهي وڃايان ڳالهہ ذري ڪيا ڪين لڪايان،
جي ڏاڏاڻن جي ڏيهہ وڃانہ.

4: پهر لنگهيا ڪيئن هت قئيدن جا، سنم تني ڪان ڏار تي چاچا،
حال سمورو پيش ڪيا نہِ

5: ’ضامن‘ ڪي هو ڪين ڇڏيندا، وقت ڏکئي ۾ اچي ڏڍ ڏيندا،
پاريندا سي سپ پئمانَہ.

22 جمادي الثاني

1412ھ

29 ڊسمبر 1991

آچر، اڌ ڪلاڪ ۾

مڪان تي

## ڪافي 81

ٿلهه: جنم مون گهاريو جن سان، تني کي ڪيئن وساريان مان،
اُتي وينٺي پيئي هرهر، سنڀاريو سي سنڀاريان مان.

1. پٽن پرتي جني سان گڏ، پڪا پيرون پسي چونڊيم،
اُٿيو آڏيءَ جو هت ان لاءِ، هنجهون هر روز هاريان مان.

2. خوشيءَ سان اُت ڪيتن مان، ولر جيڪي ورايم ٿي،
وري سا چانگ چيلن جي، چاچاٽن ساڻ چاريان مان.

3. هٿين پيرين پيم ٻيڙيون، زنجيرون زور ظلمن جون،
ڏسي هي ڏاڍ ڏاڍايون، نيٽن مان نير هاريان مان.

4. سنڌءِ طعامن ۽ دولت تي، وساري ڪين سي وهنديس،
وچن جيڪي ويڙهيچن سان، هتي پختا سي پاريان مان.

5. وساريان ڪين سي ضامن آهن هردم اکين آڏو،
تصور ۾ تني سان گڏ، پيئي گهڙيون گذاريان مان.

5 رجب 1412ھ 10 جنوري 1992ع

چنچر رات 11 بجي ٿلهہ ۽ هڪ مصرع

11 جنوري چنچر ڏينهن $12\frac{1}{2}$ بجي

باقي لکي مکمل ڪيم گهر جي ڪمري ۾

## ڪافي 82

ٿلهہ: موٽي ڏسان آئون ملير، وي ميان، اٿم اهائي آس اندر ۾.

1. ملنديس موٽي ماروئڙن سان، دل جو حال ونڊيينديس تن سان،
جڏهن ڪلندا ظلم زنجير.

2. قئيدن تنهنجن ڪين ڪنبايس، تن ماروئڙن جي مٺي منجهايس،
ٿو ساري جن ڪي سرير.

3. هرگز هت سي ڪين ڇڏيندا، واري وڳر سان نيئي گڏيندا،
آ اندر ۾ جن جي اڪير.

4. 'ضامن' تن ڪي ساريو سارياں، ڪائي ساعت ڪين وساريان،
هت نيڻين وهايان پئي نير.

15 رجب 1412ھ 21 جنوري
1992ع
اڱارو صبوح جو $8\frac{1}{2}$ بجي ڏِکي
تي
لکيم مکان تي

## ڪافي 83

تلھ: منھنجا ماروئڙا، من تان ڪين متن،
من تان ڪين متن، دم دم ياد پون.

1. تن کي ساريو ساريو ساريان، ڪائي ساعت ڪين وساريان،
سي سھڻا سانگيئڙا ھيئنڙي منجھ ھرن.

2. لوئي تن جي مور نہ لاھيان، جھڙي جي تھڙي ان جي آھيان،
اھي جلدي جھانگيئڙا، موٽي شال ملن.

3. ڪل نہ وري تن لڏڙي ڪائي، موسم ڏٺ ڏٿوئنرن جي آئي،
سي پٽيو پيروئنڙا، مونڏي مان مجن.

4. آھي ضامن آس اندر ۾، تہ موٽي ويندس پنھنجي وڳر ۾،
ڏسنديس ڏوٿيئڙا، وڃي منجھ وطن.

چنڇر 13 جون 1992ع 11 ذوالحج
1412ھ

ڏينهن جو 101/2 کان 11 بجي
تائين
گهر لکي ماني واپرائيندي

## ڪافي 84

ٿلهہ: اوني اباڻن ساڻ ادا تون، اوني اباڻن ساڻ،
سلج سندم وجين هيءُ سنيهو.

1. چئج چتاري ڳالهہ هي ساري تہ بيوس بند ۾ آهيان ويچاري،
آهي ان مون کي مونجهاري ماري تہ چڏيو تن چاڪاڻ مون کي
هينئن،
چڏيو تن چاڪاڻ، آڻ احوال تون اج ئي ايهو.

2. ڪيئن پئي قئيد ۾ گهڙيون گهاريان، ڳالهيون تن جون ساريو
ساريان،
رئندي روز ٿي راهہ نهاريان، اٿم اکين ۾ آلاڻ سندم آ،
اکين ۾ آلاڻ، نير نڪي ڪن بس ٿا بيهو.

3. ويٺا مورهون ڪيئن وساري ٻُٽتي اها هت ڳاريو ڳاري،
مان مجن سي ڏٿ ڏياري، هن مهل ۾ هاڻ ئي مونڏي،
هن مهل ۾ هاڻ پاڻ پچائن جو ٿا پيهو.

4. ويڻي واجهايان هٿ ويچاري، پاڻ اچي ڪا ڪن پوئواري،
’ضامن‘ من ڪا ڏين دلداري، اچي پنهنجو پلائين پاڻ سي
مارو.
پنهنجو پلائين پاڻ، اهي عرض ڪريان ٿي رڙيو ريهو.

24 ربيع الاول 1413ھ 24 سيپمبر
1992ع
جمع رات ڪمري ۾ لکيم، 9½
مڪمل ڪيم

## ڪافي 85

ٿلهہ: ڪرم ڪيا قادر وري، دلدار موٽي آئيو،
دلدار موٽي آئيو، مٺڙار موٽي آئيو.

1. جنهن جي ملڻ لاءِ مدّتن کان، مون ٿي مجتائون ڪيون،
سي پڳيون آسون سندم، سو يار موٽي آئيو.

2. ڏينهن ٿيا جنهن کي ڏٺي، سالن کان ٿي سينو سڪيو،
سو اڄ سرچي اڱڻ، سردار موٽي آئيو.

3. مايوسين من ۾ جڏهن، دل ۾ دکن ديرو ڪيو،
سي سيئي غم دور ٿيا، غمٽار موٽي آئيو.

4. ٿيون خوشيون ۽ شاديون، هر روز مون لاءِ عيد جيئن،
منهنجي من جو مهلقا، مهندار موٽي آئيو.

5. خير خيراتون ڪيو، صدقا سڄڻ تان سو دفعا،
’ضامن‘ آ اڙين سندو، آڌار موٽي آئيو.

4 رجب 1413ھ اڱاري رات

28 ڊسمبر 1992ع

16 ڊسمبر 1992ع تي منهنجو

فرزند

فقير ولي بخش تولد ٿيو هي

ڪافي ان

حوالي سان لکي وئي.

## ڪافي 86

ٽِل: تن ڏنارن ڪئُون ڏار الا، ماڙين ۾ من ماندو ٿيو آ.

1. نندي لاڪئُون جن پڪون پيارِيون،
تن سانگين ڪئي نہ سنڀارالا، روئي ان لاءِ روح رهيو آ.

2. سرهي هيس آئُون ساٿ سنڌي ۾،
قسمت ڪئي هيءَ ڪار الا، قلم قضا جو ڪين ٽريو آ.

3. بيزوريءَ ڪي بند ۾ هٿ،
پياهيئنڙي هول هزار الا، جهوري جدائيءَ جيءُ چِڏيو آ

4. لوئيءَ جي لڄ پنان پرور ڪان،
سو ڪرم ڪندو ڪلتارالا، روئي مون هي عرض ڪيو آ

5. ’ضامن‘ تي هٿ مرشد سائين،
ءِ مهر ڪندو مننارالا، پاڻ جني ڪي مون پرنيو آ.

3 صفر 1412ھ

24 آگسٽ 1991
چنچر شام مڪان تي

## ڪافي 87

ٿل: جا ڪيچ ملڪ ڏي ڪاهيندي،
سا نہ سينو سڪن سان ساهيندي.

1: زيور زربون سون سمورو،
پنهنجي پرينءَ ريءَ نہ پائيندي

2: منزل ماڻ تنهن ڪي سؤڪو
جا قرب منجهان راڪاهيندي

3: پنهنجي پنهل ڏي سڪ مان سسئي،
درد مان ويئي دانهيندي.

4: ڪيچ ڏٺي آ تنهنجو 'ضامن'،
چاهہ سان جيڪا چاهيندي.

19 ذوالحج 1420هه

26 مارچ 2000

آچر درگاهہ سسئي

پنهون

ڪيچ مڪران بلوچستان،

ڪلاڪ ڪن ۾

❊

## ڪافي 88

ٿلهہ: سفر اٽانگو سور هزار، سات ڏٽي ڪالهجان سار،

1: پير پٿون ڪيا پاهڻ هن تہ بہ، پلپل تنهنجي آهي پچار،

2: تنهن لاءِ ڪيچ بہ ڪوهہ آهڪڙو، جنهن سان پرينءَ جو آهي پيار،

3: آهيان تنهنجي ڪري مشهور ملڪ ۾، ماڻهن جا هن ميڙا هزار،

4: ڪين سوا تو آهي ڪجهہ بہ هيءَ نماني ناڪس نار

5: چاڻ ڪِ وريو واءُ سڪن جو، جڏهن ملندين محب مٺار،

6: آهين الستئون منهنجو ’ضامن‘، تڏهن نہ الڪو آهي وار،

19 ذوالحج 1420هه

26 مارچ 2000

آچر سسئي پنهون،

ڪيچ مڪران بلوچستان

ڪلاڪ ۾

## ڪافي 89

ٿلِ: آهي تن ۾ جني جي تار الا تن سانگين ڪئي نہ سنيار الا
ڪيئن مجي هيءَ قئيدياڻي تن ماروئڙن ڏي ميار الا.

1: ساڻ صبوح سپ ساهيڙيون هت ولڙڙا وارين.
ماروئڙا هت مال ڪي تا چاهہ منجهان چارين.
تن ڳوٺاڻن جو ڳالهيون هت مئيءَ ڪي ٽيون مارين.
آس اجا بہ اتم اندر ۾ سگهڙي لهندا سار الا.

2: ڪالهہ مڪائون ڪيترا تن ڏوراپا ڏياري.
عيشن ۾ پئي اباڻا ڪيئن وينيئن وساري.
وچن ڪيل جي ويڙيهيچن سان ڪين سگهئين پاري.
ڪوٽن ڪونہ ڪنبايو مونکي ماريو ان ميار الا.

3: ڪاٽڙ پاسي ڪيڻ ڏسي آئون رات پيس روئي.
ڏنل هئي جا ڏاڏاڻن جي ليڙون تي لوئي.
بيوس جو هت بند ۾ ڪونهي ڪو ڪوئي.
ڪاتيان پيئي قئيد ۾ آئون انهن جي آذار الا.

4: آس اهائي آهي اندر ۾ آٽيندن الله
ساڻي ٽيندا سيگهہ مان تو سڪي جني لاءِ ساهہ
’ضامن‘ پيئي ضعيف جا سي واهر ڪندا واهہ
انئي پهر تہ آهي اندر ۾ پنهنوارن پچار الا.

24 محرم 1421هہ
اڱارو 2 مئي 2000
5 مئي تي ڪافيءَ تي رکيل
مشاعري لاءِ

## ڪافي 90

ٿلهہ: جيڪي جتي سو تتي، هرڪو پنهنجي حال ۾ هردم.

1. سيڪو پنهنجي پاڻ ۾ آ گم، ٻي سان ڪنهنجو ڪهڙو پلا ڪم،
جيئن آ جيڪو جتي.

2. پاءُ تو اڪثر سير سڏائي، مام وڏو ان ملڪ منجهائي،
اڙيو آ سيڪو اتي.

3. سرور شاهہ ٿئي ساڻي جنهن سان ڪم پوءِ تنهنجو ڪونهي ڪنهن سان،
هلي ڏسي ڪو هتي.

4. مرشد جنهنجو ظاهر ضامن، تنهنڪي ڪوئي وهم نڪو غم،
سو ويڳاڻو چو وتي.

....................

## ڪافي 91

ٿِل: وساري چو وينا اباڻا الائي،
ٽڪيس آئون تر جا پانڌيڙا پڇائي.

1: سانگئيڙن کي ساري روئان رات ساري،
ڪتيان قئيد ۾ هت ڏکن ۾ ڏکاري،
موتي شال موليٰ مارن سان ملائي.

2: ڪندا ياد هوندا يا وينا وساري،
اها ئي اندر کي ڳڻتي تي ڳاري،
انهي مام منهنجو وڏو من منجهائي.

3: چڪن جي بہ چانور ڏجي ڏوهہ تن تي،
ٻُڪن باهہ ٻاري آ بيوس بدن تي،
ڏوتين جي ڏوراپي وڏو ڏيل ڏڪائي.

4: ڪئي قئيد ڪابو ملڻ آهي مشڪل،
نڪي خط نياپو نڪوئي ٻيو حل،

حقيقت هِتي جي سگهان ڪيئن سڻائي.

5: اصلئون سي آهن ضعيفن جا ’ضامن‘،
اڄ يا صبحاڻي مونڏي مجن من،
خوشيءَ جي خبر ڪا چاچاڻا چوائي.

2 صفر 1427ھ
3 مارچ 2006
جمع، مڪان تي

## ڪافي 92

ٿل: مهر ڪر موليٰ مٺم منٺار سائينءَ واسطي،
ٻاجهه سان ٻيڙا سندم ڪر پار سائين واسطي.

1: آئون اٻوجهو آهيان، هردم گناهن ۾ ڳتل،
رک ڀرم بدڪار جو، سرڪار سائينءَ واسطي.

2: آهيان اڻ تارو اصل، سختي سچي ٿي سير جي،
پار پهچان شل لنگهي. تک تار سائينءَ واسطي.

3: جيئن نوازش ٿي اڳي. ڪرتيئن وري لطف وڪرم
هر گهڙيءَ ۽ هرپلڪ. هر وار سائينءَ واسطي.

4: آ ٻيائي جن جي من. ڪا ترت ڏي تن کي ٽڙي،
سيگهه مان سڏڙا سڻي، لهه سار سائينءَ واسطي.

5: آهي اڪيلائي گهڻي، ڪي قرب وارا ڪرڪتا،

سي ڏجان ساٿي هجن، سچيار سائينءَ واسطي.

6. آهي جو ’ضامن‘ پيو ڪيئي ڏڏن ڏڀرن سندو،
تنهن سندم مرشد مٺي مهندار سائينءَ واسطي.

## ڪافي 93

ٿلهه: هن مهل ۾ هاڻ، هادي ڪريو ڪا همراهي.

1. آهن مٿيئي مون ۾ مدايون، تون سائين پاڻ سجاڻ.

2. حال اٿو معلوم اسانجو، ته به ڇڏيو ٿا چاڪاڻ.

3. تنهنجي ڪري هت لوڪ ۾ ڪنهنجي، ڪانه ڪيون ڪا ڪاڻ.

4. پئو ضعيف جا ظاهر ضامن، اچي پنهنجو پلايو پاڻ.

21 مئي 2006ع صبوح جو 7
ڪان 8 بجي
تائين گهر لکيم.

## ڪافي 94

ٽِل: آهيان ڪنهن جو پار، مولٰي سائين مهر مٽم ڪر،

1: ڪجهه ڪمايم ڪينڪي، بيحد آهيان بيڪار.

2: مونسان ملائج هن مهل ۾، محب مٺو مٺار.

3: آئون اصلئون آهيان جن جو، ڏي تن جو پلپل پيار.

4: مدي جن جي من ۾ آهي، تن کي ڏکي ڪرڏار.

5: منهنجو تن ۾ منهن مٿي ڪر، جي مخالف مڪار.

6: ساٿ تني جو ڏجان هجن جي، مرد مٽيادار.

7: هردم آهي منهنجو ’ضامن‘، سرور شاهه سردار.

21 مئي 2006

## ڪافي 95

ٽل: موٽج مٺا هيڪر وري. هيڏيون نٿيون ڏُوريون ٿهن،
هيڏيون نٿيون ڏُوريون ٿهن. ور واڳ ڪا
واري وطن.

1. چا لاءِ وساري تو ڇڏيو، غم گوندرن ۾ هت گڏيو،
سڏڪا ڀريو توکي سڏيو. دلڙي ويچاري ٿي چري،
اڏ مان اندر مان ڪئين اچن.

2. پيوند وڌئي جن پيار جا سَوَ ٻول ۾ تنهنجي ٻَڌا،
حيران هت توڪان سوا. هيءَ ڳالهه ٿي. تن لاءِ ڳري،
سي ماندا مسافر ٿا مرن.

3. هرگز نہ هيئن وسارجو، هن اڏ مئل کي نہ مارجو،
سڀ قول پنهنجا پار جو، آهيان سنڌئي ڪوٺي ڪري،
هت خوب تنهن خوشيون ملن.

4. هردم آهين ’ضامن‘ سندم، تڏهن نہ الڪو ڪو اٿم،

هيءَ ڳالھ سچ ساري چيم، ساعت نہ تو ڏاران سري،
ڪئين پور ٿا پلپل پون.

7 جولاءِ 2007

## ڪافي 96

ٿل: اسان جو حال هيءُ سارو، توکي معلوم آهادي،
مخالف مات ڪر سارا، تني سان ڪا ٿئي تادي.

1. جھڙا آهيون تهڙا تنهنجا، ڪنا ڪوجها نہ ٻي ڪنهنجا،
درد سڀ دور ڪر منهنجا، گھڻو دل تي آهي ماندي.

2. جني تي تو رکيو رايو، تني کي پار پهچايو،
هتي ۽ مهند مرڪايو، ٿئي اهڙي ڪا امدادي.

3. هڪل سان ٿيو اچي حامي، مدد ڪريو ڪا الهامي،
ڏسون ڪا ڪانہ ناڪامي، اها آهي صدا سادي.

4. آهيو هت هت سندم ’ضامن‘ ٿئي مايوس پوءِ ڇو من،
دفع ڪريو سيئي دشمن اٿم هيءَ التجا آندي.

27 رجب 1428ھ
آچر 12 آگسٽ 2007

# ڪافي 97

ٿلهه: اسان جي يا خدا اڄ ٿي، اڳهائج التجا ساري،
مهابي مير مرسل جي، ٿئي ڪا مِهر موچاري.

1. ڪرم جن ساڻ توهت ڪيا، ولايت جا سي والي ٿيا،
جهُڪن پيا ڏيهه تن اڳيان، اني جي ڳالهه آنياري.

2. ڪيون هر روز مون جيڪي، سٽج ساجهر صدائون سي،
قرض ۽ مرض چڙ ميٽي، پيلا ڪي پاڳ ڪج باري.

3. منهن تي ڪن خوشامد تا، ۽ پريٽ جي مخالف ٿيا،
اندر هڪڙا ۽ ٻاهر ٻيا، لڳي تن کي ڪاڪاپاري.

4. ٿين هڪدم سمورا ڪم، لهن سارا وهم ۽ غم،
سچن جو ساٿ ڏئي هردم، ڏجان خوشين جي ڏيکاري.

5. ڪيا هن عرض 'ضامن' جي عزت ۽ آبرو گهرجي.
پيئي آهيان پُڪي جن جي، ٿيا تن وٽ نه مياري.

29 رجب 1428 اڱارو
14 آگسٽ 2007
حيدرآباد

## ڪافي 98

ٿل: عجب هٽ عشق وارن آ، بنائي برهه جي بازي.
ڪنهين ڏس ڪيئن، ڪنهين ڏس ڪينئن، ڪيو آ
رب کي راضي.

1. مجازيءَ جي اول موهيا، حقيقي ڏي مڙي سي ويا.
قصا تن جا ٻڌون هٽ پيا، ڪٺي سي گوءِ ويا غازي.

2. وڃايو پاڻ پنهنجو جن، سبق سچ جا چڱيا هٽ تن
ورائي هٽ انهن ورقن، سکن من کي منجهان ماضي.

3. مچايائون مچ سندا محبت، رڳوئي نياز ۽ نوڙت.
ڪئي تن ڪانہ ڪا ڪلفت، سدا تن وٽ صلح سازي

4. ٿيا 'ضامن' ضعيفن جا، ڪيئي تن پار پهچايا.
تني کي ڪانہ پرواهہ ڪا، اگهي جن جي آهي آزي

29 رجب، 1شعبان 1428ھ
14 آگسٽ 2007

اڳارو شام، اربع رات
حيدرآباد مان موٽندي
سفر ۾. مڪان تي اچي مڪمل ڪئي

## ڪافي 99

ٽل: ڏسو ڪيئن عاشقن آهن، لڳايا نينهن جا نارا،
ڏٺو جانب جو تن جلوو، اوهين سمجهو عقل وارا.

ٽلهہ: ڏٺو ليليٰ ۾ مجني چا، وٺا پيتئين پري وهہ جا،
سرت تنهن کي نڪا ڀي ڪا، ملڻ محبوب جي ڏارا.

1. آهن سسئيءَ جبل جهاڳيا، همت ڪنهن جي نہ وس جي سا،
پنهون پنهنجو پسڻ جي لا، لتا ليڙون ٽيا سارا.

2. سهڻي ميهار لاءِ ماندي، ڪنهين ڇڪ ٽي اتي آندي،
وڙهي واڳن سان ٽئي واندي، تہ اڳيان درياهہ جا دڏڪارا.

3. رانجهن لاءِ هير ويچاري، وئي ان ڪان ڀي سڏ ساري،
تنهن کي محبت هئي ماري، اهي ڏس عشق جا آرا.

4. سوين ٻيا قرب وارا ٿيا، نهوڙي نينهن جيڪي نيا،
سڄڻ احوال تن جا پيا، ٿيا سي مرد موچارا.

5. عشق منٺار تي آيو، سدا سڪ جو هئس سايو،
موليٰ تنهنکي آ مرڪايو، سندس ٿيا ڀاڳ ڀلارا.

6. پون جن جا اهي ’ضامن‘، اڇيو همراهي هردم ڪن،
هتي ۽ مهندسي مرڪن، ڪئين مسڪين مون پارا.

اربع 1 شعبان 1428ھ
15 آگسٽ 2007

## ڪافي 100

ٿل: آهيان الائي ڇا، خبر نہ ڪا، ساڃوي ڪو چور چڪارو.

1. ڪي ٿا ڄاڻن نيڪ ۽ بزرگ، اڳيان نائن متا. خبر نہ ڪا،
ٻڌيو ڏڪون ٿا تہ ترندو ترارو.

2. تتل قتل جي عمل ڪيا ٿم، تن جو ٿيندو ڇا. خبر نہ ڪا،
حال اڳيان معلوم آ سارو.

3. ماڳهين ڪي مغرور ٿا سمجهن، پرپٽ ڪن گلا. خبر نہ ڪا،
من تي پيو سو اٿن مونجهارو.

4. ظالم سمجهي ڪيئي پري ٿيا، ڪن پيا وس وڏا، خبر نہ ڪا،
تہ سرور جنهن سان سوئي سوپارو.

5. هلندي سات ڇڏي ويا تن ڪي، کهڙا پور پيا، خبر نہ ڪا،
قلب چو ٿيندو آهي ڪارو.

6. سمجھڻ وارا سگھندا سمجھي، باقي رهندا منڌا، خبر نہ ڪا،
مامر ڪو سمجھي مرد موچارو.

7. ملڪ ۾ جو منار سچي ٿو، آهيون اڳلا تہ بہ تنهنجا، خبر نہ ڪا،
پنهنجن ڪي پڪ آهيان پيارو.

8. 'ضامن' جو مضبوط آ منهنجو، سائين سرور شاهہ، خبر نہ ڪا،
جي ڏسو وچي پوءِ خلل ڪاپارو.

3 شعبان 1428
17 آگسٽ 2007
جمع

## ڪافي 101

ٿلهہ: تن ماروئڙن جو ماڳ، ڏاتر شال اچ ئي ڏيکاري.

1. ڪابو ڪڙجي ڪوٽ تنهنجي ۾، آنديس ڪنهن اپاڳ،
والي واپس وطن ڏي واري.

2. سنگرُ سي سڪائن ڪنيپون ڪوڙ ڪائن، آهي سرهو سوئي ساڳ،
مونڏي مجن سو ڏٽ ڏياري.

3. ٿين ٽڪيءَ جي سي وارث واهہ، سولو ڪريم سياڳ،
جيءَ جڏي ڪي وجن جياري.

4. پٽن تي چڙهي جو ٽا جهانگي جهونگارن، روح ڪي وٽي سو راڳ،
ڳٽتيءَ هٽ چڏيو آ ڳاري.

5. پون ضعيف جا سي ظاهر 'ضامن'، اهڙو پلو ٽئي پاڳ،
خوش ٿي اڳيان ڪيت ڪينڪاري.

11/07/2008

چنچر رات مکان تي

## ڪافي 102

تل: ڏولاوا ۽ ڏکار، مالڪ، هڪ ئي لحضي ۾ ڇڏ لاهي.

1. واءُ وراءِ ڪو سائين سڪن جو، سرها ٿين سنگهار، مالڪ.
آس اهائي اندر ۾ آهي.

2. هر گهڙيءَ ۾ ڪٺجان هردم، بيشڪ باري بار، مالڪ.
غم وهم ڇڏ مڙئي مٽائي.

3. ٻُڪي جن جي آهيون پيڙا، پسج تني جو پار، مالڪ.
هتي ۽ مهند ڇڏج مرڪائي.

4. هردم تنهن جي ڏج همراهي، جو محب سندم منٺار، مالڪ.
پنهنجو پرين سو پاڻ پسائي.

5. هِت هُت منهنجو آهي ’ضامن‘، سرور شاهه سردار، مالڪ.
تڏهن تہ ڳڻتي ڪائي ناهي.

18 رجب

سومر شام اڳاري رات

21 جولاءِ 2008

هالا شريف ويندي

❊

## ڪافي 103

تلهہ: ڪي تا ڄاڻن ڪيئن، ڪي تا ڪيئن، غلط چون ڪي صحيح تا سمجهن.

1. ڪي تا ڄاڻن نيڪ نمازي، رب پنهنجي ڪي ڪندڙ راضي جيڪي سمجهن جيئن، چون تيئن، ڪين ٻين جي تا ڳالهہ ٻڌن.

2. ڪي تہ چون تا سڀ وڄايئين، ڪين ذرو ڪو ڪجهہ ڪمايئين هلڻ ڪپي ها هيئن، چئون جيئن، وا هوا پوءِ ها رنگ لڳن.

3. ڪي چون ٻين جي چئي هلي ٿو، نفعو نڪي نقصان ڏسي ٿو، ڪن ليکي لڳل ٿس نينهن، آهي ائين سڀ تا پنهنجي سمجهہ سڻائن.

4. ڄاڻن ڪي تا منجهس مغروري، ڳالهہ مڃائي ٿو پنهنجي پوري، پر عجب لڳن ان ڏينهن، ڏنئون جيئن، تہ مرڳو ڪٺ ٿيون معافيون وٺجن.

5. ڪي چون ملن هٿ آهي ورايو، فرقن جي چڪر آ خوب ڦاسايو تن ڪي ٻڌايون ڪيئن، ڏسيو تيئن تہ آهي هتي رڳو رمز فقيرن.

6. جت آ رڳوئي رمز فقراهي، سرور شاهه جي ات همراهي،
پل رات هجي يا ڏينهن، هردم هيئن، هت ۾ مهند تا سي مرڪن.

7. مورهين ڪي مننار تا سمجهن، ادب ڪيو تا نياز مان نوڙن،
ان جي عقيدت ائين ڏسجي جيئن، عجب هتي ڪئين رنگ تا
ڏسجن.

8. عملن آڏر ڪين ڇڏيندا، ’ضامن‘ پيئي نال سي نيندا،
وسندا محبت مينهن، ساجهر سيئن پل نه اچي پوءِ ڏيهه ڏسن.

27/28 رجب 1429ھ
21 جولاءِ/ 1 آگسٽ 2008
خميس/ جمع

## ڪافي 104

ٿلهه: محبت سندي مهراڻ ڪي سمجهڻ نه سڪيو آ،
ڪڏهن به پنهنجي پاڻ ڪي سمجهڻ
نه سڪيو آ.

1. هت هر ڪوئي اڻ ڄاڻ ڪري ڄاڻ جي دعوا، ٿو ڪري ڄاڻ جي دعويٰ،
اڻ ڄاڻ جي ان ڄاڻ ڪي سمجهڻ نه سڪيو آ.

2. ڪن منهن تي خوشامند جي ۽ اندر ۾ ٻيائي. رڪن اندر ۾ ٻيائي،
ظاهر جي ان واڪاڻ ڪي، سمجهڻ نه سڪيو آ.

3. صبحاڻ ڪجهه ٿيڻ لاءِ ماضيءَ مان سڪجي اڄ. هتي ماضيءَ مان سڪو
اڄ،
اڄ، ڪالهه ۽ صبحاڻ ڪي سمجهڻ نه سڪيو آ.

4. ڪنهن جاءِ وڃڻ ساڻ ئي، وڃي ٿو واسجي، ڄڻ وڃجي ٿو واسجي،
سچ پچ تنهين سرهاڻ ڪي، سمجهڻ نه سڪيو آ.

5. ڪڏهن پوي ’ضامن‘ ٿو، ڪٽڻ لاءِ هارٽون ٿو ڪٽڻ لاءِ هارٽون،
ڪنهن اهڙي منجيل آڻ کي سمجهڻ نہ سکيو آ.

27 نومبر 2008
جمع رات محفل هلندي
مڪان تي

## ڪافي 105

ٿلهہ: اجايو اي ادا آخر، وقت ويهي وڃائين ڇو،
آهين ڪجهہ ڪين پڪ ڄاڻج، پڏائين پاڻ پوءِ ڇو ٿو.

1. حرص ۾ پئي هتي جيڪو، وڃائين وقت پيو هرهر،
ڇئي جنهن جي لڳو آهين، نهوڙي نفس سونيندو.

2. نقل جي هٿ لڳي پويان، وساري اصل کي ويٺين،
رنگيني هيءَ اٿئي پل جي، نظر جو سپ آهي ڏوڪو.

3. اصل جو جن ڏٺو جهَلڪو، دنيا کي قيد ان ڄاتو،
وڃڻ سان ٻيا وڃن وسريو، هلي نالو پيو تن جو.

4. ڪمائڻ جو اٿئي موقعو، ڪمائي وٺ ڪمائي وٺ،
ويو جو وقت هٿ مان سو، وري موڏي نڪي ايندو.

5. نصيبن سان ملي ڪنهن کي، مليو ’ضامن‘ اٿئي اهڙو،
وڏائي وڪ رهج هلندو، منجهي ڇو پيو ٿئين موڳو.

4 ذوالحج آچر رات

21 نومبر 2009
مڪان تي محل هلندي

## ڪافي 106

ٿلهه: فنائيءَ چيز ڪي چڏجي دنيا ڪٺ ڪوڙ آ سارو،
هليا ويا ڪئين هٿين خالي، وڃائي هٿ سندو وارو.

1. دنيا آهي سيئي ڏوڪو، بچي ٿو ان منجهان ڪوڪو،
لڳائين دل تهين سال چو موڳا تون چڏج مونجهارو.

2. دنيا سان دل لڳائي جن هتي ڪٽجي قلب ويا تن،
هدايت ڪين ڪن ٿا ڪن، لڳي سچ ٿو تني ڪارو.

3. سچائيءَ تي جيڪي هليا، ذرو سي ڪين ڪي پليا،
سڌو رستو ڏسيندا ويا، اچو سوگس وٺون يارو.

4. وٺون رستو سندو الفت ڪٽي سپ ڪوڙ ۽ ڪلفت،
مچايون مچ سندا محبت پيو هٿ ڪو نہ ڪو چارو.

5. وڃايو پاڻ پنهنجو جن تني جا نام ٿيا روشن،
پون جن جا اهي ’ضامن‘ تني جو پاڳ پلارو.

4 ذوالحج 1430ھ
21 نومبر 2009
آچر رات مکان تي
محفل ھلندي

## ڪافي 107

ٿلهہ: سيڪو سمجهي تہ آئون ڄاڻون آهن ٻيا اڻڄاڻ،
سمجهو تہ آهي سڀ کان اوکو پنهنجو سڃاڻڻ پاڻ.

1. تولو ماسو جيڪو آهي، سو ٿو اڪثر سير سڏائي،
هر ڪو پنهنجو پاڻ پڏائي، سمجهہ نڪا ڪا سنجاڻ.

2. آئونءَ ۾ جو آهي اڙيو، سو ڪا چاڙهي ڪين آڇڙهيو،
چوڻ چڱائيءَ تي نامڙيو، ڪيئن سو چڙي چڪتاڻ.

3. جن هت پنهنجو پاڻ سڃاتو، سبق عشق جو ان آ ڄاتو،
تن آنباهيو نينهن جو ناتو، اهي ڪن واحد جي واڪاڻ.

4. عشق جي چاڙهي آهن چڙهياجي، لهر نہ ڪوڪو لوڏو ان ڪي،
ڪيئي موچارا مرد ٿياسي، تن پاڳين جا ڏس پاڻ.

5. پون جني جا سي ٽا 'ضامن' اڳتي ۾ هت سي ٽا مرڪن،
اهڙا نصيبن وارا آهن، سي نہ ڪڍن ڪا ڪاڻ.

8 ذوالحج 1430ھ
25 نومبر 2009
خميس رات مڪان تي

## ڪافي 108

ٿلهه: لڳي تار، روئان زار، ڪيئون ڏار، ويچاري،
اچي هاڻ، اڄ صبحاڻ، ڪندا پاڻ، ستاري.

1. ڇڏيئون راهي، هتي ڇاهي، اها آهي اڻ تڻ،
هيٺون حال، آ احوال، سڄڻ سوال، سڻ سڻ،
لهج سار اي، دلدار، ڏجان يار، ڏيکاري.

2. آهيان اهنجو، ڪريو پنهنجو، ٻي ڪنهنجو، ناهيان،
چئو جيئن، ڪريان تيئن، سينو ڪيئن ساهيان،
محب مل، ڪر ڪهل، ٿئي مهل موچاري.

3. اڇج يار، منٺار، لهج سار، سگهوتون،
عيب اپار، بي شمار، ڪئين هزار ٿيا مون،
ڪري پال، نيو نال، چٽي ڳالهه آساري،

4. رکي رايو بخشايو، ڪريو سايو، سگهيرو،
ڇڏيو ڪين، مسڪين، آ غمگين، گهٽيرو،
لهي ڪاڻ وسن پاڻ، ڪريو پاڻ پوئواري.

5. پسي حال ڪري ڀال پون شال ’ضامن‘،
لهن غم هن دم ٿين ڪم پرچن،
سٽن بات اها تات وائي وات ڀلاري.

10 ذوالحج 1430ھ
27 نومبر 2009
عيدالضحيٰ ڇنڇر جي رات
مڪان تي

## ڪافي 109

ٿلهہ: عمر هاڻ اڃهو چاڻ، مارو پاڻ ايندا،
پسي حال ڪندا ڀال، وٺي نال، نيندا.

1. اٿم تات ڏينهن رات، وائي وات اباڻن،
ستي سيئن ڏٺم جيئن، ظاهر تيئن ملان تن،
لهي سور سڀ وهلور، اڄ ضرور ويندا.

2. ٿيم دور ڏوٿي ڏور، پون پور، پچاريان.
ٿيا ڏينهن، وٺا مينهن اهي ڪيئن وساريان،
ويندا رنج هي اهنج سڀ سهنج ٿيندا.

3. اٿم تار، لهن سار، پسي پار، پنهنجو،
لڪئي لوهہ، ڪيس ڪوهہ، ڪونهي ڏوهہ، ڪنهنجو.
چڙهي چوٽ، ڀچين ڪوٽ، سٺي موٽ ڏيندا،

4. ڪلن ڀاڳ موٽي ماڳ، اچن واڳ، ورائي.
ملن شال هي احوال، سٽن ڳالهہ سڏائي،
آهيان جن اهي من ’ضامن‘ پيندا.

11 ذوالحج 1430ھ

28 نومبر 2009
آچر رات مڪان تي

## ڪافي 110

تلهه: اسان آهي چاهي، سڀين جي ڀلائي،
رکن پوءِ به من ۾، ٿا ماڻهو مدائي.

1. سڀين جو اسان هٿ، ڀلو آهي چاهيو،
تڏهن به آ تن کي، ڇو وهمن ورايو،
متيءَ ڳالهه ۾، به لڳي تن ڪڙائي.

2. پٽي انڌ جي ڪا، اکين تي ٿن اهڙي،
الائي هي ٻولي، سمجهن ٿا ڪهڙي،
ڇٽي هوندي سامهون، نه سمجهن سچائي.

3. ڀلو ڪر سڀين جو، ڀلو تنهنجو ٿيندو،
ڀلائي جا پاڙا، خدا توکي ڏيندو،
نکي ٿي سگهي ٿي، هيءَ ڇوٽي اجائي.

4. آهن ساڻ سيئي، جهڪي ڏيهه جن کي،
پري جي ٿيا هٿ، ڪريان ڪوهه تن کي،
خدا ڏي تني کي، سمجهه ڪا سجائي.

5. مخالف ٿيا جي، اهي هٿ مليندا،
ويل ڏينهن واپس، ڪڏهن ڪين ايندا،
رکن منهن مٺو ۽، اندر ۾ ٻيائي.

6. لڳل رنگ ڪيئي، هتي ڏيهه ڏسندا،

كلون كن تني جا، جهڪي ڪنڌ ويندا،
مرڪندا اهي هت، رکي جن سچائي.

7. پيا جيڪي ’ضامن‘، اچن سي سويرو،
پلا پاڻ آهن، پلا ڪن ڪو پيرو،
پلن ڪان آ ٽيٽي، هميشہ پلائي.

مڪان تي اڪيلي ويٺي رات جو 8 کان 1/2
تائين
9 آگسٽ 2009ع 18 شعبان 1430ھ

## ڪافي 111

تلھ: صوفيءَ جي سچي پار ڪي، ڪو صحيح سنجاڻي،
الله جي اسرار ڪي، ڪو صحيح سنجاڻي.

1. صوفيءَ جي هر پاسي آ، تشريح الڳ چو،
ان ماپ ۽ معيار ڪي، ڪو صحيح سنجاڻي.

2. صوفيءَ تہ ڪڏهن ڪين، ڪنهين ڪي آ ڏڪويو،
ان من سندي منٺار ڪي، ڪو صحيح سنجاڻي.

3. صوفي جي سمجھ سوچ جي، پرواز الڳ آ،
ان رمز جي رفتار ڪي، ڪو صحيح سنجاڻي.

4. صوفي آ سچل شاھ ۽ منٺار عنايت،
چيل ان سندي گفتار ڪي، ڪو صحيح سنجاڻي.

5. ڪئين پيا بہ آهن اهڙا، جني پاڻ سنجاتو،

اڇي ان سندي ڪردار ڪي، ڪو صحيح
سنجاڻي.

6. صوفي پوي ’ضامن‘ ته پو پرواهه آ ڪهڙي،
ان واهه وا وهنوار ڪي، ڪو صحيح سنجاڻي.

22 صفر 1431هه
7 فيبروري 2010
آچر مڪان تي

ڪافي 112

ٿلهه: سمجهو نه ڪڏهن سوکو، فقير ڪي سنجاڻڻ،
اوکو آ يار ڏاڍو، معنيٰ جو ملڪ ماڻڻ.

1. تنهنجي عقل کان اڳتي، فقير جي آ منزل،
سمجهين نه ڳالهه جيڪا. گهرجي نه ڊاڙ ڊاڙڻ.

2. راضي رهن رضا تي مالڪ جي جيڪا مرضي.
ڪنهن ڪم ۾ ڪين سڪيا. پنهنجو هو پاڻ
آڻڻ.

3. فقير ملڪ ماڻيو، سگهندو نه عام سمجهي.
سمجهڻ اگر جي چاهين. ڪپئي ڪا ڄاڻ ڄاڻڻ.

4. سچ پچ آبخت تنهنجو فقير آ جو ’ضامن‘،
آهي اتان ملي جا گهرجي ساتند تانڻڻ.

23 صفر 1431هه
7 فيبروري 2010
سومر رات جمال الدين فقير جي ڳوٺ
محفل هلندي

## ڪافي 113

ٿلهه: هتي اڻ ڄاڻ ڇا ڄاڻن، نرالو شان صوفيءَ جو،
عقل جي جاءِ جت ناهي، اهو ميدان صوفيءَ جو.

1. شريعت تي رهن محڪم، حقيقت حال ۾ هردم،
طريقت جي طلب جن کي، معرفت مان صوفيءَ جو.

2. رکن تا نياز ۽ نوڙت، ڏکوئن ڪين ڪيڙيءَ کي،
رضا تي تا رهن راضي، اهو پئمان صوفيءَ جو.

3. هر ڪنهن سان رکن محبت، نڪي نفرت منجهان ڄاڻن،
سڌو رستو وٺي سيکو اٿوَ ارمان صوفيءَ جو.

4. سوين صوفي سڏائي هت، ٿين گهمراهه تا گس کان،
پليل هت ڪئين وڃن پلجيو نه سمجهن شان صوفيءَ جو.

5. وڃائي پاڻ پنهنجو جي هلن تا حق تي هردم،
انهن جوئي آهي ’ضامن‘ اهو اعلان صوفيءَ جو.

10 فيبروري 2010
25 صفر 1431هه
اربع

## ڪافي 114

ٺلهہ: آهيان آئون اڻڄاڻ مولىٰ، ڄاڻ ٿو سيڪا تون ئي ڄاڻين.

1. آئون اصلئون آهيان جني جو، ڇڏيو تن ڇاڪاڻ، مولىٰ.

2. وار سٺائو واءُ سڪن جو، هن مهل ۾ هاڻ، مولىٰ.

3. ٻاڳين جا جي پاٽا چئجن، وسن سيئي وٺاڻ، مولىٰ.

4. ملڪ سڄي ۾ ڪڏهن ڪنهن جي ڪانہ ڪيون ڪا ڪاڻ مولىٰ.

5. ڏور ٿيا جي ڏوٿي آهن، پرچن سيئي پاڻ، مولىٰ، ڄاڻ ٿو سيڪا تون ئي ڄاڻين.

6. هِت هُت ظاهر 'ضامن' جيئي، الله اهيئي آڻ موليٰ، ڄاڻ ٿو سيڪا تون ئي ڄاڻين.

7 جمادي الاول 1431ھ

22 اپريل 2010

## ڪافي 115

ٺلهہ: تار تڪيءَ مان تار، مولىٰ هادي ڪر ڪا تون همراهي.

1. ملڪ ۾ جن جي نانءُ سڄون ٿا، پسج تني جو پار، مولىٰ.

2. ڪين ڪمايو ڪجهہ مون آهي، بنهہ آهيان بيڪار، مولىٰ.

3. ڏڪج عيب سندم اڳلايون، هِتي هُتي هر وار، مولىٰ.

4. جن لاءِ ساهہ سڪي ٿو سيئي، محب ملن منٺار، مولىٰ

5. آهن پيا جي ظاهر 'ضامن'، آهيون تني آڌار، مولىٰ، هادي ڪر ڪا تون همراهي.

23 اپريل 2010 ع

7 جمادي الاول 1431ھ

## ڪافي 116

ٿلهہ: عشق جا ڏس اسرار، عقل جي ات ڪا جاءِ نہ آهي.

1. عقل جي جت تي آهي پڇاڙين، عشق اتان آمنزل ماڻين،
اها حقيقت جي تون ڄاڻين، تہ واهہ وا اهو وهنوار،
ڪوڪو رسيو ات آ ڪاهي.

2. عقل تو آئونءَ ۾ ڦاسائي، ماڻهوءَ کي هت خوب منجهائي،
پوءِ اچيو سو پاڻ پڏائي، تہ آهي مونکي اختيار،
پر بنهہ بي اختيار سو آهي

3. عشق وارا هت مرد ٿيا جي، مرڻ کان اڳئي مري جياسي،
وينا پنهنجو پاڻ وڃائي، پوءِ ٿيو نام سندن نروار،
هرڪوتن کي، چاهيو چاهي.

4. عشق جڏهن منتار تي آيو، تہ مرشد تنهنکي پاڻ پڙهايو،
سبق اهوئي تنهن من لايو، تون ويهي ڪجئين ويچار،
تہ ترڪو تفاوت تنهن ۾ ناهي.

5. جن جا عشق وارا ٿيا ’ضامن‘، سيئي منزل تي تا پهچن،
لهر نکو کولوڙو آتن، اهي تريو وڃن تک تار،
سي تا ڄاڻن خوب نباهي.

4 مئي 2010

## کافي 117

تلهہ: دنيا آ کٽ کوڙ کسارو، چٽ پٽ جو چلکو،
پليو آهين پورا چو، کر اڳتي جو الکو.

1. نفس ندوري آهي نمايو، وهمن ۾ واري،
سوچ ذرو کر ڳالهہ انهيءَ جو، هاڻي ئي حل کو.

2. مال پرايو پنهنجو سمجهي، آئونءَ ۾ اڙيين،
مورهين موڳا آهين مسافر، پهر هتي پل کو.

3. آيو آهين جيئن اڪيلو، ويندين تيئن واپس،
عمل بنا ڪم ڪجهہ نہ ايندئي، پاءُ هجي پل کو.

4. پنهنجن سان رک پيار هميشہ، دوست سچا ڏارج،
اوري دل جو حال انهن سان سور پلي سل کو.

5. 'ضامن' هوندا زور وارا جي، نيت ڇڏائي نيندئي،
پوءِ تون پسندين پار انهيءَ جو، جلدي ئي جهلکو.

9 مئي 2010
آچر

## کافي 118

تلهہ: موليٰ هاڻي مينهن وساءِ، آس وندن جي آس پڄائج.

1. وڻ ٽڻ ٻوٽا آهن اُڃايل، پلر سان سيئي پٽ پساءِ

2. مال پکي انسان اُڃارا، ان جي ساجهر اڄ اجهاءِ

3. پوکيل فصلن کي ڏي سهارو، تن کي نقصانن کان بچاءِ

4. عيب وندي جا عرض اڳهائي، موليٰ سائين تون مرڪاءِ

5. 'ضامن' جيکي آهن اسان جا، مالک سيئي محب ملاءِ،
آس وندن جي آس پڄائج.

10/05/2010
5 :27 گهر

## ڪافي 119

تلهه: عشق عجب ڪري آر، عقل کي نيٽ ٿو ماري مڃائي.

1. عقل چوي سڀ تون ئي آهين، عشق چوي متان پاڻ پڏائين،
هٿ ڪجهه نه سنديئي اختيار.

2. عقل چوي هل ڪاٿون ڪاڏا، عشق چوي رهه بکيو زيادا،
آهي اهو منجهن تڪرار.

3. عشق جتان پرواز ڪري ٿو، عقل ڪڏهن ات ڪين رسي ٿو،
اهو ڪيئن ٿهي وهنوار.

4. عقل ٿو آڻي جت قاسائي، 'ضامن' ئي ٿو اتان ڇڏائي،
پوءِ سو پسي اسرار.

10 مئي 2010
سومر شام، مڪان تي

## ڪافي 120

تلهه: آس اها آهي اجان، ڏاڏاڻن جو ڏيهه ڏسڻ جي.

1. وس نه هلي هٿ آهيان بيوس، ڪيئن ڪريان اهو مون کي ڏيو ڏس،
وطن ڏي واپس وڃان، مند مارن سان آهي ملڻ جي.

2. کهڙي سبب هو وينا وساري، جيئري جڻ ته ڇڏيائون ماري،
سور ڪنهين سان سجان، موٽي مند آهي مينهن وسڻ جي.

3. وٺا مينهن وطن تي واري، سانگين کي دل ساريو ساري،
سڀ تي ميارون مڃان، پوءِ نه اچي من کن پرچڻ جي.

4. قئيدن ڇڏيو آهي ڪنبائي، 'ضامن' پيئي سي وڃن ڇڏائي،
نيندا ڪڏهن اهي نجان، آهي اميد ات ڪنيين ڪنيڻ جي.

11 مئي 2010
اڳارو مڪان تي

## ڪافي 121

ٿلهہ: اجھو ۽ آسرو منهنجو، تماچي تڙ ڏٺي آهين،
پسي هي نياز نوريءَ جا ڪڏهن هٿڙو متان لاهين.

1. شهنشاهي ڪٿي تنهنجي، ۽ ڪٿ اڳلا اسين آهيون،
نوازش جا ڪئي تو آ، پرت سا ڪج متان پاهين.

2. نہ هڪڙي هت آئون آهيان، سوين راڻيون سڪن تولئہ،
ٿئي ٿو مانُ تنهنجو تون، جهين ڪي چاھ مان چاهين.

3. سمان تنهنجي ڪري ڪيئي، جهڪن ٿا ڏيهہ هت اڇيو،
ڪچايون ڪين ڪي ليکي، رکيل ناتو تون نباهين.

4. پسائي جهلڪ تو جن کي، اهي ديدار لاءِ آتا،
اڱڻ ان جي اچڻ جي لئہ سگهو تون قرب مان ڪاهين.

5. جني جو تون پئين ضامن، ڇٽا ڳٽتين ڪنان ڪيئي،
هتي ڪن ياد هر هر سي، وسارڻ جهڙو تون ناهين.

12 مئي 2010

اربع مڪان تي

19 مئي
2010
اربع مکان تي کلاک کن ۾

## کافي 122

ٹلهہ: سارنگ سَوَ رنگ لاياوي، دوست اچي مل مونسان هندم.

1. گل ٽڙي پيا تي گلزاري، سبز رنگ ٿيا سوايا، وي.
توبن مونکي کونهي ٻيو کم.

2. موسم هن ۾ مونکي هردم، تنهنجا خيال ئي آيا، وي.
حال جو تون ئي آهين محرم

3. تنهنجي هجر ۾ آهن هرهر، گوندر غم وڌايا، وي.
ويڙهي ويو هت آهي وهم.

4. ملک سڄي ۾ ٿي ملهاري، مولٰي مينهن وسايا، وي.
اکڙين پڙ هت کيو آ آگم

5. ’ضامن‘ سان گڏ يار هئين جڏهن، سي سڀ ڏينهن سجايا،
وي.
ياد سي گهڙيون، کريان دم دم.

## ڪافي 123

ٽل: بادل ڪئي هي بهاري وي، مينهن وسڻ دي موسم آئي.

1: گاهان ڪيتي هي گلزاري، سبز زمين تي ساري وي.

2: رهندا اوئي اداسي جنهندي، محبت دلڙي ماري. وي

3: بِن ماهي دي آڪوسيان، ڪيئن ڪران مئين ويچاري وي.

4: مرشد تنهندا. ’ضامن‘ پئسي، پرت جنهين هي پاري. وي
مينهن وسڻ دي موسم آئي.

19 مئي 2010
رات جو مڪان تي

## ڪافي 124

ٽل: موڳا مَر ٿيءُ مغرور، جو پنهنجو سمجهين. سو ماڳ پرايو.

1. هت اچڻ ڪان اڳ هئين ڪٿ، قالو بليٰ جا قول ڪيئي جت.
من تان نہ لاهج مور، تہ اصل ڪٿان تون آهين آيو.

2. جن سان اول تو منزل ماڻي، سي ساٿي هت نٿو سڃاڻي
تن ڪان ٿئين ڪيئن دور، من تان سڀ ڪنهن آهي مٿايو.

3. وقت اهو بہ تو آهي وساريو، ڪوٺي اونداهيءَ ۾ جو گذاريو.
اهو آهي هتي دستور، تہ ماضيءَ ڪي ٿا وهن ڀلايو.

4. سفر ڪندو هت آهين آيو، ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڪنهن ترسايو.
کھڙو پيئي پوءِ پُور، ڪيئن تو مالڪ آهي سڏايو.

5. آئون ۾ چو آهين اڙيو، نفس ندورو اٿئي وڙهيو.
آهي سرسو اهو ئي سور، تہ وهمن توکي آهي ورايو.

6. اڄ يا صبحاڻي موٽي ويندين، واپس اونداهي ڪوٺي پيندين،
ات آڏي هجي يا اسور، ڪم ايندئي جو هت تو ڪمايو.

7. ان ڪونيءَ مان بہ اٿئي اٿڻون، مالڪ سان توکي آهي ملڻون،
’ضامن‘ ڪج ڪو ضرور، تہ وطن ڏي سو وڃي موٽايو.

20 جون 2010
آچر مڪان تي

## ڪافي 125

ٿلهہ: سرس لڳي آهي سڪ، ماروئڙن سان مونکي ملڻ جي.

1. مينهن وسي ڪيون آهن موڪون، پسان جلد جهانگين جون جهوڪون،
ٻيئي ڪٽان پيئي ٻڪ، تہ موڪل ملي مونکي وطن وڃڻ جي.

2. ڏينهن ڏئي تيا آهن ڏاڏاٽان، محلن مان آئون مور نہ ڄاٽان،
من جي آ مرضي هڪ، ٿاريلن سان ٿر ۾ ٿيڻ جي.

3. واهر ڪري سي واپس نيندا، منهنجا سي آهن منهنجا ٿيندا،
ڪين ڪندا ڪا لڪ، پاڻ ڪندا سي پڪ پرچڻ جي.

4. وهمن ڪي ات وڃين وڃايان، تن ڪان ذرو ڪجهہ ڪين لڪايان،
جي هلن مٿي تا حق، منزل ان جي معافيءَ ڏيڻ جي.

5. حال سندم ڪان واقف ٿيندا، ان دم ئي سي ’ضامن‘ پيندا،

ترِ ۾ لهندا تڪ، موتي مهل آ خوشين اڇڻ جي،

23/06/2010

11 :30 ٽلهي تي

## ڪافي 126

ٿلهہ: هت ڪريان آئون ڇا، ڙي پينر ملڪ آ منهنجو، ملير مڙوئي

1. پڪون ڏيئي جن مونکي پاريو، تن ڇو مئيءَ کي آهي وساريو
ڪيئن ڪيان هت پڇا، ڙي پينر اوتي ڪو آيو ڪونهي ڪوئي.

2. ان سان گڏ جي گهڙيون گهاريم، سي هت ڪڏهن ڪين وساريم
ڪوٺ ۾ آندو قضا ڙي پينر حال وڃايم روئي روئي.

3. وس نہ هلي ٿو بيوس آهيان، ان کي حقيقت ڪيئن سڻايان
جي مارو منهنجا مٺا ڙي پينر، تن نہ مڪي ڪا ڏئونرن ڏوئي

4. ياد ٿا ڪن يا ويٺا وساري ڳٽتي اها ٿي ڳاريو ڳاري.
پرٽا آهن يا رٺا، ڙي پينر، ڪير خبر ڏي ساري سيوئي.

5. اڇي قئيد مان ڪڍائي ويندا، ’ضامن‘ پيئي نال سي نيندا
ڪندا ساجهر صلح صفا ڙي پينر، خبر خوشيءَ جي آئي اڄهوئي.

11 رجب 1431ھ
24 جون 2010
خميس مڪان تي

## ڪافي 127

ٽل: جيڏيون ڪري ويم جت ڙي پينر
مئيءَ سان ڏکن جو مامرو

1. سمهي سنجهي مان هوت وڃايم، سمجهہ سٽائي مور نہ آيم
ماري منهنجي مت، ڙي پينر، پتو مونکي ڪونہ پيو ڪو.

2. پنهونءَ بنا هت آهيان اڪيلي، ڪونہ ٿيو آ ڪو ٻانهن ٻيلي
هڙئي وينيون هت ڙي پينر، جن سرتين جو هئم آسرو.

3. جبل ڪري ٿو جاڙون جيئي، سنهنديس سرتي سور سپيئي.
مانَ پَريم ڪا پت ڙي پينر، ساٿي ٿيندو سات ڏٽي سو

4. وقت ڏکن جو ويندو گذري، گهيڙ اوڪا سپ ويندیس اڪري.
هلنديس ساڻ همت. ڙي پينر، پڄنديس منزل تي مان اڄهو

5. هلنديس ڪيچ ملڪ ڏي ڪاهي،’ضامن‘هوندي ڪو ڏپ ناهي.
ٿيندي ڪانہ دقت ڙي پينر پوءِ گهبرايان هت پلا ڇو.

24 جون 2010

## ڪافي 128

ٿلهہ: چرخو ويني چور، ڙي جيڏيون، ڪتڻ بناڪم ڪجھ نہ ايندئي.

1. دل لائي جن ڪتيو ٿورو، انجو اڳيان اگھيو اتورو،
سڪ جو سڳو تون سور ڙي جيڏيون ثمر ڪٽڻ پوءِ سولو ٿيندئي.

2. ويهي جن هٽ وقت وڃايو، پوءِ گهٽون ئي تن پڇتايو،
طلب رکي ڪر تور ڙي جيڏيون، تہ اڳيان چا اعمال ڏسيندئي.

3. ڪئي آ ڪمائي جن من لائي، سي مرد ويا ميدان ملهائي،
حال اني سان اور، ڙي جيڏيون، پوءِ هتي سي ڪين ڇڏيندئي.

4. آس وندي ءَ کي آسرو آهي، ساٿي ٿيا پوءِ مشڪل ناهي،
مرد سي ايندا مور ڙي جيڏيون ’ضامن‘ پيئي نال سي نيندئي.

11 رجب 1431ھ
24 جون 2010
خميس شام مڪان تي

# ڪافي 129

ٿلهه: ڪار ڪتڻ جي ڪر، موليٰ ڄاڻي، ويهي ڇو تون وقت وڃائين.

1. ثمر ڪٽڻ جو ڪجائين سايو، سفر سگهوئي ڄاڻ ڪي آيو.
ڪر نہ اگر مگر. موليٰ ڄاڻي، موڳا متان تون پوءِ پڇتائين.

2. ڪتيو جن هٿ آ موچارو، تن جو اڳيان آ وارو نيارو.
ان ڪي خاص خبر. موليٰ ڄاڻي، ڇو نہ انهي جو پنڌ پڇائين.

3. ڪتڻ ۾ جيڪر ڍيڪ جي آيو، ان ڄڻ آهي سڀوئي وڃايو.
پوءِ سو ڇڱو مڪر، موليٰ ڄاڻي، بيشڪ تنهن ڪان پاڻ بچائين.

4. ڪتڻ سان هرهر ڪنبدين جيڪر، پوءِ تہ گهٽو ڪجهہ ڏيندئي ڏاتر.
اهڙو ٿيندئي اثر. موليٰ ڄاڻي، نياز منجهان جي سرڙو نائين.

5. جن جو آهين سي ئي ايندا. پڪ سان تنهنجا ’ضامن‘ پيندا.
سڏج تون شام و سحر، موليٰ ڄاڻي، نالي جن جي پاڻ سڏائين.

11 رجب 1431ھ
24 جون 2010

خميس شام
مڪان تي

5. ’ضامن‘ پيئي ني وي، اچي هٿ چڏايو،
الو الو- پڙهو هي جلد مواريان،
پڙهو هي جلد پيغام.

11 رجب 1431هه
1 جولاءِ 2010
خميس شام

## ڪافي 130

ٿلهه: آهيان تنهنجي سام، چوريءَ ڪي و مواريان- چوريءَ ڪي نه چڏجان،

1. ڪجهه ڪمايو ني وي، ڪين مون آهي-
الو الو- ڪيئن هٿان پوءِ مواريان،
ڪيئن هٿان پوءِ هام.

2. اصل ڪان تنهنجي، ني وي، ٻول ٻڌل آئون-
الو الو- ڪچي ڪئي مون مواريان،
ڪچي ڪئي مون ڪام.

3. سمجهڻ نه سولي ني وي، ڪنهن جي وس جي،
الو الو- مخفي جا آهي مواريان،
مخفي جا آهي مام.

4. سڄان جهان ۾ ني وي، هردم ٿي هٿ،
الو الو- نالي تنهنجي مواريان،
نالي تنهنجي نام.

## ڪافي 131

ٿلهه: هيڻا ٿيا هت حال، ساجن تنهنجي سڪ ۾.

1. سوا تنهنجي ني وي، ڪنهن سان ڪريان الو الو،
اندر جا، وي مواريان، اندر جا احوال.

2. هتي هجن جي، ني وي، پسند توکي الو الو،
سکيا هجن سي، مواريان، سکيا هجن سي شال.

3. قدم ڪرم جا ني وي، ٻرج اسان ڏي، الو الو،
ڪري ٻلايون وي مواريان، ڪري ٻلايون ٻال.

4. جلد اچي هت، ني وي، ’ضامن‘ پئجو الو الو،
وٺي نيو، وي مواريان، وٺي نيو پنهنجي نال.

18 رجب 1431هه 1 جولاءِ 2010ع
اربع 53: 10

## ڪافي 132

ٿلهه: تن ماروئڙن ڏي ني الا ماروئڙن ڏي ميار،
ڪيئن مجان مان قئيد مان الا.

1. جهڙي آيس ني الا، تهڙي واپس الوميان،
وڃي پسان، وي مواريان، وڃي پسان پنهوار.

2. وينا وساري، ني الا، تڏهن ته آهن، الوميان،
جو بنهه آهيان، وي مواريان، بنهه آهيان بيڪار.

3. موٽي لڏائون، ني الا، ڪين اباڻن، الوميان،
سگهڙي مئيءَ جي وي مواريان، سگهڙي مئيءَ جي سنپار.

4. اوٺي اچي ڪوني الا، تنهن ڪان پچان آئون، الوميان،
ته منهنجي ڪيائون وي مواريان، منهنجي ڪيائون پچار.

5. هت ويهي، ني الا، ڪيئن وساريان، الوميان،
سرها سندم، وي مواريان، سرها سندم سنگهار.

6. پيئي ’ضامن‘، ني الا، نال سي نيندا، الوميان،
وطن پنهنجي، وي مواريان، وطن پنهنجي ڪنهن وار.

2 جولاءِ 2010ع 19 رجب 1431ھ
صادق آباد پنجاب ويندي
دورانِ سفر لکائيندو ويس

## ڪافي 133

ٿلهه: پورا ڪيم ڪي پل، هليو هل واٽ وٺيو تون وحدت واري.

1. ست آهي جا تن سمجهائي، پوءِ ٻه پروڙ نہ توکي آئي،
موڳا رهه مَ منزل، هليو هل، پاٽهي پاڻ ڪندا پوئواري.

2. غفلت ۾ چو وقت گذارين، قالو بليٰ جا قول وسارين،
ايندئي ڪيئن عقل، هليو هل ثابت ڳالهه سمجهج ساري.

3. نالو پنهنجو نيڪ سڏائين، عمل جي پاسي مور نہ آهين،
معافيءَ جي آ مهل، هليو هل، ڪنبي ڪجان تون توبهه زاري.

4. وحدت واريءَ واٽ هليا جي، هت ذرو ئي ڪين پليا سي،
پس مرد اهي ڪامل، هليو هل، سي ئي تو سان ڪندا ستاري.

5. سام سندي هت ڪين ڇڏيندا، ساجهر تنهنجا ’ضامن‘ پيندا،
ڪندا سي پاڻ ڪهل هليو هل، دل سان ڏيندا اچي دلداري.

7 جولاءِ 2010
اربع

## ڪافي 134

ٿلهہ: پنهنجو تون پاڻ سنجاڻ، پاڻ سنجاڻ، آهن مڙيئي مون ۾ مدايون

1. تنهنجي لائق ڪيئن چوايان، ڪجھ نہ ڪمايم ڪين ڪمايان،
هلي اچج تہ بہ هاڻ، پاڻ سنجاڻ، معاف ڪري تون ڪلئي ڪچايون.

2. واقف منهنجي حال ڪان آهيو، پوءِ تہ اچي هت پاڻ پَلايو،
هينئن تا چڏيو چاڪاڻ، پاڻ سنجاڻ، وار وصال جون يار ڪي وايون.

3. هت جا هر هر هام هٽان تو، پرم اچي ڪو تنهنجو رڪجو،
جاٹو تا سپ جاڻ، پاڻ سنجاڻ، ڪهڙا ڪٽي تہ بہ تنهنجا آهيون.

4. هاٹي اچي هت ڪريو حمايت، تو ڏاران ڪا ناهي طاقت،
ڪج پوئواري پاڻ، پاڻ سنجاڻ، پال پلا ڪي ڪريو پلايون.

5. اندر جا احوال ڪيان ڪي، ’ضامن‘ پيئي نال نيو جي،
آئون مجان ٿو آڻ، پاڻ سنجاڻ، هاڻ ته واهوا ڏيو واڏايون.

13/07/2010
5 :15 شام گهر

## ڪافي 135

ٿلهه: راڻا ڇڏ تون رسڻ، سڏڙا سڻ، مومل کي ڪر معاف مدايون

1. ڪاڪ سوا تو آهي ڪوماڻي، اڄ تون پنهنجو پاڻ سنجاڻي،
هيءَ آ مهل موٽڻ، سڏڙا سڻ، اکڙيون تولئہ آهن اڃايون.

3. تنهنجيءَ سڪ ۾ ستيس سومل، مرم انهيءَ آ ماريو مومل،
ڪانهي واٽ ڪڇڻ، سڏڙا سڻ، بخش اڇي تون ڀتار بچايون

4. وهم سندئي سڀ آئون وڃايان، حال حقيقت ساري سڻايان،
جي پل ۾ ٿئي پهچڻ، سڏڙا سڻ ته سوڍل ڪجهه به ڪين لڪايون.

5. چانگي تي تون ڪر چڙهڻ جي، آس آهي مون معافي ملڻ جي،
وائي ڪر ڪا ورڻ، سڏڙا سڻ، عيب ڍڪي تون سڀ اگلايون.

6. شان سنجاڻج سوڍل پنهنجو، ’ضامن‘ سرور شاهه آ منهنجو،
پاڻ ئي ڪجان پرڇڻ، سڏڙا سڻ، جلدئي ورچون پوءِ ورهايون.

13 جولاءِ 2010
اگارو

## ڪافي 136

ٹلھہ: حیلا کران مئین ھزار، مئڈا یار، رانجھن سائین چاڻ کي آیا.

1. چال چوچڪ دي نہ ڪوئي چلسي، ماھي مئڈا مئکون ملسي،
جنھن دا پچان پئي پار، مئڈا یار، جوڳي بن جنھن آپ لڪایا.

2. رانجھن تاج تخت دا والي، عزت جنھین دي اصلئون عالي،
سمجھو تسان سؤ وار، مئڈا یار، موليٰ جنھن دا مان وڈایا.

3. قئدي دي ھن ڪم اجوڑي، لوڪان وچ جو گھتي وچوڑي،
تنھن ڪون ڪرڻ سنگسار، مئڈا یار، پیر اٹان تنھن آکي پایا.

4. حال مئڈا وچ ڪوئي سڻائي، رانجھن ڪون پیغام پڄائي،
سڻ ڪي لھسي سار، مئڈا یار، ناتا مئن جنھن نال نپایا.

5. کیڑي نال سو مور نہ چڑسي، آپ ئي آکي ’ضامن‘ پئوسي،
ٹیسان باغ و بھار، مئڈا یار، ھوسي مئڈا بخت سوایا.

30 رجب 1431ھ 13 جولاءِ
2010ع

اڱارو $11^1/_2$

## ڪافي 137

**ٿل: راڻا ڇڏ تون رنج رسامان، ريت رسڻ جي تو نہ جڳائي.**

1. سپ ميارون آهن مونڏي، پاڻ سنجاڻي بخش سيئي سي.
ڪاڪ تي ڪرهل اڇج ورائي.

2. ڪاڪ ڪوماڻل تو ڪان سوا آ، مومل جي ٻي ڪا نہ پوا آ.
مهريءَ ڪي اچ هٿ موٽائي.

3. تنهنجي رٺي جڻ لوڪ رسي ويو، آهيان اڪيلي وس نہ هلي ڪو.
قياس ڪري وچ پاڻ پسائي.

4. وهم آهي جو سپ وڃايان، حيلا هلائي هوند پرچايان.
مولٰي جيڪر تو سان ملائي.

5. پرچي اچ تہ ماڙيون مرڪن، مرشد آهي منهنجو 'ضامن'،
پيال ڪري اچ پاڻ پلائي.

13 جولاءِ 2010
اڱارو

## ڪافي 138

ٿلهه: ڏينهن اٿان هئين تون ڏون چار، غفلت وچ ول ڪوهه گذارين.

1. اٿان مسافر تي هئين آيا، اپڻا سمجهين سو ديس پرايا،
هر پل دي وچ رهه هوشيار.

2. ڪيتئي هر هر ڪم اجائي، سستي وتدا سر تي چائي،
پسيئي ڪڏهان نه اپڻا پار.

3. خيال چڱائيءَ ڏي ڪجهه ڪر تون، خوف خدا دا دل وچ ڌر تون،
قالوبليٰ دي نه قو٘ل وسار.

4. جنهندا آهين اوئي اؤنسن، آڪي تئڏا ’ضامن‘ پؤسن،
تنهن دم تيسين باغ و بهار.

14 جولاءِ 2010ع 1 شعبان 1431ھ اربع
25: 4 مڪان تي لکڻ شروع ڪئي

گهر مڪمل ڪئي مني ڪلاڪ ۾

## ڪافي 139

ٽلهه: ڏيان ذرو ڪجهه ڌار، مسافر، آهين هتي مهمان.

1. وطن پنهنجو تون ڪيئن وسارين پنهنجا قول ڪيل نہ پارين،
تن ۾ رک ڪا تار، مسافر آهين هتي مهمان.

2. پاڻ پنهنجو ٿو ڪيئن پڏائين، ڏس هت ڪن جو تون ٿو سڏائين،
نسل پنهنجو تون نهار، مسافر، آهين هتي مهمان.

3. واٽ مليل جا وٺ تون سائي، ڪر نہ هتي ٻي ڪار اجائي،
پرت تون پلپل پار، مسافر، آهين هتي مهمان.

4. جن جو آهين تن ڏي تاڻج، وهم ذرو نہ دل ۾ آڻج،
سي سگهڙي لهندئي سار، مسافر، آهين هتي مهمان.

5. منجهہ مَ موڳا چاڻ ڪِي ايندا، 'ضامن' پيئي نال سي نيندا،
ٽيندين باغ وبهار، مسافر آهين هتي مهمان.

12 صفر

16 جنوري 2011،
سومر رات ستارام پپيل جي دعوت تي
محفل هلندي

## ڪافي 140

ٿلهه: دل ٿي گهري هن دم، اج ڪي عيدون ٿين،
اج ڪي عيدون ٿين، مونسان محب ملن،
مونسان محب ملن، سيئي لڙ لهن.

1. ويٺا وجي جي آهن وساري، تن ڪي دل ٿي ساريو ساري،
واڳ وري شل اچن سي واري، پاڻ اچي پرچن،
پاڻ اچي پرچن، اج ڪي عيدون ٿين.

2. پرت وجان شل تن سان پاري، جن جي لڳيس آئون لاري،
جاڻ ڪي آيا اهي اوتاري، سگهڙي سار لهن،
سگهڙي سار لهن، اج ڪي عيدون ٿين.

3. اهنج سهنج سڀ تڏهن ٿيندا، پرچي جڏهن پاڻ سي ايندا،
ڏيهه مبارڪ ان دم ڏيندا، واهوا رنگ لڳن،
واهوا رنگ لڳن، اج ڪي عيدون ٿين.

4. سيئي هتان آزاد ٿي ويندا، ’ضامن‘ هوندا زور جني جا،
سرها اهي ساٿيه ۾ ٿيندا، مهند به سي مرڪن،
مهند به سي مرڪن، اج ڪي عيدون ٿين.

20 جنوري 2011ع 14صفر
رات محفل هلندي ڪلاڪ ڪن ۾

## ڪافي 141

تل: صبح شام تون مدام، ڪر پچار خدا جي،
رکج يار هر وار، تن ۾ تار خدا جي.

1. اها تات وائي وات، ڏينهن رات رکج تون،
ڏسيل جيئن ڪجان تيئن. سا گفتار خدا جي

2. پليا ڪي آهن جي تني ڪي ئي چڙي ڏي،
متي تن سڀ چون آ ميار خدا جي.

3. ساڻ زبان سي بيان، ڪن تا شان صبحاني،
واهه واهه ڪن ساراهه، منجهه سنسار خدا جي.

4. پسي پار پون يار، منٺار ’ضامن‘،
پوءِ هر ويل تن سويل، ٿئي سنيار خدا جي.

22 صفر 1432ھ
27 جنوري 2011
خميس شام

## ڪافي 142

تلهہ: هنجهہ ٿو چوائين هِتِ، پوءِ چو رکين ٿو چاهہ چڻ سان.

1. آهي انهن جو شان نرالو، جن جو سڏائين هت ٿو نالو،
سوجهي رک ڪا سرتِ ويهندين اڳيان ڪيئن تون تن سان.

2. پاڻ اندر ۾ پاءِ ڪا جهاتي، تہ لنئون تو آهي ڪن سان لاتي.
کهڙي ڪئي تو ڪِرتِ هُت پوءِ هلندين ڪيئن هنن سان.

3. پاڻ بنائج لائق تن جو، جڳ ۾ چوائين تون ٿو جن جو،
پار ڪا پوري پِرتِ، تو نہ جڳائي قرب ڪنگن سان.

4. سڏ سان سيئي ساٿي ٿيندا، هت سي ڪڏهن ڪين ڇڏيندا،
پڪ سان پرندئي پَتِ، هلڻ ڇڏي ڏج ٻيهر ٻگن سان.

5. پڪ سان پڪو جن هوندو ’ضامن‘، لهر نڪو پوءِ لوڏو ڪو تن،
تن کي ڏسو جي تِتِ ان جو کهڙو ڪم ٻين سان.

23 صفر 1432ھ

27 جنوري 2011
مکان تي،
جمع جي رات محفل هلندي

## کافي 143

ٿلهہ: هوئي راضي مئين نال ماهي، مئکون غرض نہ کنهن دي کائي،

1. هي شان جنهين دا اعليٰ، اهندا بخت بلند هي بالا، مئين تان ڳالهہ سچي هي سڻائي.

2. مئڏا ياڳ هي سرس سوايا، مئن چاکر جنهندا چوايا، اتان سرک ملي هي سوائي.

3. جو محب مئڏا موچارا، جتان لوک هي نمندا سارا، رکي نال سو سنجهہ صبحائي.

4. سڄ آزي مئڏي آؤسي، اتان آکي 'ضامن' پئوسي، يل لچ کرن پي لچائي.

14 مئي 2011ع 10 ربيع اسخر 1432هه
چنچر 6: 10 بجي اڏ مني ڪلاڪ ۾

گهر لکيم

## ڪافي 144

تلهہ: هَئين ڏينهن اٿان تون چار، رهہ هر پل وچ هشيار.

1. اي نفس ندورا نئسئي، ويل ويل نہ واپس آئسئي،
پڇي هٿ پيا مليسي يار.

2. جو ڪرڻان اٿئي او ڪر تون، رک خوف خدا دا اندر تون،
نہ تہ ملسئي اڳنان ميار.

3. جتان وقت وڃائين اجايا، اوهي مورهين ماڳ پرايا،
نکي اپڻان وطن وسار.

4. جو رکي اندر وچ ٻيائي، ڪر تنهن نال پيي تون پلائي،
او آ پئي ٿيسي خوار.

5. تئڪون ملسي تئڏا ماهي ڪنهندي ڪاڻ نہ ڪيِ تون ڪائي،
پئسئي 'ضامن' او منٺار.

14 مئي 2011ع 10 جمادي
اسخر 1432ھ
چنڇر 50: 10 بجي گھر اڌ مني
ڪلاڪ ۾

## ڪافي 145

ٿل: هت پاڻ ڇو پنهنجو پڌائين، تون تہ موڳا مسافر آهين.

1. ڏس ڪيئن ڪٿان آهين آيو، هيءُ ماڳ تہ آهي پرايو،
پوءِ مالڪ ڪيئن ٿو سڏائين.

2. ڇو آهين منڌو ڪري منهنجو، هت ڪجهہ نہ آهي تنهنجو،
هيءَ ڳالهہ هئين سان هنڊائين.

3. جو آئونءَ ۾ آهي اڙيو، سو تہ ڏيهہ اصل مان تڙيو،
تيئن خلق نہ هت تون ڪلائين.

4. تون چاهج سڀ جي ڀلائي، ڀل من ۾ رکي ڪو مدائي،
متان پنهنجو وقت وڃائين.

5. هل ڏيان تون هرهر ڏاري، ايندو پاڻ پرين سو اوطاري،
ٿو چاڪر جنهن جو چوائين.

6. اڇي پنهنجو پاڻ ٻَلائي، ويندا ’ضامن‘ پيئي ڇڏائي،
ٻيو ٻولو متان تون پائين.

14 مئي 2011
چنچر

## ڪافي 146

ٿلِ: عمرڪوٽ ۾ هيءَ ڳٽتي ٿي ڳاري، ڪري ڏارڏاري ڇو ويٺا وساري.

ڀلا ڇو نہ منهنجي ڪا واهر ڪيائون، اُتان ڪان ڪو ماڻهو نہ موڏي مڪائون،
ڏسي جنهن ڪي دلڙي وهان ها
ڏتاري.

وساري وهان ڪيئن ڀلا آئون اباڻان. منگهامرت مڪٽيون للرلنب لاٽان،
ڪري ياد هرهر وهان آب هاري.

نڪائي مڪائون ڪا ڏونئرن جي ڏوئي، ڪٽيم ڪيئي راتيون هتي روئي روئي،
ڇڏي قئيد جڻ آهي جيئري ئي
ماري.

آهن مير منهنجا سي مارو موچارا، اڏيل عرش ۾ جن جا آهن اوطارا،
اصل ڪان ئي آهيان. پيئي ان پناري.

جتي جام آهن ڀاڳين جا ڀاڻان، ڏسان شل وڃين ات سي ڏوٿي ڏاڏاٽان،

رکي ست ستي شال وڃان پرت
پاري.

اتم پڪ اهائي اباڻان سي ايندا، پيئي منهنجا ’ضامن‘ وٺي نال نيندا،
ڏکيا ڏينهن پوءِ سي، ڇڏيندس
وساري.

15 مئي 2011
آچر، مڪان تي

## ڪافي 147

ٿلِ: عمرڪوٽ تنهنجو ڪڏهن نيٺ ڪرندو، سڏائو سکن جو وري واءُ ورندو.

1. اباڻن ڏي آئون ويندیس نيٺ موٽي، ڪٿي ڪين سگهنديس تو جا جنگ جوٽي،
اچانڪ ئي اهڙو ڦيرو ڪو ڦرندو.

2. انهن جا آهن جت پيلا پاڳ پاڻان، سوائون سدا ات ڏهن تا ڏاڏاڻان،
اتي چاهه مان آ سندن مال چرندو.

3. ڪڙولن ۾ قابو ڪئي قئيد تو آ، ڪري جلد واهر وڳر سان گڏيندا،
نکي نيئر ۾ ساهه منهنجو نڪرندو.

4. وچن جيڪي آهن مارن ساڻ منهنجا، هتي قئيد ۾ سي ٿين شال سنهنجا،
ڪيل قول منهنجو سو پڪ ساڻ پرندو.

5. آهيان جني جي سي ايندا اباڻان، وٺي پاڻ سان مون گڏيندا اباڻان،

پيئي ساب منهنجو سگهو سوال سرندو.

6. جني جوئي اصلئون آهي شان اعليٰ، ’ضامن‘ پئي سي اجها ٿيندا اولا،
ملي تن کان سوئي، جوئي جيڪو گهرندو.

16 مئي 2011
اڱاري رات

## ڪافي 148

ٿلهہ: ٿين تنهنجا بخت جيڪر ملئي صحبت فقيرن جي،
رکج تون دل اندر هردم مئي محبت فقيرن جي.

1. نماڻون حال آ جن جو خوديءَ کان سي رهن خالي،
نمائي جي هلن سرڙو اها عادت فقيرن جي.

2. نوازش جي نظر کن جي، ڇڏن تقدير بدلايو،
ملي توکي بہ ڪا اهڙي، گهڙي ساعت فقيرن جي.

3. رهن راضي رضا تي جي، رکي مالڪ سندن مرضي،
ذکر جو کن ذخيرو ٿا، اها دولت فقيرن جي.

4. ٿين سڀ ڪم سندئي سَوَلا، نکي پرواهہ ڪي ڪنهن جي،
سدائين روح ۾ رک تون، چڱي چاهت فقيرن جي.

5. نسب پنهنجو نهاري ڏس، ٿو هٿ سڄين فقيرن جو،
مبارڪ باد آ تو کي، ملي نسبت فقيرن جي.

6. اٿئي ’ضامن‘ سرور شاهہ، جو آسرواڻ فقيرن جو،
ڪندو سڀ معاف موليٰ ات، ڪيل پارت فقيرن جي.

11 جمادي الثاني 1432ھ
22 مئي 2011
آچر

## ڪافي 149

تلھ: چڙي ڪم قرب مان ڪاهي، زيارت ڪر فقيرن جي،
هوئي همراهي هر پل ۾، هتي هر هر فقيرن جي.

1. ملي جا ورچ اتان ڪان آ، وري تنهنجي طلب آهي،
ٿئي سا ٻاجھ ٻانهي تي، اچي ٻيهر فقيرن جي.

3. بظاهر حال اٿن هيٺو، رسائي عرش تي ان جي،
ملي منزل پئي ڪنهن تي، نظر جيڪر فقيرن جي.

4. اگر هردم هتي چاهين، خدا کي تون رکڻ راضي،
تہ پوءِ دل ساڻ ڪر خدمت، هلي هيڪر فقيرن جي.

5. ڳٽتي تون نہ ڪر ڪائي، فقير آهي سنڌئي ’ضامن،
ڏسيل جيڪا اتان آهي، ڪجان سا پر فقيرن جي.

22 مئي 2011 آچر
مڪان تي

## ڪافي 150

ٽل: حق مٿي هلندا هلو، رستو سڌو وٺندا هلو.
پڇي ويندئو پوءِ ماڳ تي.

1: ويري اوهان جو آهي جو، ان سان اوهين وڙهندا هلو.

2: نفس ندوري ڪان بہ هٽ، هرگهڙيءَ بچندا هلو.

3: مرد مولیٰ جاجي ٿيا، تن سان هلي ملندا هلو.

4: چاهيو ڀلائي سڀ جي، نيت سٺي رکندا هلو.

5: پاڻ پڏايو ڪين ڪي، نياز منجهان نمندا هلو.

6: ’ضامن‘ آهن جي پيا، تني چئي لڳندا هلو.

23 مئي 2011
سومر

## ڪافي 151

ٿلهہ: ڪيئن ڪريان ڪنبندي وڃان، پنهل پنهنجو پڇندي وڃان،
من واهر ٿئي سو واٽ ۾.

1. ٿا مرو سڄڻ هن ملڪ ۾، ڏيل اندر ڏڪندي وڃان.

2. نانگ بلائون چؤطرف، تن ڪان پئي ڊڄندي وڃان.

3. آهيان اڪيلي اُٺسونهي، رئندي ۽ رڙندي وڃان.

4. سفر سٽائو من ٿئي، اها دعا گهرندي وڃان.

5. ’ضامن‘ پنهنجي جي ڪري، بگهڙن ڪان بچندي وڃان.

23/05/2011
سومر ڏينهن

## ڪافي 152

ٿلهہ: ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي ڪر، ٿيندئي سهنجو پوءِ سفر

1. ويهي ڇو ٿو وقت وڃائين، پوءِ متان هٿ تون پڇتائين.
ناهہ ٿلها ٿو ناهيو ناهين، موڳا ڪر مَ مڪر.

3. هٿ جو ملندئي سودو سهانگو،مُلهہ آ تنهنجو اڳيان مهانگو
سر جو هتي تون لاهي سانگو، وڃ اهوئي وڪر.

4. جيڪو تو سان ڪري ٻيائي، تنهن سان ٻي تون ڪجان ڀلائي.
عادت ڪر تون يار اهائي، سڪ جو ڪٽج ثمر.

5. نفس نڊ وري ساڻ لڙج تون، ويريءَ سان هٿ خوب وڙهج تون.
وڃ تان واپس ڪيمَ ورج تون ڏيکين پوءِ دلبر.

6. ’ضامن‘ ڪج ڪو يار سگهارو ان ڏاران ٻيو ناهي چارو.
حال ڪجان پوءِ تنهن سان سارو، ساٿ ڏيندئي سرور.

4 جنوري 2012

# ڪافي 153

ٽل: نچ ڙي نا چونچ، نچ نچ نچ ڙي ناچونچ، ٻارج محبت جا ڪي مچ.

1. جيئن نچائن تيئن تون نچجان، آڏو پاڻ نہ هرگز اچجان.
پروانو ٿي پڙ ۾ پچجان، رمز انهي منجهہ رچ.
نچ نچ نچ ڙي ناچونچ.

2. واٽ مليل جا سائي ونج تون، پورا هرگز ڪيمَ پلج تون.
ڪوڙ ۽ ڪلفت ڪوري ڪيج تون، سڀ ڪي چئجان سچ
نچ نچ نچ ڙي ناچونچ.

3. ونجان نچي هت يار ريجهائي، پنهنجو ڇڏتون وجود وڃائي.
ميلا محبت جا ڪي مچائي ڪوڙ ڇڏي سڀ ڪچ.
نچ نچ نچ ڙي ناچو نچ.

4. ’ضامن‘ تنهنجو آهي سرور، پرچي تو سان پوندو پرور.
پوءِ پل هام هڻي تون هيڪر، اڳيان سپن جي اچ.
نچ نچ نچ ڙي ناچونچ.

4 جنوري 2012

## ڪافي 154

ٿلهہ: متان تون پولڙي پلجان، نچي مالڪ ڪجان راضي.
ڏٽي راضي رهي جيڪر، ڪتا پوءِ چا ڪندا تازي.

1. ڏسيل گر سڀ سڪج ساري، نچڻ ۾ جي نيشانبر ڪن.
نمائي نياز مان سرڙو، ڪجان هردم پيئي آزي.

2. آهين تون پولڙي پوري، رهين ويرين سندي وچ ۾.
ڪدي ڪلفت چڏج ڪينو سدائين رک صلح سازي.

3. هلائي هٿ سندي مرضي، مقابل ٿيون جي مالڪ جي.
ڪتن ڪئي ڪارتن ڪهڙي، سڪج سو تون منجهان
ماضي.

4. مليو ’ضامن‘ اٿئي اهڙو، نہ الڪو ڪو ڪرڻ گهرجي.
چٽا تنهن جي وٽي دامن، پناري جي پيا پازي.

9 صفر 1433ھ
4 جنوري 2012

## ڪافي 155

ٿلهہ: آهين تون پولڙي پوري، نچائن جين پيئي نچجان،
وٽي مالڪ سندي مرضي، امر ۾ هر گهڙيءَ اچجان.

1. سندئي ٿو ڏور جو ڏوري، تيڏانهن چرجان جيڏانهن چوري،
گهمائي جي گهٽيون گهوري، اهائي واٽ تون وٺجان.

2. ٽيا دشمن نٽا چاهن، ٺلها سي ٺاهہ پيا ٺاهن،
ڪتا هٿ ڪئين لڪل آهن، انهن بگهڙن ڪنان بچجان.

3. ڪتن جو خوف آ تڏهن، ڪچايون هٿ ڪيئي جڏهن،
پڏايئي پاڻ جي ڪڏهن، هتي پوءِ هٿ پيئي ملجان.

4. پيو ’ضامن‘ اٿئي اهڙو، انگل تون ڪر پلي کهڙو،
آ حامي هر گهڙيءَ ٽيڙو، چٽي سا ڳالهہ پل چئجان.

10 صفر 1433ھ
5 جنوري 2012

خميس مڪان تي

## ڪافي 156

ٿلهہ: ٿِل: پنهنجي پاڻ سان ڪر انصاف، رک تون سينو سدائين صاف

1. ڦند ڪريو ٿو فقير سڏائين، عمل جي پاسي مور نہ آهين
ڪوڙا هٿ چو ڪوڙ ڪمائين لڄ هٽج نہ لاڦ.

2. ابتو جيڪر ڪو ڳالهائي، واتان چئجان ڪجھ نہ ورائي.
سڪ سيني ۾ رکج سمائي، ٻاهر ڪڍج نہ ٻاڦ.

3. ڪنبيو هردم ڪرتون آزي، رهبر تڏهن ٿيندا راضي.
ڪيندا پاڻ ڪچايون قاضي، ڏئي غلطين مٿان غلاف.

4. جن جو آهين اهي ئي ايندا. هٿ سي ڪڏهن ڪين ڇڏيندا.
’ضامن‘ پيئي نال سي نيندا. ڪندا مدايون معاف.

12 صفر 1433هہ
7 جنوري 2012
چنيچر

## ڪافي 157

اسين ميلا محبت جا، مچايون پيا مچايون پيا.
نچي نروار تي ناچو، نچايون پيا نچايون پيا.

1. ڪري ڪوشش ڪتا ڪريون، ڪٿان ڪي محبتي
ميڙي،
اهي هٿ روز رمزن ۾ رچايون پيا رچايون پيا.

2. رڳو دنيا ۾ آ دوکو آهي ڪلفت پيئي ڪاهي،
انهيءَ کان پاڻ پنهنجو هٿ بچايون پيا بچايون پيا.

3. ڳٽڻ ڪان جي آهن گهٽيون، پيا چوندي اهي يارو،
ڪيون هردم هتي پنهنجيون ڪچايون پيا ڪچايون پيا.

4. ٿيا جي مرد مولىٰ جا، هتي جي ڳائجن تن جون،
سڻون ثابت اسين سيئي، سچايون پيا سچايون پيا.

5. آهي ’ضامن‘ سندن جوئي محب منٺار سو مليو،
تڏهن ئي پاڻ پڙ ۾ هٿ، پچايون پيا، پچايون پيا.

13 صفر 1433ھ
8 جنوري 2012
آچر، محمد دين جي دعوت تي

## ڪافي 158

ٿل: آهيون اپرا ۽ اڻڄاڻ اسين. وٺيو تنهنجي وتون پيا اڙ اڙ،
ڪريو محب مٺا مسڪين مٿي، اج واري وري ڪي وڙ وڙ.

1. مٺ تنهنجو سڄي ٿو ڪونہ ڪٿي، ٻلي ڪوئي ڪٿي ڪا ڪٿ جي ڪٿي،
ايندا ڪيئي اڃيا ٽڙ تنهنجي مٿي؟ ڏيندا تانگهہ جتي پيا ٽڙ ٽڙ ٽڙ.

2. جو ويري اسان سان روز وڙهي. ڪنهن پل بہ ڪڏهن ڪين مڙي،
ڪريو چوٽون چوٽان چوٽ چڙهي، تنهن لچ سان تون ئي لڙ لڙ لڙ.

3. ڪائي بہ ڪمائي ڪانہ ڪيم، هت غفلت ۾ سڀ وقت ويم،
ڪجهہ ٽٽل ڦٽل جي عمل اٿم. ڪريان ڪيڏانهن هتي سا هڙ هڙهڙ.

4. جي ڪنهنڪي نٽي سڏ ڪائي پئي، سوڀي ڪي نہ ڪوئي ڏوهہ ڏئي،
جنهن ڪي جيئن وٽي سو تيئن چئي، پل ڪوئي ڪري پيو ٻڙٻڙ ٻڙ.

5. هتي ’ضامن‘ پيئي بچائج تون، اچي پنهنجو جلوو پسائج تون،
ٽيا دشمن جيڪي دسائج تون. ڪري ڪڙڪو تني تي ڪڙڪڙڪڙ.

9 ربيع الاول 1433هہ
1 فيبروري 2012
خميس رات، مڪان تي

## ڪافي 159

ٿلهہ: مٺان موڳا منجھين هيءَ مهل اٿئي، اٿ رمزرنديءَ ۾ رچ رچ رچ.
جي نچڻ سان ريجھي يار پوي،پل ناچوٽي پوءِ نچ نچ نچ.

1. لاهِ قلب مٺان تون ڪٿ ڪٽي، وٺ وحدت واري وٽ ڪٽي.
جهل جهول اٽي جهٽ پٽ ڪٽي، ٻيون ڳالهيون ڇڏي سڀ ڳچ ڳچ.

2. جي تنهنجي قبول ڪا ڪار ٿئي، هت راضي تو سان يار ٿئي.
پوءِ پڪ سان ٻيڙو پار ٿئي، وڃي ڪوڙ ڪپٽ سڀ ڪچ ڪچ ڪچ

3. جي دنيا ۾ هن اڙجي ويا. سي ڪابو تنهن ۾ ڪڙجي ويا.
جيءَ جان سان ان ۾ جڙجي ويا. تون بيشڪ تن ڪان ٻچ ٻچ ٻچ

4. ڳڏ مرد جي تو سان مور اٿئي، ۽ ’ضامن‘ تنهنجا زور اٿئي.
پوءِ الڪو نہ ڪوئي اور اٿئي، هيءَ ڳالهہ سڄي آ سچ سچ سچ.

9 ربع الاول 1433هہ

2 فيبروري 2012
خميس، مڪان تي

## ڪافي 160

ٿلهه: وري ڪالهه ڪونجن، روئاريو هتي، وطن ڏي ورڻ لاءِ پڪاريو هتي.

1. وساري ڇو ويٺئين تون پنهنجو وطن، اتئي يار فاني هيءُ سارو چمن،
سبق سڪه جو تن آ سيکاريو هتي.

2. ڇيمر ڇو اوهين هت لڳايو، نه دل ڇيائون نه آهيو اسين بي عقل،
اوهين ڪيئن ٿا غافل ٿي گهاريو هتي.

3. ڪٿي ڪان ڪيئي ٿا ماري گهمن، اهي ماڳ موٽن جي تن ڪان بچن،
ڪيل قول جن آهي پاريو هتي.

4. اسين ڪوڙ ڪلفت نه ڪينو رکون، پڪي پاڻ ۾ پريت اهڙي اٽئون،
اوهين به ائين ئي گذاريو هتي.

5. هتي ڪانه ڪائي ڪمائي ڪيم، تڏهن به سگهارو آ 'ضامن' مليم،
انهيءَ آسري مون جياريو هتي.

11 شوال 1433هه
30 آگسٽ 2012
خميس

## ڪافي 161

ٿل: وٺو ملڪ مارن جو آهي ملير.
انئي پهران ڪي ٿو ساري سرير.

1. لايا ڪيل ڪنوٽين آهن اڄ اتي،
آئون بند ۾ آهيان بيوس هتي،
وهايان ويچاري ٿي نيڻن مان نير.

2. لڏي سار سانگين نہ منهنجي وري،
انهن آسري هت جيئان پئي مري،
آهي هر گهڙيءَ هت انهن جي اڪير.

3. اچي شال اڄ ئي ڪو اوٺي اتان،
ويهي سارو احوال انڪان وٺان،
سٽي حال تن جو اچي دل کي ڏير.

4. هجن شال مارو سکيا سڀ اتي،
آهن باغ جنت جا اعليٰ جتي،
اچي شل اتائين ٿڏي هت ڪاهِير.

5. اچي مان منهنجا سي 'ضامن' پون،
ڪَڏي قئيد مان مون وٽي سي وڃن،
ٿيان جلد آزاد پڪاريان پئي پير.

12 شوال 1433هه
30 آگسٽ 2012
جمع رات جي محفل ۾ برسات هلندي
مڪان تي

## ڪافي 162

ٽل: اچو ڪي پاڻ ۾ ڪريون، سرور شاهه جون ڳالهيون،
وهي جت فيض جي وادي، انهيءَ درگاهه جون ڳالهيون.

1: ڪيئين جن ۽ ملڪ خادم نمن جت نانڪ سرنايو،
تهين مرشد مٺي منهنجي شاهنشاهه جون ڳالهيون.

2: ٺٺي سڌ ساڻ جو ساٿين، اچيو اڳلن اٻوجهن سان،
هڪل سان جو ٺٺي حامي، انهيءَ همراهه جون ڳالهيون.

3: نظر سان ماڻي جنهن منزل، ٿيو روشن سندس نالو،
انهيءَ منٺار منٺڙي ۽، سندس فقراهه جون ڳالهيون.

4: هزارين ٻيا ٻه ٿيا اهڙا، جهڪن پيا ڏيهه جن اڳيان،
سڄي جا هاڪ ملڪن ۾ تهين واهه جون ڳالهيون.

5: آهي 'ضامن' سندم سوئي، ڪڏهن پرواهه ڇو ڪنهن جي،
ڏسيل تنهن جون ويهي ڪريون، سرت ساڃاهه جون ڳالهيون.

23 جولاءِ 2013
اڳارو مڪان تي

## ڪافي 163

ٿل: اڄهو ڄاڻ تنهنجو هتي ڄاڻ آيو.
اها ڄاڻ ڄاڻين نہ ڄاڻو چوائين.

1: جيڪي ڄاڻ ڄاڻن وڃين ويهہ تن وٽ، تراري ۾ ترندا پڇج سي پڪاوٽ.
سڳو سڪ جو ساڄهر ويهي اتي وٽ، متان پورا پلڄين ڪو پولو نہ پائين.

2: آهن مرد اهڙا نہ جن جو سڄي مٽ، وڃين پيءُ پيالو تون تن جي منجهان مٽ
لڪل واٽ تي ويري تڪڙو تتان مت، متان پير پوئتي ڪنهن پل تون پائين

3: ڪڏهن ڪم نہ ايندئي پٽيهر هتي پٽ، اتي هاڻ پنهنجيون پوريل اکيون پٽ.
ملئي ڪٽ تي يا ٿو ويهين متي پٽ، ايندئي ڪم ڪمائي هتي جا ڪمائين.

4: چنو پاڻ پنهنجو آٽي اڳيان رک، اٿس گل گلابي يا اڏري پئي رک.
رهين تڏهن سنرو ڏسيل جي ڪرين رک، مليل واٽ جيڪا متان سا پلائين.

5: آهين ڇا تون هاڻين ڇا تون هئين پر، وڏن جي ويهي هٽ پختي ڪجان پر،
آهن زور ’ضامن‘ لڳل جڻ اٿئي پر، الڪن ڪان آجو هتي رهہ سدائين

11 رمضان المبارڪ 1434ھ
21 جولاءِ 2013
آچر

## ڪافي 164

ٿل: لائق انجي مور نہ آهين ڪيئن ٿو پاڻ فقير سڏائين

1: في فڪر جو بار آ باري، توڪي تنهنجي تِڙ نہ تياري.
هت ٺاھ ٺلها ڇو ٺاهين.

2: قاف نہ تو ۾ ڪائي قنايت، ڪيئن ٻين کي ڪرين هدايت
رڳو پنهنجو پاڻ پڏائين

3: يي سان ڪر ڪا ياد الاهي، يي يقين سان رک همراهي،
پوءِ من ڪا منزل پائين.

4: ري سان راضي يار رکج تون، پورا ڪنهن پل ڪين پلج
تون.
ڏس ڪن جو پاڻ چوائين.

5: ري سان رمز سک رندن واري، ري سان رياضت جي
ڪرتياري.
جي نہ پنهنجو پاڻ پچائين.

6: زور وارو ڪو 'ضامن' هوندئي، نيٺ چڏائي سوئي نيندئي
هت رک نوڙت نياز سدائين.

13 فيبروري 2014
جمع جي رات محفل هلندي
مڪان تي

## ڪافي 165

ٿلهہ: سنجهي مان نہ سرتيون ڪيم ڪو جتن، تڏهن جاڙ جيڏيون ڪيو تن جتن.

1. آيم نند نياڳي ٿيم ڪا نہ سار، پنهل پوءِ منهنجي لڌي ڪانہ سار،
ڏيان ڏوھ آئون هتي ڪونہ تن.

2. پسان پيئي پنهنجي پنهونءَ جا مان پار، چوان تنهن کي واعدا ڪيل پنهنجا پار،
وٺي واٺ تان هل تون مونکي وطن.

3. ڪيو ڏاڍا ڏيرن نڪو ور ۾ ور، ٻڌي واٺ تي واڪا وري مان ور،
اوجاڳيل اکيون ٿيو ويڳاڻيون وتن.

4. منڌا مر ۾ آهن ويچاريءَ جا وار، ڪاهي پاڻ ڪرهو وري تنهن ڏي وار،
جني زور 'ضامن' نڪي خوف تن.

11 شوال 1434ھ
18 آگسٽ 2013
سومر رات، محفل هلندي

## ڪافي 166

ٿل: هٿ ڪير نہ ڪنهنجو آهِ وک وڏاءِ پوک لٽي ٿو پنهنجي سيڪو.

1: عمل بنا انسان اجايو. پاڻ نہ پنهنجو پڏاءِ
وک وڏاءِ

2: سخن سچا جي چڱا چئي ويا، ثابت سيئي سٽاءِ
وک وڏاءِ

3: گرم سرد سپ سرتي سهي هٿ. پڙ ۾ پاڻ پچاءِ
وک وڏاءِ

4: بنهہ ڏس بيڪار تون آهين. تہ چڱو ڪين چواءِ
وک وڏاءِ

5: نياز منجهان هل سرڙو نمائي. هستي هوڏ وڃاءِ
وک وڏاءِ

6: محب منو مننار اٿئي جو سوئي تون سرچاءِ
وک وڏاءِ

7: 'ضامن' هٿ مضبوط اٿئي جي، چرڪين پوءِ چالاءِ
وک وڏاءِ

13 فيبروري 2014
جمع جي رات محفل هلندي
مڪان تي

## ڪافي 167

ٿلهہ: ڪمائڻ جي اٿئي طاقت، ڪمائي وٺ ڪمائي وٺ، هٿي وارو ادا پنهنجو، وڃائي وٺ وڃائي وٺ.

1. سنڀالي هل هٿي هر پل، متان آڪڙ ۾ پئين اڙجي، سڌو ڪنڌ تون هٿي هردم، جهڪائي وٺ جهڪائي وٺ.

2. مليل جيڪو آ توکي سو، سبق پختو پڙهي پهرين، سين کي هٿ ورق سيئي، پڙهائي وٺ پڙهائي وٺ.

3. هلج هوشيار ٿي هر هر، لڪل ٿئي واٽ تي ويري،
تني ڪان پاڻ پنهنجو هٿ، بچائي وٺ بچائي وٺ.

4. پُڪي جن جي آهين پيڙو، سگهارا سي اٿئي ’ضامن‘،
سٿون سيڪاريل تن جون، سٽائي وٺ سٽائي وٺ.

25 مئي 2014
آچر، مڪان تي

## ڪافي 168

ٿل: وارج واڳ اسان تي واري، سرورشاهہ سوپارو سائين سچارا.

1: چميو هٿ چشمن تي چايان، پرين سندئي پٽيزارا، لک لک وارا.

2: ٻول ٻڌل تنهنجو آهيان ٻانهون، محب مٺا منٺارا قربن وارا.

3: توريءَ ڪنهن سان ڪين جي سليان، سور سٽي سي سارا، ڪٽجئين آرا.

4: ڌهرا دان ڏيوڪي دلبر، پرين آهيون پيئنارا، ڳچيءَ ۾ ڳارا.

5: وهمن مونکي آهي ورايو، ميٺ مرض مونجهارا، پرين پيارا.

6: ’ضامن‘ پيئي نال نيومون، هي عرض ڪريان اظهارا سٽجان سارا

4 شعبان 1435هہ
5 جون 2014
خميس اڌ ڪلاڪ ۾

## ڪافي 169

ٿلھ: قاصد ڏي ڪا ڪل، مون ڪي تن ماروئڙن جي،
ماروئڙن جي، سانگيئڙن جي.

1. سُڏون ڏي ساٿيھ جون مونکي، ھن مھل ھن پل.

2. سرتا مونسان سانگيئڙا سي، جي راتوڪا ھا رتل.

3. ڪيئن نڪران ڪوٽ منجھان مان، اچي نتي اتڪل.

4. پڪ سان سي پنھنوارِ سان ٿيندا، حامي ساڻ ھڪل.

5. ’ضامن‘ پيئي ويندا ڇڏائي، مئيءَ ڪي ھن مھل.

17 ڊسمبر 2014ع، 24 صفر
1436ھ
اربع دورانِ سفر ڊاڪٽر رفيق وٽ
چانھ تي اڌ ڪلاڪ کن ۾ صبوح
جو
9 :45 تي

## ڪافي 170

ٿل: پکي ديس پنھنجي اچانڪ ويا اڏري
وطن ڏي
ورڻ لاءِ سدا رھيا سنبري.

1. ملڪ پنھنجي موٽڻ جي جن ڪي تياري.
ٿمر ساڻ تن سان ۽ سنھنجي سواري.
اھي گھيڙ اوڪا. ويندا پاراڪري.

2. ھتان ڪان ھلياسي. وريا ڏيھ واپس
پيو ڳائجن ھت رھاڻيون سندن رس.
ويا ماڳ موٽي. اثر ويل اسري.

3. غافل تي جن آ وقت ھت وڃايو.
مسافر تي تن آھي. مالڪ سڏايو.
اھي ھت مليندا ويندو وقت نڪري.

4. ھتي ھر ڪنھين جو. اچي ويندو وارو
جني ساڻ ھوندو. ڪو ’ضامن‘ سگھارو.
سٽائو تني جو. سفر ويندو گذري.

3 صفر 1436ھ
26 نومبر 2014
اربع مڪان تي

## ڪافي 171

ٿِل: پاڻ نہ پنهنجو پڏاءِ، هر پل ڏيان ڏري هل

1: ڄاڻين ڪائي ڄاڻ نہ جيڪر، خلق نہ پوءِ ڪلاءِ

2: قالو بلىٰ جا قول ڪيئي جي، ڀل ۾ سي نہ ڀلاءِ

3: هوڏ هٺ ۽ هٺ تڪبر، من تان سڀ مٽاءِ

4: ناهي تو ۾ نياز ۽ نوڙت، تہ صوفي ڪين سڏاءِ

5: ’ضامن‘ جيڪو اٽئي انڪي، حال سمورو سڻاءِ

24 صفر 1436ھ
17 ڊسمبر 2014
دوران سفر
ڀلجيءَ جي دعوت تي
عمرڪوٽ لڳ
محفل هلندي

## ڪافي 172

ٿِل: مٽيءَ ڪان ڪين مٽ ايڏو، مٽيءَ سان تون مٽي ٿيندين،
ڪرت ڪاڪر ڪمائڻ جي، اڳيان نه ته ساڻ ڇا نيندين.

1. مٽيءَ تي هت هلين ٿو تون، ادا آڪڙ منجهان اڙجي،
اپٽبي اک اتي تنهنجي، مٽيءَ مهمان جت ٿيندين.

2. مٽيءَ مان هي بٽيو بوتو، مٽيءَ ۾ ويندو سو واپس،
اتي اعمال ڪم ايندئي، جيڪا هت پوک پوکيندين.

3. اڪيلو جيئن آهين آيو، اڪيلو ويندين تيئن واپس،
مٽيءَ ڪان مانُ پوءِ ملنديءِ، مٽيءَ کي مانُ جي ڏيندين.

4. ڪري وٺ اهڙو ڪو ’ضامن‘، ضمانت ڏي پڪي جيڪو،
هوندو گڏ راهه ۾ رهبر، پڄي منزل تي پڪ ويندين.

24 صفر 1436ھ اربع
18 ڊسمبر 2014
پلجي پيل جي دعوت تي
محفل هلندي ڪلاڪ کن ۾

## ڪافي 173

ٿِل: ساٿين ٿي تون سيرمِ مونسان، ساهڙ پنهنجو پاڻ
سنجاڻ

1. مونکي وڪوڙيو آهي واڳن. ڪُن ٻه ڪڙڪا ڏاڍا تا ڪن.
حامي هيٺيءَ سان ٿي هاڻ.

2. نانگ بلائون لڪين مڇ لڏڙا. ات سڻ ساهڙ ساجهر سڏڙا
پار هي اڪري اچان مهراڻ.

3. ڪچو گهڙو آ ڪرم ۾ آيو. راهه ۾ رس ڪر سانگ
سجايو.
هوئج هر پل هت مونساڻ.

4. واٽ ۾ ويرين آهي ورايو. ’ضامن‘ پيئي اچي ڇڏايو.
ترت مدد ڪا تڪڙي آڻ.

25 صفر 1436ھ

18 ڊسمبر 2014
خميس درگاهه عاشق پير تي
محفل هلندي

## ڪافي 174

ٿلهه: وسن سڀ ولهار مارن جا، رحم ڏٺي رحمان ڪجائين.

1. سکيا رهن ساٿيهه ۾ سانگي، ڏڻ ۽ سيپيئي ڏنار، مارن جا.

2. اوٺي جيڪو اڇي اتائين، ته پڇان تنهن کان پار، مارن جا.

3. قئيدن ۾ آئون ڪنهن سان ڪريان، ويهي هت ويچار، مارن جا.

4. سانگيئڙن کي ڪو ڪو سنجاڻي، آهن عجب اسرار، مارن جا.

5. پون ضعيفن جا سي ’ضامن‘، واهه ڏسو وهنوار، مارن جا.

25 صفر 1436هه 18 ڊسمبر 2014ع
خميس دورانِ سفر عاشق پير تي
جمال الدين جي محفل هلندي 25: 3
ڪلاڪ

ڏيڍ ۾ اتي ئي ڳايو ٻہ ويو.

## ڪافي 175

ٿلِ: روئن اکيون جيئن زارو زار. ڪيئن پڃي ات سانوڻ سگهندا.

1: رهن ٿيون محب ملڻ لاءِ مانديون. حيلا هٿ سي ڪرن هزار.

2: آب وسائن تيئن ٿيون هرهر. جيئن بادل برسي ڪن وسڪار.

3: موسم مند سي ڪين ڏسن ٿيون. لڙڪ وهائن هرپل لار.

4: آس وندين جون آسون پڄنديون. سڄڻ سگهي تن لهندا سار.

5: روئڻ تڏهن ويندن رڪجي. محب جڏهن ملندن منٺار.

6: ’ضامن‘ جي سي جڏهن ملندا. ٿينديون تنهن دم باغ و بهار.

26 صفر 1436هہ
19 ڊسمبر 2014
جمع رات محفل هلندي

## ڪافي 176

ٿِل: هرپل رهه هوشيار، متان تون راهه ۾ رڪجين،
راهه ۾ رڪجين، ڦورن ڪان ڦرجين.

ٿلهه: لايو هِت مالڪ سان جن من، تن کي ڪين ڪندا ڪجهه رهزن،
سي پڄي ويندا پِڪ پار، متان تون راهه ۾ رڪجين.

1. ڪيئي لڪل ٺڳي واٽ تي ويري،ڪٺج پڪو ڪو پاڻ سان پيري،
جيڪو ياري نباهي يار، متان تون راهه ۾ رڪجين.

2. ويري هڪ تو ساڻ ٻه آهي، نفس ندورو جو ٺو چوائي،
تنهن کي ماريو پيو مار متان تون راهه ۾ رڪجين.

3. ٺمر ڪٺج تون ساري سارو، راهه ۾ ونڻون پوئي نه اڏارو،
سرت سان ڪر ڪا سنڀار، متان تون راهه ۾ رڪجين.

4. اڳيان چڪاس ٻه ڏاڍي آهي، سي سڀ شناخت پڇندا ٺاهي،
رک تن لاءِ جواب تيار، متان تون راهه ۾ رڪجين.

5. جي ’ضامن‘ اٺئي طاقت وارو، ته ڏيئي ضمانت ڏيندو سهارو،
سو حامي هوندو هروار، متان تون راهه ۾ رڪجين.

28 صفر 1436ھ آچر
21 ڊسمبر 2014 ع

## ڪافي 177

ٽِل: آهن جي مئيءَ جا مِٽ، ڪڏهن هت ڪين ڇڏيندا،
ڪين ڇڏيندا پاڻ سان نيندا.

ٽلهه: ساڳ سنگر ڏوٿين جا ڏئونرا، ياد پون ٿا چاهه مان چئونرا،
تن چئونرن تي جي چِٽ سي وسري مور نہ ويندا.

1. قئيد ۾ گهڙيون پيئي ڪٽيان، محلن سان سي مور نہ مٽيان،
سي پونگا مٽي جي پِٽ ٿاڪ سندم تر ۾ سي ٿيندا،

2. ڪرتون عمر آزاد اِتائين، پوءِ متان هت تون پڇتائين،
ڪڻ نہ پنهنوارن پِٽ نہ پوءِ سي معافي ڏيندا.

3. سانگيئڙا تو تون نہ سڃاڻين، پهچ تني جي ڪين تو جاڻين،
هت ڪيتو ڦتو ڪر ڪِٽ سٽي احوال سي ايندا.

4. واهر منهنجي ٿيندا وسيلو، ان ڌاران نہ هلي ڪو حيلو،
جن سبق پڙهايو سِٽ، اچي سي ’ضامن‘ پيندا.

28 صفر 1436ھ آچر
21 ڊسمبر 2014 ع

## ڪافي 178

ٿِل: گهر گهري ڄاڻين اگر تون پر جتان پئينار ٿيا،
جن گهري ڄاتو گهٽو سي ڏيھ ۾ ڏاتار ٿيا

1: پاڻ پنهنجي کي پروڙڻ لاءِ پتوڙڻ پاڻ پئي،
پاڻ پنهنجو جن پروڙيو، نام تن نروار ٿيا.

2: ڄاڻ تون ڄاڻين اگر رھ ڄاڻ وارن جي قريب،
ڄاڻ کي ڄاتو جني هردم اهي هوشيار ٿيا.

3: مَتِ نہ منهن تن ڪان جني جو مت نہ آهي ملڪ ۾،
مَت تني جي مان ملئي جي، پوءِ ٻيڙا پار ٿيا.

4: رمز رنديءَ راز کي ڪي رند پروڙن روز ٿا،
عشق جن آيو عجب، عاشق اهي اظھار ٿيا.

5: درد جن دل ۾ گهٽو دم دم اهي ديدار ڪن،
بي درد ڪئين پليل هتي بنهي اهي بيڪار ٿيا.

6. زور زوراور ڪئين هت زور نہ زاري هلي،
زور جن 'ضامن' ٿيا سي برھ جا بردار ٿيا.

4 جمادي الاول 1437ھ
12 فيبروري 2016
جمع رات محفل هلندي
مڪان تي

## ڪافي 179

ٿلهه: پڙهايو پرت مان اباڻن اکر،
پڇي شل تني جي، هتي پختي پر.

1. منان ڪين متجن پڪا ۽ پنهوار، ڏنائون پچين ات ڏوئرن جا ڏار،
سگهان سو نہ سانڍي سڪايل سنگر.

2. منڌا مر ۾ آهن ويچاريءَ جا وار، هتان آئي مارن جي آهي ميار،
پريشان پئي هت پُسان منجهه پگهر.

3. ملي ڪو جي اهڙو هتي خابرو، حقيقت وڃين ات ڪري روبرو،
لهن سار سگهڙي سڻي سپ خبر.

4. وٺا مينهن موڪون ڪري منجهه ملير، انئي پهر آهي مون اباڻن اُکير،
وڃين پس پيان ات ۽ پاڻي پلر.

5. نهاريان پيئي واٽ ان جي اجان، 'ضامن' پيئي سي ڪين قئيد مان،
وري شال گڏجان وڃين منجهه وڳر.

17 فيبروري 2016ع 8 جمادي الاول 1437هه
ميرپورخاص کان جيمس آباد ويندي
دوران سفر گاڏيءَ ۾

## ڪافي 180

ٿلهه: آهيان جني جي سام سام، ڪين ڇڏيندا،
ڪين ڇڏيندا پاڻ سان نيندا.

1. آئون ان جي آسري الا، هت هٿان پيئي هام هام،
ڪين ڇڏيندا.

2. رمز تني جو راز عجب ڪي، مرد پروڙن مام مام،
ڪين ڇڏيندا.

3. هت سڄان پيئي ڏيهه سڄي ۾، نالي ان جي نام نام،
ڪين ڇڏيندا.

4. ويري سمورن ڪي نه ورائي، ڪشي هٿن ڪا ڪام ڪام،
ڪين ڇڏيندا.

5. ’ضامن‘ اصلئون آهي ان جو خبر اها آ عام عام،
ڪين ڇڏيندا.

18/02/2016

خميس 2: 10 گهر اڌ ڪلاڪ ۾

## ڪافي 181

ٽل- الف اندر ۾ آس اباڻن بي بند خاني آهيان مان،
تي آ تن ۾ تات تني جي ٿي ثابت سور سٽايان مان.

1- جيم جيئان ڪيئن آئون ان ريءَ، هي هت هيٺا ٽيڙم حال،
خي اچ خواب ۾ ڏئم تني کي، دال نہ دل تان لاهيان مان.

2- ذال ذرو سي ڪين وساريان. ري هت روئي گذاريم رات،
زي ڪو زور هلي نہ منهنجو سين ڪيئن سينو ساهيان مان.

3- شين شروع ڪان بيوس آهيان، صئاد صبر سان رکيم سِير،
ضئاد سان ضامن پيندا سيئي، هيلا هت ٿي هلايان مان.

4- طئي آ طلب تني جي مونکي ظئي سي ظاهر مان ملن،
عين عجيب سي اچن اورانهون، غين سان غم مٽايان مان.

5- في فڪر هت آهي اهوئي قاف اچن سي ڪيئن قريب،
ڪاف ڪرم ڪن پنهنجو مونتي، لام نہ لوئي لاهيان مان.

6- ميم سي مارو ايندا، موٽي، نون سان نيئي نيندا نال،
واوَ سان ورندو واءُ سٽائو، هي سان هدايت پايان مان.

7- لا سان لاشڪ 'ضامن'پوندا آئون سڄان هت جن جي نام،
يي سان ياد اچن ٿا هرهر ٻول اهي ٿي ٻڌايان مان.

19 نومبر 2016
آچر رات مڪان تي
ڪلاڪ ڪن ۾

## ڪافي 182

ٿل: هيٺان ٿي پيا هڏ، سڄ تون سڌ، رهبر رسجان راهه ۾

1- الوميان اڄ سونهي آئون آهيان، ڪامون هجي متان ڪڏ.
سڄ تون سڌ.

2- الوميان، لهرن ڪيئي لوڙهيون، نه اڪري جاٽان اڏ،
سڄ تون سڌ.

3- الوميان، پاٽئون نيئي پاڻ سان، هن گوليءَ ڪي گڏ
سڄ تون سڌ.

4- الوميان، ڪانه ڪمائي مون ڪئي. تڏهن ڏڪان ٿو ڏڏ
سڄ تون سڌ

5- الوميان اچي سنيالج پاڻ هت، لاڪيٽا هيءَ لڏ
سڄ تون سڌ.

6- الوميان- ’ضامن‘ پيئي پاڻ تون هت نه هرگز ڇڏ
سڄ تون سڌ.

8 آگسٽ 2017
اڳارو شام
مڪان تي

## ڪافي 183

ٿلِ: آهي ڪن پل جو هيءُ ڪيل، صبوح سويل، موٽي مسافر ماڳ تون ويندين.

1- وري واپس ڪانهِ ڪا ايندي هاٽوڪي مند هيل. صبوح سويل، موٽي مسافر ماڳ تون ويندين.

2- ڪي تہ پيادا پنڌ ڪٽيندا، ڪي چڙهندا منجهہ ريل. صبوح سويل، موٽي مسافر ماڳ تون ويندين.

3- سڪيو سفر جي چاهين پوءِ هت، پورا ڪر مَ پيل صبوح سويل، موٽي مسافر ماڳ تون ويندين.

4- پاس ٿين ڪي پختا هت ٿا. باقي سيئي فيل، صبوح سويل، موٽي مسافر ماڳ تون ويندين.

5- نفس ندوري ڪي تہ نمائي ويريءَ سان ڪر ويل صبوح سويل، موٽي مسافر ماڳ تون ويندين.

6- ترت ڪري وٽ ’ضامن‘ پنهنجو متان ٿيئي اويل. صبوح سويل، موٽي مسافر ماڳ تون ويندين.

8 آگسٽ 2017
اڱارو شام
مڪان تي

## ڪافي 184

ٿل: موٽاءِ مارو مير، مونکي، واري واپس ملڪ ملير

1- ساريو سانگيئڙن کي، نڪرن لڪيان نير، مونکي.

2- ڪابو پيڙا ڪوٽ ۾، ظلمن جا تہ زنجير، مونکي.

3- ائئي پهر آهي هت، اباڻن جي اڪير مونکي.

4- تڏڙي ملڪ ملير جي، هاءِ لڳي ڪا هِير، مونکي.

5- پلر پيان ات پنهوارن سان، خوش ٿي ڏين ڪير، مونکي.

6- 'ضامن' پيئي ضعيف جا، پهچائن من پِير، مونکي.

7 مارچ 18، 10: 9

خميس رات مڪان تي 15/20 منٽ ۾ قاري فقير جي فرمائش تي.

## ڪافي 185

ٿلِ: رند پروڙن راز، راهوندن جي رمز جو.

1- اتي الله هوءَ جو، عاشق ڪن آواز.

2- امين محمد عشق جي، نيتي ات نماز.

3- جتي مڙن ٿا محبتي سڪ جو سوري ساز

4- پڳا حقيقي حال کي، موهيو جن مجاز

5- وند ملندئي واهه جو، نوڙت رک نياز.

6- 'ضامن' جن جا زور سي، پختو ڪن پرواز.

2 رجب 1439ھ

20 مارچ 2018

اڳاري جي شام ڪيرو ڪان هالا

شريف

دوران سفر، راهوند تي رکيل

مشاعري لاءِ

## ڪافي 186

ٽل: ڇڏ غفلت ٿيءُ هوشيار، اي بندا. اپٽي نيڻ نهار،
قالوبليٰ جا قول ڪيئي جي، پختا سي ئي پار. اي
بندا.

1: من پنهنجي ۾ مير نہ رکجان، ڪنهن سان ڪوئي وير نہ رکجان،
هاراڙي ڪا هيرنہ رکجان، پنهنجن سان رک پيار. اي بندا.

2: جيءَ ۾ ڪائي پاءِ تون جهاتي، تہ ڪيئن ڪٽين پيو هيءَ حياتي.
نيٺ تہ ٿيندين مري مماتي، اٿ ڪو ٻوٽو ٻار. اي بندا.

3: مڪر ڪريو تو ماڻهو منجهائين، ڪرت ڪري ڪا ڪين ڪمائين،
چاتون آهين چا تو چوائين، ويهي ڪر ويچار. اي بندا.

4: تولو ماسو ڪين ڪي آهين، پوءِ بہ پيو هٽ سير سڏائين،
پاڻ ئي پنهنجو پاڻ پڏائين، ڏيان ذرو ڪو ڌار. اي بندا.

5: هر ڪنهن ڪي ڏئين جيءَ ۾ جايون، پوءِ قبول ڪي پون ڪمايون،
قادر ميٺي ڪل ئي ڪچايون، ٻيڙا ڪري سو پار. اي بندا.

6: رکج سدائين صاف اندر تون، ڪٽجان ساري ساڻ ثمرتون،
زور وارو ڪو 'ضامن' ڪر تون، سوئي لهندئي سار. اي بندا.

4 رمضان المبارڪ 1440ھ
12 مئي 2019 آچر شام

## ڪافي 187

ٽل: هٿ پنهنجو پاڻ سنجاڻ، حياتي کيل نہ خالي ڇاڻ،
سينو سارو صاف رکي پوءِ، ڪيڄ نہ ڪنهن جي
ڪاڻ.

2: ياد خدا کي ڪر هر ويلي، آڏي مانجهيءَ صبح سويلي،
روئي رب جي آڏو اڪيلي، منزل ڪا تون ماڻ.

3: هر ڪنهن سان ڪريار ڀلائي، ڏسجان ڪنهن جي ڪين ڪچائي،
اندر ۾ تنهنجي جا اڳلائي، ڪڍ تون اها ڪاراڻ.

4: رنج رسامان روز ٿو ميڙين، هن سان جهيڙيو هن سان جهيڙين،
فتنا ڪيئن ٿو يار پکيڙين، ڇو نہ ڇڏين ڇڪتاڻ.

5: اهڙو ڪر 'ضامن' ڪو سگهارو، جيڪو سختيءَ ۾ ڏي سهارو،
تنهن سان ڪج احوال هي سارو، ان ڏي عرض اماڻ.

7 رمضان المبارڪ 1440ھ
13 مئي 2019
سومر شام
مڪان تي

## ڪافي 188

ٽل: گهٽائي ملڪ ۾ ماڻهو، منجهن انسان آ ڪوڪو،
ڇڏي پنهنجو فڪر ٻي جو ڪري ارمان آ ڪوڪو.

1: پيو ڪچ ڪوڙ جت ڪاهي، ٽڳي دولاب ۽ دوڪو
اتي سچ تي هلي جيڪو سو اهڙو جوان آ ڪوڪو.

2: فقيري نشن ۾ ڳولي، ٿيا موڳا موالي هٿ
لڪل جو لوڪ ڪان تن ۾، ملنگ مستان آ ڪوڪو.

3: منجهايا مولوين ڪيئي، پيا فرقن سندا فتنا،
منجهن صاحب شريعت جو، صحيءَ سلطان آ ڪوڪو.

4: فقيري ڦند ۾ ڪيئي ٿيا گمراھ گيڙوءَ ۾،
سچو صوفي هلي حق تي، علي الاعلان آ ڪوڪو.

5: اڪابر جڻ آهي هرڪو، جتي اڻ ڄاڻ ڄاڻو ٿيو،
ڪڏهن ات بہ هدايت تي، ڏري جو ڏيان آ ڪوڪو.

6: ٻين کي ڏي ڇڏي هاٽي، پروڙي پاڻ پنهنجو ڏس،
پروڙڻ پاڻ لاءِ، جيڪو رکي پئمان آ ڪوڪو.

7: پڇاڻو آ پڪو اهڙو، ڏڪن تا ڏڏ ڏوهاري جت،
اتي ’ضامن‘ ضمانت ڏئي، ڪري حيران آ ڪوڪو.

10 رمضان المبارڪ 1440ھ
16 مئي 2019 خميس شام
مڪان تي

---

رديف ۾ هيءَ ترميم قبلا جميل الزمان سائينءَ جن ڪئي.

گهٽائي ملڪ ۾ ماڻهو، منجهن انسان ڪو ڪوڪو،
ڇڏي پنهنجو فڪر ٻي جو ڪري ارمان ڪو ڪوڪو.

## ڪافي 189

ٿلهه: منهنجو نہ ڪوئي وس الا، مالڪ تنهنجي مرضي.

1. آئون اصل ڪان آهيان، بلڪل ئي بيوس الا.

2. هيٺي منهنجي حال تي، مان پوي تو ترس الا.

3. ويري وڙهن مون ساڻ جي، دشمن سيئي دس الا.

4. اڻ سونهون هت آهيان، لاءِ غلام ڪي گس الا.

5. باري تون ئي بچائجان، حرس ڪنان ۽ هوس الا.

6. ’ضامن‘ منهنجا جي ٿيا، پار تني جو پس الا.

24 جولاءِ 2019ع
اڌ ڪلاڪ ڪن ۾

## ڪافي 190

ٽِل: ننڊ ڪرڪا ننڊ ڙي ڪائي وٺي تون ڪنڊ ڙي

1: ننڊ ٿي ڪيئي ملڪ گھمائي، دلبر جو ديدار ڪرائي،
محبت جو هٽي منڊ ڙي.

2: غفلت جو جاڳڻ ٻه اجايو، غافل ننڊ ۾ ٻه ڪين ڪمايو،
رکج اندر ۾ اڪنڊ ڙي.

3: ڪن ته جاڳي ٻه ڪين ڪمايو، ڪن ته ستي آهي سبق
پرايو،
وٺج تني ڪان ونڊ ڙي.

4: مرد ويا جي پاڻ ملهائي، ننڊ عبادت ان جي آهي،
ٿيا چوڏهين جو چنڊڙي.

5: ظاهر ۾ جي 'ضامن' پيندا، سي ته ستي ٻه ڪين ڇڏيندا،
ٿيا ڪير ۾ جڻ ڪنڊ ڙي.

## ڪافي 191

ٽِل: اڄڪلهه خيال سڀ ڪنهن جا ڌار ڌار آهن،
ملندا گهٽئي مخالف، ٿورا ڪي يار
آهن.

1: پٽ پيءَ ڪي پڙهائي، اهڙو ٿيو وقت آهي،
هٽ ڪير ڪنهنجو ناهي، اهڙا آثار آهن.

2: دل تي ٿئي جي ميري، ڀاءُ ڀاءُ جو آ ويري،
دشمن جني مجيري سي هاري هزار آهن.

3: سمجهي نه ڪو سچائي، ڪو ڪونه حال پائي،
هرڪو آ جڻ توائي، نه ڪنهن ڪي ڪرار آهن.

4: سيکو گرو سڏائي، چيلو نه ڪو چوائي،
ڇا ات وڏو ڳالهائي، ڏڍا جي ٻار آهن.

5: 'ضامن' جو وٺ چوڻ ڪِي هوشيار هر گهڙيءَ ٿي،
آخير وقت جا هي، پختا ٿيا پار آهن.

17 نومبر 2019 ع

## ڪافي 192

ٿل: رهڻ جي ڳالهه هٿ آهي، سفر جي ڳالهه ڪانهي ڪا،
ڪپي جيڪو سفر ۾ تنهن، ثمر جي ڳالهه ڪانهي ڪا.

1. گهٽائي هٿ آهن اهڙا، ملائن ها ۾ ها جيڪي،
چپن جي ڳالهه تن جي آ، اندر جي ڳالهه ڪانهي ڪا.

2. ڪچهريءَ ۾ پيون جيڪي، هلن هٿ هُت، سنديون خبرون،
انتظاري هئي جا تنهن خبر جي ڳالهه ڪانهي ڪا.

3. مٿل هٿ جي هي درگاهون، وڪر ڪيئي وٺن ماڻهو،
مگر گهرجي وٺڻ جو ان وڪر جي ڳالهه ڪانهي ڪا.

4. رڳو ڪلفت پيئي ڪاهي، سهپ هٿ ڪانہ ا ڪنهن ۾،
هئڻ گهرجي جا اُلفت جي اڪر جي ڳالهه ڪانهي ڪا.

5. پريل گهر ۾ اڪثر ٿو، اڪيلو ٿي پوي ماڻهو،
آهن گهر اهڙا ڪيئي هڪڙي گهر جي ڳالهه ڪانهي ڪا.

6. ڏسن سيڪجهه پيا پر تا، ٻڌڻ ۾ ٿي پون ٻوڙا،

ٻڌڻ جي ڳالهه هيءَ آهي نظر جي ڳالهه ڪانهي ڪا.

7. فڪر تنهن کي پلا ڪهڙو، ڪيو اڳوات جنهن 'ضامن'،
سچي سڀ ڳالهه آ هٿ جي هنر جي ڳالهه ڪانهي ڪا.

12 شعبان 1441ھ
سومر 6 اپريل 2020
مڪان تي سوا ڪلاڪ ۾.

## ڪافي 193

ٿلهه: ساجهر ٿيءُ سجاڳ، مسافر، ماٺين من کو ماڳ- مسافر.

1. غافل وينو وقت وڃائين، جلدي هاڻ جاڳ- مسافر.
2. نفس ندورو نيث نمائي، وٺجان ان جي واڳ- مسافر.
3. بهتر ڀوڳ پلاون کان آ، پنهنجو سادو ساڳ- مسافر.
4. ريجهي راءِ ڏياچ پوي من، روح سان ڳائج راڳ- مسافر.
5. موچارو هٿ ملندو توکي، لاشڪ ڪوئي لاڳ- مسافر.
6. ورد ڪجائين هردم وينو، ورهه وار ويراڳ- مسافر.
7. جيڪر ٿهيو مشڪل لهندو، دل تي ڪوئي داڳ- مسافر.
8. 'ضامن' اٿئي زوراور جي، پوءِ پلو ٿئي پاڳ- مسافر.

24 شعبان 1441ھ
ڇنڇر 18 اپريل 2020
مڪان تي ڪلاڪ ڪن ۾

## ڪافي 194

ٿلهہ: اسين آهيون صوفي، رکون اندر صاف،
نہ ڪنهنجي شڪايت، نہ ڪنهنجي خلاف.

1. اسانکي ڪا تڪليف ڪنهن جي ڏني، هدايت جي ان لاءِ دعا ٿئون پني،
اسين روز ڪريون مخالف کي معاف.

2. اسين درد پنهنجا لڪائي هلون، پيا هر ڪنهين سان ڪلون ۽ ملون،
ڪيون ڪين ٻاهر هتي ڪائي ٻاڦ.

3. اسان تي نہ انجو اثر ڪو ٿئي، اسان لاءِ جيڪو پيو جيئن چئي،
ٿيو ڇا اگر ڪو هڻي لچ لاف.

4. مليل وات جا سا وٺيو پيا وڃون، هلي ساڻ ڪو يا اڪيلا هجون،
پلي ڪو اسان سان ڪري اختلاف.

5. اوهين سڀ رکو صاف پنهنجو اندر، ڪمايو اڳيان ڪم اچي جو وکر،
جتي ٿيندو سڀ سان ادا انصاف.

6. سگهارو آهي ساڻ 'ضامن' جڏهن، نہ پرواهہ ڪنهنجي ڪيون تا تڏهن،
حقيقت اهائي آهي هي ڪاف.

26/02/2022
ڇنڇر شام ڪمري ۾

## ڪافي 195

تلهه: ٿيا عشق جي راهن جا، ڪردار گهڻا آهن،
گمنام رهيا ڪيئي، نروار گهڻا آهن.

1. جا عشق جي چاڙهي آ، سا چڙهڻ آهي اؤکو،
ٿئي نظر ڪرم جن تي، ان لاءِ ٿئي سؤکو،
منٺار ٿئي ڪو ڪو، حبدار گهڻا آهن.

2. ان راهه تي جي هليا، سي ڪين ذرو پليا،
اهي ماڻي منزل کي، محبوبن سان مليا،
وس هر ڪنهن جو ناهي، اسرار گهڻا آهن.

3. ٿيو عشق جي مڪتب ۾، آ پاس ٿيڻ مشڪل،
رهبر جي رفاقت سان، ٿئي مشڪل سوئي حل،
ٿيا سمجهه وارا ڪي ڪي، بيڪار گهڻا آهن.

4. جن ساڻ آهي ’ضامن‘، نڪي راهه ۾ سي رڪجن،
گهٽ گهيڙ اچن اُڪري، پڪ پار اهي پهچن،
رڪي طلب جني تن لاءِ، وهنوار گهڻا آهن.

26/02/2022

آچر رات مڪان تي

4. ’ضامن‘ آهيو، ڏجو ضمانت،
هِتي هُتي هر وار، مٺا منٺار اچي هت.

جمع 29 ذوالحج 1443ھ
29 جولاءِ 2022
11:25 اڌ ڪلاڪ کن ۾ گهر

## ڪافي 196

ٿلهہ: ساجهر لهه ڪا سار، مٺا منٺار اچي هت،
منٺار اچي، دلدار اچي هت.

1. قول ڪيل چو، ڇڏيئي وساري،
پاڻ اچي سي پار، مٺا منٺار اچي هت.

2. توڏي ڪوئي، حرف نہ هڪڙو،
مونڏي سپ ميار، مٺا منٺار اچي هت.

3. قرب ڪري ڪو، پاڻ ئي پرچي،
هاڻ ملو هن وار، مٺا منٺار اچي هت.

4. انئي پهر هت، آهي اوهان جي،
تن ۾ ڏاڍي تار، مٺا منٺار اچي هت.

5. اؤڪا گهيڙ نہ، ڄاڻان اڪري،
تار مان تون ئي تار، مٺا منٺار اچي هت.

## ڪافي 197

ٿلهه: آهيان اوهان جي سام، هتي نه هرگز ڇڏجو.

1. ملڪ سڄي ۾، سڄڻ سائين،
نالي اوهانجي نام، هتي نه هرگز ڇڏجو.

2. پرم اچي ڪو، تنهن جو رکجو،
هٿ هٿون جا هام، هتي نه هرگز ڇڏجو.

3. جهيڙا جي تهڙا، آهيون اوهانجا،
نڪي ڪجو ناڪام، هتي نه هرگز ڇڏجو.

4. ست اچي سا، پختي پڙهايو،
مردن واري مام، هتي نه هرگز ڇڏجو.

5. ’ضامن‘ پيئي، ڪريو همراهي،
ڇتي ڳالهه ڇيام، هتي نه هرگز ڇڏجو.

جمع 29 ذوالحج 1443ھ
29 جولاءِ 2022ع

45: 11 اڱ ڪلاڪ ڪن ۾ گهر لکيم

# ڪافي 198

ٿلهه: جت نہ هلي ڪو گس، عشق اتائين ٿو گس لائي،
جتي عقل ٿئي بيوس، عشق اتائين ٿو گس لائي.

1. عقل جي منزل آهي اورانهين، عشق جي منزل يار مٿاهين،
نہ جنهن ۾ حرس هوس، عشق اتائين ٿو گس لائي.

2. عشق جڏهن منٺار تي آيو، تہ عقل اتي هر حيلو هلايو،
اچي ڏاهي ڏنس ات ڏس، پختو سبق هٿ پاڻ پڙهائي.

3. عجب عدالت عشق جي آهي، مخفي مام ٿي سا سمجهائي،
تر نہ ڪري ڪو ترس، نيئي منزل تي سا پچائي.

4. راهه ۾ ڪيئي رهزن آهن، هوندو ساڻ جي ظاهر ’ضامن‘،
تہ وڏا ڪري اهو وس، ويندو بگهڙن کان سو بچائي.

آچر 8 محرم الحرام 1444هه
7 آگسٽ 2022ع

صبح جو 5: 9 تي ڪلاڪ ڪن ۾
گهر لکيم

## ڪافي 199

تلھ: ادا ڪانگل ھتان اڏري، پرينءَ جي پار ڏي وڃ تون،
ڪٺي احوال ھيءُ سارو، مٺي منٺار ڏي وڃ تون.

1. چوان ٿو ڳالھ ھت جيڪا، چٽاري ات چئج ساري،
ڳچيءَ ۾ پاندڙو پائي، ادب سان يار ڏي وڃ تون.

2. متان وچ تي رھين ويھي، گھڻي ڪا دير نہ لائج،
ڪري دربان کي راضي، سڌو سرڪار ڏي وڃ تون.

3. ھلائي ات وڏا ھيلا، ڪجائين يار کي راضي،
خوشيءَ جي ڪا خبر آڻج، سگھو سردار ڏي وڃ تون.

4. چئج ھت واڳ ڪا واريو، ڪيو ھن ويل ھمراھي،
حقيقت ھيءَ ڪرڻ ساري، اڙين آڌار ڏي وڃ تون.

5. پڇاڙو آ پڪو ڏاڍو، آھيو ’ضامن‘ ضمانت ڏيو،
پڄائڻ عرض ھيءُ منھنجو، پرينءَ پڳدار ڏي وڃ تون.

15 محرم الحرام 1444ھ
14 آگسٽ 2022ع آچر
صبح جو ساڍي ستين ڪان ساڍي اٺين
تائين
دوران سفر
کپرو کان ميرپورخاص تائين لکائيندو
ويس

## ڪافي200

ٿلهہ: وڃين ڪانگل سگهو ورجان، ڪٽي دلدار جون خبرون،
ڏجان احوال سربستو، هِتي سڀ يار جون خبرون.

1. ڪجان جلدي وڃج جلدي، ڪري ڪوشش پڄج جلدي،
وري واپس ورج جلدي، سڻي سرڪار جون خبرون.

2. اتي احوال سڀ منهنجو، سڻائج حال سڀ منهنجو،
سڻي من سوال سڀ منهنجو، ڪري ڪي پيار جون خبرون.

3. ڳچيءَ ۾ پاندڙو پائي، اچج پرين ڪي پرچائي،
سڄڻ سهڻي ڪي سرچائي، ڏجا هِن پار جون خبرون.

4. ويهي اُت ڄاڻ سڀ ڄاڻج، نڪي ٻي طرف ڏي تاڻج،
عجب جهڙيون اتان آڻج، مٺي مڻٺار جون خبرون..

5. سندم ’ضامن‘ جتي آهي، وڃج تيڏانهن تون ڪاهي،
اچي واپس ڏجان ٿاهي، ملي مهندار جون خبرون.

14 آگسٽ تي حيدرآباد ويندي
ٿل لکيو هو 17 آگسٽ 2022ع
18 محرم الحرام 1444ھ اربع
ڏينهن
مڪان تي مڪمل ڪئي.